ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) چنڇر 17 جنوري 2026ع 27 رجب المرجب 1447ھ صفحا 6 - ملھ 30 رپيا شمارو (155)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

Daily Ibrat Karachi Saturday 17th January 2026
سال (18) چنڇر 17 جنوري 2026ع 27 رجب المرجب 1447ھ صفحا 6 - ملھ 30 رپيا شمارو (118)
Daily Ibrat Hyderabad Saturday 17th January 2026

افغان طالبان ۽ ٽي ٽي پي ۾ ڳنڍجوڙ جا ثبوت آهن، دهشتگردن کي هنڌي سمنڊ ۾ ٻوڙينداسين: وزيراعظم

دهشتگردي جو ناسور ٻيهر ڪر کڻي رهيو آهي، 2018ع وانگر دهشتگردي کي ٻيهر چيڀاٽي ڇڏينداسين، دهشتگردن کي پاڪستان جي سرحدن تان ڪڍي هنڌي سمنڊ ۾ ٻوڙيو ويندو

دشمن طرفان هر قسم جا وسيلا فراهم ڪيا پيا وڃن، سڀني مڪتب فڪر جي علمن جو هتي هجڻ سٺي ڳالهه آهي قومي ايڪي جي اڄ جيتري ضرورت آهي، اڳ شايد ڪڏهن نه هئي. ڳالهه ريهي معاملا طئي ڪرڻ جي ضرورت آهي

پاڪستان ٺاهڻ جو مقصد اهڙو خطو حاصل ڪرڻ هو جتي اسلام وڌي ويجهي، پاڪستان ۾ سمورن مذهبن کي پنهنجي طريقن سان عبادت ڪرڻ ۽ تهوار ملهائڻ جو حق آهي، پاڪستان ترقي ۽ خوشحالي جي منزل طرف روان دوان آهي

پاڪستان کي صحيح معنيٰ ۾ فلاحي ملڪ بڻائينداسين، قرضن مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻو آهي، غربت ۽ بيروزگاري جو خاتمو ڪرڻو آهي، اهو ڪم مشڪل آهي پر ناممڪن نه آهي، ان جي لاءِ اثرائتا طريقا اختيار ڪرڻا

پاڪستان الله تعاليٰ جو تحفو آهي، ڪڏهن به شرپسند ۽ منفي ذهنيت رکندڙن کي نقصان نه پهچائي سگهندا، خوارج جو دين اسلام سان ڪو تعلق نه آهي نه ئي اهي پاڪستان جا خيرخواهه آهن، اهي ملڪ جو امن تباهه ڪري رهيا آهن

دشمن جي هٿن ۾ کيڏي رهيا آهن، امت جي اتحاد جي لاءِ اسان سڀ گڏجي ڪوشش ڪري رهيا آهيون، اندروني ۽ ٻاهرين سمورين سازشن آڏو گڏجي بيهنداسين ۽ ملڪ کي امن جو گهوارو بڻائڻ ۾ حڪومت جو ساٿ ڏينداسين

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته افغان طالبان ۽ ٽي ٽي پي جي ڳٺ جوڙ جا جوڳا ثبوت موجود آهن قومي پيغام امن ڪميٽي جي ميمبرن سان ڳالهائيندي شهباز شريف چيو ته دهشتگردي جو ناسور ٻيهر ڪر کڻي رهيو آهي، 2018ع وانگر دهشتگردي کي ٻيهر چيڀاٽي ڇڏينداسين، دهشتگردن کي پاڪستان جي سرحدن تان ڪڍي هنڌي سمنڊ
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

خراب موسم سبب ملڪ ۾ 12 پروازون رد، 94 اڏامون ليٽ

نجف ڪان لاهور اينڊڙ پرواز آءِ اي 435 کي اسلام آباد ايئرپورٽ تي لاٿو ويو

لاهور ۾ قومي ايئرلائن جون ٻه پروازون پي ڪي 302 ۽ پي ڪي 303 رد ڪيون ويون

لاهور ڪان جده ۽ ابوظهبي ويندڙ ٻه پروازون به رد ٿي ويون آهن

اسلام آباد-گلگت قومي ايئرلائن جون اڄ جون چارئي پروازون رد ڪيون ويون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ملڪ ۾ جاري موسمي خرابي سبب هوائي آپريشن اڄ به شديد متاثر رهيو جنهن دوران 12 پروازون رد ڪيون ويون جڏهن ته هڪ پرواز کي متبادل هوائي اڏي تي لاٿو ويو ۽ 94 پروازون
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

شب معراج مسلم امت لاءِ الله تعاليٰ سان ويجهڙائپ جي عظيم علامت آهي: صدر آصف زرداري

انهي مقدس رات الله تعاليٰ پنهنجي محبوب نبي حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ کي عظيم الشان اعزاز عطا فرمايو

شب معراج تي مسلمان امت کي نماز جو تحفو عطا ڪيو ويو جيڪا خالق ۽ انسان جي وچ ۾ سڌوسنئون ۽ مسلسل تعلق قائم ڪري ٿي

اسان مان هر هڪ کي هڪ اهڙي رياست جي تعمير ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو جتي امن، صبر ۽ اخلاقي قدر اسان جي قومي سڃاڻپ هجڻ

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته شب معراج جو برڪتن وارو موقعو پوري مسلمان امت جي لاءِ روحاني بلنديءَ ڪامل ايمان ۽ الله تعاليٰ سان ويجهڙائپ جي عظيم علامت آهي ان مقدس رات الله تعاليٰ پنهنجي محبوب نبي حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ کي اهو عظيم الشان اعزاز عطا فرمايو جيڪو انساني فهم کان مٿي آهي ۽ جيڪو اهل
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

سپريم ڪورٽ پاران وفاقي سروس ٽربيونل جو 3 جولاءِ 2024ع جو فيصلو ڪالعدم قرار

اڳوڻن ملازمن کي مڪمل پينشن جا فائدا ڏيڻ جو حڪم، سپريم ڪورٽ طرفان 3 رڪني بينچ ٻڌايو ڪئي

اها درخواست به رد ڪريون ٿا ته درخواستگذار 13 سالن جي دير سان پينشن لاءِ درخواست ڏني، ان لاءِ هو حقدار ناهي

سپريم ڪورٽ وفاقي سروس ٽربيونل ۽ لاڳاپيل اداري جي فيصلي کي غلط فهمي قانون تي ٻڌل قرار ڏيندي درخواست کي اپيل ۾ تبديل ڪري منظور ڪري ورتو

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ آف پاڪستان سرڪاري ملازمن جي حق ۾ فيصلو ٻڌائيندي قرار ڏنو آهي ته پينشن ڪا رعايت يا خيرات ناهي پر هڪ آئيني ۽ قانوني حق آهي جنهن کي رڳو دير سان
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

لاهور: جامع مسجد باب الاسلام کي شب معراج جي سلسلي ۾ روشنين سان سينگاريو ويو آهي

شب معراج اسان کي الله پاڪ سان پنهنجو تعلق مضبوط ڪرڻ جو سبق ڏئي ٿي: بلاول ڀٽو

هي رات انسانيت لاءِ اهو سبق ڪڍي اچي ٿي ته هر آزمائش جي گهڙي ۾ الله پاڪ جي رحمت اميد، وقار ۽ رهنمائي جا در کولي ٿي

روزمره زندگي ۾ رحم، انڪساري ۽ درگذر کي اختيار ڪرڻ به شب معراج جو اهم درس آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري شب معراج جي بابرڪت موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ پاڪستاني قوم سميت سڄي امت مسلمه کي دل جي گهراين سان واڌايون ڏنيون آهن
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

سينيٽ جو اجلاس سومر شام 4 وڳي تائين ملتوي

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ جو اجلاس
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

اليڪشن ڪميشن اسلام آباد ۾ مڪاني چونڊن جو شيڊيول واپس وٺي ڇڏيو

حڪومت 10 جنوري تي اسلام آباد لاءِ بلدياتي حڪومت ترميمي آرڊيننس جاري ڪيو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اليڪشن ڪميشن وفاقي گاديءَ واري شهر ۾ مڪاني چونڊن جو شيڊيول واپس وٺي ڇڏيو
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جو سنڌ ۾ ٽن ڏينهن وارو دورو اڄ کان شروع

محمود خان اڇڪزئي جي قيادت ۾ وفد ۾ علامه راجا ناصر عباس ۽ اڳوڻو اسپيڪر اسد قيصر به شامل

هي دورو بنيادي طور تي 8 فيبروري تي ملڪ ۾ ٿيندڙ احتجاج ۽ هڙتال جي تيارين جي سلسلي ۾ ڪيو پيو وڃي

قيادت ڪراچي سميت سنڌ جي مختلف علائقن جو دورو ڪندي، جتي هو سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي عوامي جلسن ۾ شرڪت ڪندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جو سنڌ ۾ ٽن ڏينهن وارو دورو اڄ کان شروع ٿي رهيو آهي جيڪو تحريڪ جي سربراهه محمود خان اڇڪزئي جي قيادت ۾ ڪيو پيو وڃي. وفد ۾
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

محمود خان اڇڪزئي مخالف ڌر جو اڳواڻ مقرر

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

سينيٽ قانونسازي ذريعي جمهوري نظام کي وڌيڪ مضبوط بڻائيندو: وقتي صدر

عابد شير علي هڪ تجربيڪار سياستدان آهي جنهن جي سينيٽ ۾ نمايان بهتري ايندي

اسلام آباد (اي پي پي) وقتي صدر سيد يوسف رضا گيلاني اميد جو اظهار ڪيو آهي ته سينيٽ عوامي مفاد ۾ موثر
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

اي او بي آءِ ۽ ڊبليو ڊبليو ايف صوبن حوالي ڪرڻ سان محنت ڪشن کي نمايان فائدا ملندا: وڏو وزير

جاري قانوني تڪرارن سبب اهي فنڊ اثرائتي نموني استعمال نٿا ٿي سگهن، چوڻ نه وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون انهن تي قادر ناهن

مزدورن جي فلاح ۽ بهبود بابت معاملن کي نبيڙڻ لاءِ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن وچ ۾ لڳاتار رابطي جي اهميت آهي: چوڌري سالڪ

ملاقات ۾ وفاقي حڪومت ۽ سنڌ حڪومت وچ ۾ صلاح مشوري جو عمل جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سمنڊ پار پاڪستانين ۽ انساني وسيلن جي ترقي بابت وفاقي وزير چوڌري سالڪ حسين سان ملاقات ڪئي جنهن دوران سمنڊ پار
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وفاقي وزير چوڌري سالڪ حسين وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان ڳالهائي ڪري رهيو آهي

سينيٽ اجلاس ۾ ڪالهه نئين چونڊيل ميمبر عابد شير علي پنهنجي عهدي جو حلف کڻي ورتو

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ اجلاس ۾ ڪالهه نئين چونڊيل سينيٽر عابد شير
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

آمريڪي رياست اوريگون جي سمنڊ ويجهو 6.1 جي شدت جو زلزلو

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي رياست اوريگون جي ساموندي حدن ويجهو 6.1
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

گوشوارا جمع نه ڪرائڻ تي ڄام سيف الله ڌاريجو، عامر مڳسي، امير علي شاهه جيلاني ۽ ٻيا معطل

عبدالحڪيم بلوچ، صادق افتخار، ارشد عبدالله ووهرا، خالد مقبول صديقي، مهرين ڀٽو ۽ ٻيا معطلي واري لسٽ ۾ شامل

عبدالرؤف ڪوسا، شهباز دراني، برهان چانڊيو، اويس قادر شاهه قائم علي شاهه، دراز شوڪت راڄپر جا نالا به فهرست ۾ موجود

غلام دستگير، علي حسن زرداري، ڄام شبير علي، پارس ڏيرو، تيمور ٽالپر، ڄام خان شورو، زبير جوڻيجو، سعيد غني به گوشوارا جمع نه ڪرايا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان پاران سينيٽ، قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن کي گوشوارا جمع ڪرائڻ جي مهلت ختم ٿيڻ تي اڪثر ميمبرن پنهنجا
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

عدالت پاران اوگرا کي پنهنجن فيصلن تي عملدرآمد ڪرائڻ جي هدايت

ايس ايس جي سي اوگرا جي حڪمن باوجود عمل نٿي ڪري: وڪيل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ سرجاني ٽائون جي وڏي رهائشي اسڪيم ۾ قاعدن جي ڀڃڪڙي ڪندي گئس ڪنيڪشن فراهم ڪرڻ خلاف داخل درخواست تي ٻڌڻي ٿي ٻڌڻي دوران اوگرا
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

سنڌي ادبي سنگت ڪراچي شاخ جي دستوري گڏجاڻي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌي ادبي سنگت ڪراچي شاخ جي دستوري گڏجاڻي آرٽس ڪائونسل ڪراچي جي گل رنگ
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

سنڌ جو واحد فئملي ڊائجسٽ هزارداستان جنوري 2026ع جو شمارو
هن شماري ۾ پڙهندا

عالمي ادب مان
پائر — چارنسٽجرن جارنسن.
قاتل نچ — چيخوف.
جوڳيائي — ڪرشن چندر
طبعزاد نڪور ڪهاڻيون
آچار سومار ۽ ڪارڙي - پرويز
بيلو — يار محمد چانڊيو
چپ جي قبرستان ۾ — نسرين سيد
ڪمرو هوا ۽ آئينو — مشتاق گوپانگ
ڊاڪٽر جوڳين — اصغر جمالي
نوري — اقرا قمبراڻي
پاڇن ڪان اڳتي — بنگل زينڊپور
سنڌي ادب جي خزاني مان چونڊ ڪهاڻيون
بدمعاش — جمال ابڙو
مرڪ تي منع — سندري اتم چنداڻي
ڪارو ٽڙ — غلام نبي مغل
ويراڳي — غلام رسول پرهياڙ
ٽياڪڙ — ايوب عمراڻي
ساهن جا پيرا — شاهده ڪوڪر
گستاخي معاف — اسماعيل سليم
غلام حسين رنگريز جي آتم ڪٿا
موراڪو جا ماڳ - مراڪش جو سفرنامو
خوشبو خوشبو خيال
هر هنڌ موجود
ڪوتانگر:
علي دوست عاجز، وسيم سومرو، ساحر راهو، امتياز عادل سومرو، شبانه عالماڻي، حافظ عبد چنا، راشد گل گاڏهي، غفار ميمڻ، زخمي زاهد سهارڻ، طارق امام جوڻيجو، انور سانول، معشوق مُحسن ابڙو، فاروق رضا لوهار، وفا رياض احمد لورڙ، علي اڪبر چانگ، ارشاد 'ناز' سومرو، نسرين سيد، شميم سومرو، دوست علي احمداڻي، اطهر منگي، ستار بادل بخاري، ساحل لطيف قريشي،پنهل، جلال شيخ، گلزار احمد درس، ناز ربڏنو خاصخيلي، عبدالرحيم عبد ڪنير، حڪيم پريم چانڊيو ، سڪندر علي پسيو، عبدالحميد جسڪاڻي، ذاڪر جروار، غلام رسول گل، اڪبر عارباڻي، تنها سخاوت شيخ، عبدالخالق 'اسير'، صادق لاشاري، گل حسن ساگر ڪوري، سميع ساجد جوڻيجو، اسير اياز چنه، ممتاز علي ٿرواسي، امر ڪنري، آزاد خاصخيلي، اسد علي رتڙ، غلام نبي اوٺو، اختيار علي خاصخيلي، اداسي عبدالقادر ننڊواڻي، امر جليل جوڻيجو، غلام آدرش، رحيم راهمون، حسيب رجيرو، باغي محسن، ڊاڪٽر قادر بخش مگسي، وفا جانوري، وفا گل محمد جمالي، مسرور ملاح ، ديدار ديوانو گاڏهي، ديدار شاد گوپانگ، خيال ڪنري، شيخ نياز، ڄام آدرش، فقير محمد سنڌي، سڪندر سرواڻ، اميد علي جاکرو، پيار علي پريمي، خير محمد گهنيو، جيئند علي مهر، مجيد نواز مغل، غلام علي ڪانڌڙو، عبدالغفور ٻڙدي، عبدالغني شر، جان محمد شيخ قبائي ۽ ٻين جي نڪور شاعري.
پنهنجي ڪاپي روزاني عبرت جي هاڪر کان اڄ ئي خريد ڪري وٺو، نه ته پوءِ ميار ڪار نه آهي

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف وزيراعظم صحت ڪارڊ ورهائي رهيو آهي

اسلام آباد، آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي شهرين لاءِ وزيراعظم صحت ڪارڊ پروگرام جاري

ڪمزور طبقي جو سهارو بڻجڻ رياست جي ذميواري آهي، علاج ۽ صحت جون سهولتون حاصل ڪرڻ عوام جو بنيادي حق آهي: وزيراعظم

علاج ۽ صحت جون سهولتون حاصل ڪرڻ هر شهري جو بنيادي حق آهي، حڪومت عوام کي انهن جي در تي اهي سهولتون فراهم ڪري رهي آهي

اسلام آباد، آزاد جموں ۽ ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي پائڻ ۽ ڀينرن جي لاءِ وزيراعظم صحت ڪارڊ جاري ڪيو پيو وڃي: تقريب کي خطاب

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف وفاقي گاديءَ واري شهر اسلام آباد، آزاد جموں ۽ ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي شهرين جي مفت علاج جي لاءِ وزيراعظم صحت ڪارڊ پروگرام جاري ڪندي چيو آهي ته وزيراعظم صحت ڪارڊ جاري ڪرڻ عوامي ڀلائي جي عزم جو تسلسل آهي علاج ۽ صحت جون سهولتون حاصل ڪرڻ عوام جو بنيادي حق آهي، رياست جي ذميواري آهي ته اها ڪمزور
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

وينزويلا جي اپوزيشن اڳواڻ پنهنجو نوبل امن انعام صدر ڊونلڊ ٽرمپ کي ڏئي ڇڏيو

واشنگٽن (اي پي پي) وينزويلا جي اپوزيشن اڳواڻ ماريا ڪورينا ماچادو پنهنجو نوبل امن انعام آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ کي ڏئي
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪراچي پورٽ جي ڪياماڙي ويسٽ وهارف ۾ باهه، 20 کان وڌيڪ ڪنٽينر سڙي ويا

جنهن ڪنٽينر ۾ باهه لڳي هئي ان ۾ ڪپڙا هئا، جڏهن ته ٻين ڪنٽينرن ۾ مختلف قسم جا سامان هئا

صورتحال وڌيڪ حساس آهي ڇاڪاڻ ته ڪجهه ڪنٽينرن ۾ خشڪ ڪيميڪل، بيٽريون ۽ ليٿيم بيٽريون آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي پورٽ جي ڪياماڙي ويسٽ وهارف ۾ ڪنٽينرن کي لڳل باهه تي 30 سيڪڙو ضابطو آندو ويو آهي. ريسڪيو 1122 جي ترجمان موجب شروعاتي معائني مان ظاهر ٿئي ٿو ته 20
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ويسٽ وهارف ۾ بيٺل ڪنٽينرن کي لڳل باهه جو ڏيک

صدر آصف زرداري پاران سعودي شهزادي هند بنت سعود بن عبدالعزيز آل سعود جي لاڏاڻي تي گهري ڏک جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري سعودي شهزادي هند بنت سعود بن
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

وقتي صدر سيد يوسف رضا گيلاني سان حافظ حسين احمد مدني ۽ نوابزاده سردار رفيق عباسي جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) وقتي صدر سيد
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

شب معراج تي خصوصي دعائون ڪيون وڃن: وزيراعظم

اها رات مسلمان امت لاءِ عظيم الشان روحاني ۽ ايماني اهميت رکندڙ آهي

دعا آهي ته الله پاڪستان کي امن ۽ استحڪام ۽ ترقي جو قلعو بڻائي ڇڏي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف قوم کي اپيل ڪئي آهي ته شب معراج جيڪا عظيم الشان روحاني ۽
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

يمن جي وزيراعظم استعيفيٰ ڏئي ڇڏي، پرڏيهي وزير نئون وزيراعظم مقرر

وزيراعظم سالم صالح بن بريڪ صدارتي قيادت ڪائونسل جي چيئرمين راشد العليمي سان ملاقات ڪئي

پرڏيهي وزير ڊاڪٽر شائع محسن زنداني کي وزيراعظم مقرر ڪيو ويو آهي: سرڪاري ٽي وي تي اعلان

صنعا (اي پي پي) يمن جي وزيراعظم جي استعيفيٰ کان پوءِ سندس جاءِ تي ملڪ جي پرڏيهي وزير کي وزيراعظم مقرر ڪيو ويو
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

سيڪيورٽي فورسز خارجن ۽ دشمن جي وڏي ڪارروائي ناڪام بڻائي ڇڏي: فضل چوڌري

40 دهشتگردن تي ٻڌل نيٽ ورڪ جن ۾ اڪثر غير ملڪي هئا پاڪستان جي محافظن سامهون ٽڪي نه سگهيا

پاڪستان جي سرزمين تي دهشتگردن جي ڪابه گنجائش ناهي، سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون هميشه ياد رهنديون

اسلام آباد- (اي پي پي) پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو آهي ته دشمن خارجن ۾ وڏي انگ سان
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: قومي اسيمبلي جو اسپيڪر سردار اياز صادق مخالف ڌر جي اڳواڻ جو نوٽيفڪيشن مخالف ڌر جي اڳواڻن حوالي ڪري رهيو آهي

شب برات جي موقعي تي صوبي ۾ امن امان يقيني بڻائڻ جي هدايت

مسجدن، امام بارگاهن، درگاهن ۽ عبادت جي ٻين ڪليدي هنڌن جي سيڪيورٽي سخت

داخلي ۽ خارجي رستن تي سخت اسڪريننگ، گاڏين ۽ ماڻهن جي مڪمل چيڪنگ

پوليس اهلڪار مقرر ڪري مشڪوڪ سرگرمين تي ڪڙي نظر رکي وڃي: آءِ جي سنڌ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انسپيڪٽر جنرل آف پوليس سنڌ جاويد عالم اوڍو شب معراج جي موقعي تي صوبي ڀر ۾ امن امان کي
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

اي چالان سسٽم ۽ ڪيمرن جي مانيٽرنگ سبب ٽريفڪ حادثن ۾ نمايان گهٽتائي

پوليس آپريشنز دوران جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال سان اهم ڪاميابيون حاصل

ڊجيٽلائيزيشن جي عمل سان پوليس جو ڊيٽيڪشن ريٽ نمايان طور بهتر ٿيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انسپيڪٽر جنرل آف پوليس سنڌ جاويد عالم اوڍو جي صدارت هيڊ سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

شهزادي زارا آغا خان ٽن ڏينهن جي دوري تي ڪراچي پهچي وئي

سيد ذوالفقار علي شاهه ايئرپورٽ تي پرنسس زارا آغا خان جو استقبال ڪيو

پرنسس زارا آغا خان سنڌ حڪومت جي گرمجوش استقبال ۽ مهمان نوازي تي ٿورا مڃيا

آغا خان خاندان جون خدمتون سنڌ سميت پوري ملڪ لاءِ انتهائي اهم آهن: ذوالفقار شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پرنس ڪريم آغا خان جي صاحبزادي شهزادي زارا آغا خان ٽن ڏينهن جي دوري تي ڪراچي پهچي وئي
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ٽيڪس اوڳاڙي سان وفاق جي ڪارڪردگي صوبن کان بهتر آهي: وفاقي حڪومت

جون 2028ع تائين اها جي ڊي پي جي شرح سان ٽيڪسن جي شرح 15 سيڪڙو تائين پهچي ويندي

مالي 2025ع جي دوران وفاقي حڪومت 13 ٽريلين روپين کان وڌيڪ ٽيڪس ۽ ٻيون اوڳاڙيون جمع ڪيون

اٿائي ملڪن سان ڀيٽ ڪئي وڃي ته ملائيشيا ۽ فلپائن ۾ جائيداد تي ٽيڪس وصولي جي ڊي پي جي 0.5 سيڪڙو جي برابر آهي

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي واري وفاقي صلاحڪار خرم شهزاد چيو آهي ته ٽيڪس وصولي جي حوالي سان وفاق جي ڪارڪردگي صوبن کان بهتر آهي وسيلن جي ورڇ ۽ ماليائي وفاقيت تي بحث ڪندي
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

پارٽي فورسز هٿان 9 وڌيڪ پاڪستاني مهاڻا گرفتار

تحويل ۾ ورتل هوڙي جو نالو المدينه ۽ گرفتار سمورن مهاڻن جو تعلق ڪراچي سان آهي

محمد ادريس، محمد يوسف، فريد اسلم، محمد حسين، ابراهيم، محمد شاهد گرفتار ٿيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پارٽي حڪومت طرفان انساني حقن جي هڪ ڀي سنگين ڀڃڪڙي، پارٽي ڪوسٽ گارڊ 9 پاڪستاني
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وقتي صدر يوسف رضا گيلاني سان نئون چونڊيل سينيٽر عابد شير علي ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪورنگي ۾ پوليس ۽ ڌاڙيلن ۾ مقابلو هڪ جوابدار مارجي ويو

مارجي ويل جوابدار جي سڃاڻپ شهريار احمد پٽ شبير احمد جي نالي سان ٿي

30 بور پستول، رائونڊ، 9,500 رپيا نقد، 3 موبائل فون ۽ 3 پرس هٿ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ڪورنگي نمبر 4 ڪلو چوڪ تي الله راضي نالي برياني ويجهو پوليس ۽ جوابدارن جي وچ ۾
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

مزاحمت ڪانپوءِ به مفاهمت ئي واحد رستو آهي، ملڪ خاطر ڳالهيون ضروري آهن: شاهه محمود قريشي

عمران خان ڳالهين جو اختيار محمود خان اڇڪزئي کي ڏنو آهي ۽ هو ئي بهتر فيصلو ڪري سگهي ٿو: پي ٽي آءِ رهنما

افغانستان جي خوشحالي جو رستو پاڪستان سان جڙيل آهي، هو استحڪام چاهي ٿو ته ان کي پاڪستان سان سٺا لاڳاپا رکڻا پوندا

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ شاهه محمود قريشي چيو آهي ته ملڪ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ڳالهه ٻولهه ضروري آهي ۽ مزاحمت ڪانپوءِ به مفاهمت ئي واحد رستو آهي. اسلام آباد جي دهشتگردي ڪوڙٽ عدالت ۾ صحافين سان غير رسمي ڳالهه ٻولهه دوران شاهه محمود قريشي چيو ته عمران خان
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي 8 ڪنٽونمينٽ سميت ملڪ جي 42 ڪنٽونمينٽ حلقن ۾ تڪبندي جو اعلان

ملير، ڪورنگي ڪريڪ، فيصل، ڪراچي، منوڙو ڪلفٽن، حيدرآباد ۽ پنوعاقل جي واردن ۾ تڪبندي ڪئي ويندي

19 جنوري کان 2 فيبروري تائين انتظام، تربيت، نقشن ۽ ڊيٽا کي حتمي شڪل ڏني ويندي، حتمي لسٽ 20 اپريل تي مڪمل ٿيندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان پاران سنڌ جي 8 ڪنٽونمينٽ سميت ملڪ جي 42 ڪنٽونمينٽ حلقن ۾ تڪبندي جو اعلان سنڌ جي ڪنٽونمينٽ
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: سماجي تنظيم پاران مستحق عورتن ۾ سوڙون ورهايون پيون وڃن

سينيٽ ۾ سينيئر برگيڊيئر (ر) جان ڪينيڊي وليمز جي خدمتن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ جي قرارداد منظور

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ جي اجلاس
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مبينه مقابلي ۾ مارجي ويل جوابدار جي وارثن پاران درخواست داخل

پاءِ کي گرفتار ڪري 30 لک رپيا ڀنگ وٺي وري به ڪيس ماريو ويو: درخواست

ٻئي پاءِ ساجد کي منشيات جي ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسايو ويو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ايس آءِ يو پوليس پاران مبينا جعلي مقابلي ۾ جوابدار سخي الرحمان جي موت هلچل پيدا
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

وفاقي آئيني عدالت سپر ٽيڪس بابت ڪيس جي ٻڌڻي 19 جنوريءَ تائين ملتوي ڪري ڇڏي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

زيد پيرزادي جي ٻن ڪتابن "مثبت سوچ ۽ سمجهه" جي مهورت

زيد پيرزادي جي ڪتابن لکڻ لاءِ هڪ وڏي جاڪوڙ ۽ مطالعو ڪيو آهي: مهتاب اڪبر راشدي

ليکڪ پنهنجي ڪتابن ۾ اهم ۽ ضروري موضوعن جي چونڊ ڪئي آهي: مدد علي سنڌي

زيد پيرزادو جو وڏو اعزاز اهو آهي ته هو انور پيرزادو جو نينگر آهي: محمد علي پٺاڻ

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي جي لوڪ ورثو ڪميٽي طرفان ناميارو ليکڪ ۽ شاعر زيد پيرزادو جي ٻن ڪتابن " مثبت سوچ ۽ سمجهه" جي مهورت منعقد ڪئي
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: بورڊ آف انويسٽمينٽ جو وفاقي وزير قيصر احمد شيخ گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جا اڳواڻ هاءِ ڪورٽ بار جا مهمان ٿيندا

پروگرام سومر جي ڏينهن صبح جو 11 وڳي نئين بار روم ۾ منعقد ٿيندو

محمود خان اڇڪزئي، راجا ناصر عباس، اسد قيصر ۽ سيد زين شاهه شريڪ ٿيندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن ڪراچي طرفان جاري ڪيل اهم نوٽيس موجب ملڪ ۾ آئين جي
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

سائين جي ايم سيد جي 122 هين سالگرهه قومي جوش سان اڄ ملهائي پئي وڃي

سن ۾ سالگره جا 5 ڏار ڏار جلسن جون تياريون مڪمل، سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي طرفان درياهه واري بنگلي جي سالگره گرائونڊ تي جلسو ٿيندو

زين شاهه جي صدارت ۾ ٿيندڙ جلسي ۾ محمود خان اڇڪزئي، اسد قيصر، راجا ناصر عباس، مصطفيٰ نواز ڪرڪر ۽ ٻيا شريڪ ٿيندا

جسقم طرفان چيئرمين صنعان خان قريشي آڪاش ملاح فقير رمضان ڪلوڙ رمضان خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ ڪارڪن مارچ ڪري پهچندا

جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي، جيئي سنڌ محاذ، جيئي سنڌ تحريڪ ۽ ٻين پارٽين جا اڳواڻ پڻ جلسن ۾ شرڪت ڪندا

مانجهند (ن-ع) سن ۾ جديد قومپرست سياست جي باني قومي رهبر سائين جي ايم سيد جي 122 هين سالگرهه قومي جوش سان اڄ ملهائي پئي وڃي جنهن ۾ سالگره جا 5 ڌار ڌار جلسن جون تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي طرفان سيد جي درياهه
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

قادري هائوس مان گرفتار ڪيل ملزم شهباز جي ضمانت منظور

عدالت ملزم کي ٻنهي ڪيسن ۾ ٻه ٻه لک رپين جا مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انسداد دهشتگردي عدالت پوليس مقابلي ۽ اسلحه برآمدگي وارن ڪيسن جي ٻڌڻي دوران عدالت سني
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ناولن جي ترجمي لاءِ سنڌ حڪومت کي هڪ الڳ ادارو کولڻ گهرجي: نور الهدا شاهه

سانگهڙ، پڙاڏو سوڙهي سڏ، هر اوسٽ ۽ موهن جو دڙو، ڪالو بلا ۽ ٻيا ڏائفور ناول موجود آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) رائيٽرس اينڊ ريڊرس
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 | اڏامون ليٽ

مختلف وقتن تائين دير جو شڪار ٿي ويون آهن. فلائيٽ شيڊول موجب نجف کان لاهور ايندڙ پرواز آءِ اي 435 کي خراب موسم سبب اسلام آباد ايئرپورٽ تي لاٿو ويو. لاهور ايئرپورٽ سڀ کان وڌيڪ متاثر رهيس جتي لاهور-ڪراچي قومي ايئر لائن جون ٻه پروازون پي ڪي 302 ۽ پي ڪي 303 رد ڪيون ويون ان کان علاوه لاهور کان جده ۽ ابوظهبي ويندڙ ٻه پروازون به رد ٿي ويون آهن. فلائيٽ شيڊول موجب ڪراچي-اسلام آباد جي وچ ۾ نجي ايئر لائن جون ٻه پروازون پي اي 200 ۽ پي اي 201 رد ڪيون ويون جڏهن ته نجي ايئر لائن جي لاهور-شارجه روٽ تي ٻه ٻه پروازون رد ٿيڻ جو شڪار ٿيون آهن اسلام آباد-گلگت قومي ايئر لائن جون اڄ جون چارئي پروازون رد ڪيون ويون آهن.

بقايا 2 | آصف زرداري

ايمان جي لاءِ هدايت جو سرچشمو بڻيل رهندو. صدر آصف علي زرداري اهڙن خيالن جو اظهار شب معراج جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ ڪيو. هن چيو ته معراج واقعو انسان کي اهو سبق ڏي ٿو ته پختي ايمان، صبر ۽ اطاعت جي ذريعي انسان بلند ترين اخلاقي ۽ روحاني درجن تائين پهچي سگهي ٿو هي انسان کي اهو به ياد ڏياري ٿو ته آزمائشون ۽ مشڪلاتون عارضي هونديون آهن جڏهن ته الله تعاليٰ جي رحمت ۽ نصرت سدائين قائم رهندي آهي. صدر چيو ته شب معراج تي مسلمان امت کي نماز جو تحفو عطا ڪيو ويو جيڪا خالق ۽ انسان جي وچ ۾ سڌوسنئون ۽ مسلسل تعلق قائم ڪري ٿي نماز رڳو عبادت نه آهي پر اهو نظم ۽ ضبط، ڪردارسازي ۽ گڏيل ذميواري جي احساس جو ذريعو آهي جيڪا هڪ منصفاڻي ۽ متوازن معاشري جو بنياد فراهم ڪري ٿي.

بقايا 3 | وزيراعظم

۾ بوڙيو ويندو هن چيو ته افغان طالبان ۽ ٽي ٽي پي جي گٺ جوڙ جا جوڳا ثبوت موجود آهن ۽ دشمن طرفان کين هر قسم جا وسيلا فراهم ڪيا پيا وڃن شهباز شريف جو چوڻ هو ته سيني مڪمبر فڪر جي علمن جو هجڻ هجڻ سلي ڳالهه آهي قومي ايڪي جي اڄ جيتري ضرورت آهي اڳ شايد ڪڏهن نه هئي. گڏ ويهي معاملا طئي ڪرڻ جي ضرورت آهي. وزيراعظم محمد شهباز شريف ملڪ مان غربت، بيروزگاري جي خاتمي قرضن مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ۽ دهشتگردي کي پاڙ کان پٽي اڇلائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪندي چيو آهي ته قومي اتحاد ۽ يڪجهتي جي جيتري ضرورت اڄ آهي اڳ ۾ نه هئي، ملڪ ۾ دهشتگردي جي لعنت ٻيهر ڪر کنيو آهي. خوارج ٽي ٽي پي ۽ ٽي ٽي اي جو گٺ جوڙ آهي. اسان جي دشمن جي ذريعي انهن کي وسيلا پهچي رهيا آهن. دهشتگردي کي پاڪستان جي سرحدن تان ڪٽي بحرهند ۾ بوڙي ڇڏينداسين. سمورن مذهبن جي پيروڪارن کي پنهنجي طريقن سان عبادت ۽ تهوار ملهائڻ جو پورو حق آهي. الله تعاليٰ پاڪستان کي جيڪي وسيلا عطا ڪيا آهن آهي شايد ئي ڪنهن ملڪ وٽ هجن. وسيلن کي جيڪڏهن استعمال ڪريون ته اسان جا سمورا مسئلا ختم ٿي ويندا. معرڪ حق ۾ پاڪ فوج دشمن کي اهڙو سبق سيکاريو جيڪو رهندي دنيا تائين نه وسرندو. اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪالهه جمعي ڏينهن قومي پيغام امن ڪميٽي جي ميمبرن سان ڳالهائيندي ڪيو. ان موقعي تي اطلاعات ۽ نشريات وارو وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ گهرو معاملن وارو مملڪتي وزير طلال چوڌري ۽ ٻيا عملدار پڻ موجود هئا. وزيراعظم چيو ته قومي پيغام امن ڪميٽي جي ميمبرن کي دل جي گهرائين سان ڀليڪار چوان ٿو اها انتهائي خوش آئنده ڳالهه آهي ته قومي پيغام امن ڪميٽي هڪ اهڙو ڪردار ادا ڪري رهي آهي جنهن جي هن وقت تمام گهڻي ضرورت آهي هي ملڪ باني پاڪستان قائداعظم محمد علي جناح جي عظيم تحريڪ جي نتيجي ۾ لکين مسلمانن جي قربانين ڪانپوءِ وجود ۾ آيو. تحريڪ پاڪستان ۾ زندگي جي هر شعبي سان تعلق رکندڙ ڪروڙين مسلمانن ۽ اقليتي برادري پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيس تحريڪ پاڪستان ۾ زندگي جي هر شعبي جي ڪروڙين مسلمانن ۽ اقليتي برادري حصو ورتو سيسل چوڌري سپريم ڪورٽ جي اڳوڻي جج راڻا ڀڳوانداس ۽ اقليتي برادري جي ٻين ميمبرن جون پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي جي لاءِ وڏيون خدمتون آهن. هن چيو ته پاڪستان ڏاهڻ جو مقصد اهڙو خطو حاصل ڪرڻ هو جتي اسلام وڏي ويجهي پاڪستان ۾ سمورن مذهبن جي ماڻهن کي پنهنجي طريقن سان عبادت ڪرڻ ۽ تهوار ملهائڻ جو حق آهي هر پاڪستاني کي پنهنجو مقام پيدا ڪرڻ جو حق آهي وزيراعظم چيو ته اڄ پاڪستان ترقي ۽ خوشحالي جي منزل طرف روان دوان آهي. پاڪستان قائم ڪرڻ ۾ عالم سڳورن جو پڻ تمام وڏو ڪردار هو.

بقايا 4 | پروگرام جاري

طبقي جو سهارو بڻجي اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪالهه جمعي ڏينهن وزيراعظم صحت ڪارڊ جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو تقريب ۾ وفاقي وزيرن، قومي اسيمبلي ميمبرن ۽ ٻين عملدارن شرڪت ڪئي وزيراعظم چيو ته علاج ۽ صحت جون سهولتون حاصل ڪرڻ هر شهري جو بنيادي حق آهي، حڪومت عوام کي انهن جي در تي اهي سهولتون فراهم ڪري رهي آهي. 2016ع ۾ اڳوڻي وزيراعظم محمد نواز شريف صحت ڪارڊ پروگرام جاري ڪيو هو ۽ صوبن ۾ وڏي تيزي سان اهو پروگرام عوام تائين پهتو ۽ لکين خاندانن ان مان فائدو ڪنيو آهي هن چيو ته صحت کان وڌيڪ زندگي ۾ ڪا به شيءِ قيمتي نه آهي. صحت هوندي ته تعليم، راندين ۽ زندگي جي هر شعبي ۾ سرگرميون جاري رکي سگهجن ٿيون ۽ مخالفن کي به شڪست ڏئي سگهجي ٿي. وزيراعظم چيو ته صحت جي سهولتن جي فراهمي حڪومت جي اولين ترجيح آهي. اسلام آباد، آزاد جمون ۽ ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي پائرن ۽ پيٽرن جي لاءِ وزيراعظم صحت ڪارڊ جاري ڪيو پيو رڃي ان جي لاءِ صحت واري وفاقي وزير مصطفيٰ ڪمال صحت واري سيڪريٽري ۽ ان جي پوري ٽيم کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو هن چيو ته وزيراعظم صحت ڪارڊ جاري ڪرڻ عوامي ڀلائي جي عزم جو تسلسل آهي. پاڪستان ۾ اشرافيه آمريڪا، يورپ ۽ ٻين ملڪن ۾ پنهنجي پيارن جي لاءِ مهانگي ترين علاج جو انتظام ڪري سگهي ٿي پر عام ماڻهو مزدورن ۽ غريب طبقي جي لاءِ تمام گهڻيون مشڪلاتون آهن. صحت هوندي ته انسان باوقار طريقي سان روزگار ڪمائي سگهندو صحت هوندي ته نوجوان راندين جي ميدان ۾ ملڪ جو نالو روشن ڪندا. صحت هوندي ته هر ميدان ۾ ڪاميابي حاصل ڪري سگهجي ٿي، مون کي اميد آهي ته ان پروگرام کي ڪامياب بڻائڻ جي لاءِ سمورا قدم کنيا ويندا. ان سان دين ۽ دنيا ٻنهي ۾ ڀلائي ٿيندي.

بقايا 5 | ڏئي ڇڏيو

ڇڏيو آهي جنهن کي صدر ٽرمپ قبول به ڪري ورتو آهي پرڏيهي ميڊيا وائيٽ هائوس اختيارين جي حوالي سان ٻڌايو ته وينزويلا جي اپوزيشن اڳواڻ ان نوبل انعام کي صدر ٽرمپ کي پيش ڪرڻ تي زور ڀريو جنهن بعد آمريڪي صدر ٽرمپ ان کي قبول ڪري ورتو ان کان اڳ ماريا ڪورينا ماچادو چيو هو ته هن پنهنجو نوبل انعام ڊونلڊ ٽرمپ کي پيش ڪري ڇڏيو آهي پر ان وقت هن اهو واضح نه ڪيو هو ته ڇا آمريڪي صدر انعام قبول ڪيو يا نه واضح رهي ته ٽرمپ ڪيترن ئي موقعن تي اهو بيان ڏئي چڪو آهي ته هو نوبل انعام جو مستحق آهي.

بقايا 6 | ڪنٽينر سڙي ويا

کان وڌيڪ ڪنٽينر اگ ٿي باهه کان متاثر ٿي چڪا آهن جنهن ڪنٽينر ۾ باهه لڳي هئي ان ۾ ڪپڙا هئا. جڏهن ته ٻين ڪنٽينرن ۾ مختلف قسم جا سامان هئا. صورتحال وڌيڪ حساس آهي ڇاڪاڻ ته ڪجهه ڪنٽينرن ۾ خشڪ ڪيميڪل بيٽريون ۽ ليٿيم بيٽريون آهن باهه کي مڪمل طور تي قابو ڪرڻ جون ڪوششون جاري آهن. ريسڪيو 1122 ترجمان موجب فائر اينڊ ريسڪيو ٽيم ايمبولينس ۽ فائر برگيڊ ٽرڪ سان گڏ واقعي واري هنڌ تي موجود آهي ۽ باهه کي مڪمل طور تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ آپريشن جاري آهي.

بقايا 7 | ڏک جو اظهار

عبدالعزيز آل سعود جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي ڪالهه جمعي ڏينهن ايوان صدر جي ميڊيا ونگ موجب صدر آصف علي زرداري شهزادي هند بنت سعود بن عبدالعزيز آل سعود جي لاڏاڻي تي خادم حرمين شريفين شاهه سلمان بن عبدالعزيز آل سعود، سعودي شاهي خاندان ۽ سعودي عوام سان دلي تعزيت ڪئي آهي.

بقايا 8 | ملاقات

يوسف رضا گيلاني سان حافظ حسين احمد مدني ۽ نوابزاده سردار رفيق عباسي ايوان صدر ۾ جدا جدا ملاقاتون ڪيون ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب ملاقاتن دوران ڏکڻ پنجاب سان لاڳاپيل معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. جنهن ۾ خاص طور تي خطي جي ضرورتن ۽ ترجيحن تي ڌيان ڏنو ويو وقتي صدر ڏکڻ پنجاب جي ترقي خوشحالي ۽ اتان جي عوام جي ڀلائي لاءِ پنهنجي پرائي عزم جو ورجاءُ ڪيو.

بقايا 9 | وفاقي حڪومت

يا دعوائن بدران ماپيبل نتيجن ۽ ڪارڪردگي جي بنياد تي ٿيڻ گهرجي وفاقي ٽيڪس وصوليون سراسري وڌي رهيون آهن ۽ اندازو آهي ته جون 2028ع تائين اها ڊي پي جي 15 سيڪڙو تائين پهچي ويندي گڏيل ڏينهن سماجي رابطي واري ويب سائيٽ ايڪس تي پنهنجي هڪ بيان ۾ هن چيو ته ملڪ ۾ تازن ڏينهن ۾ اها دعويٰ سامهون اچي رهي آهي ته ٽيڪس وصولي جي حوالي سان صوبائي حڪومتن جي ڪارڪردگي وفاقي حڪومت کان بهتر آهي ۽ انهي بنياد تي اهو موقف اختيار ڪيو پئي رڃي ته وسيلن جي ورڇ تي وڌيڪ بحث جي ضرورت ناهي جڏهن ته دستياب سرڪاري انگ اکر ۽ معاشي حقيقتون ان دعوائن جي ترديد ڪريون ٿا ۽ هڪ بلڪل مختلف تصوير پيش ڪريون ٿا. هن چيو ته مالي 2025ع جي دوران وفاقي حڪومت 13 ٽريلين روپين کان وڌيڪ ٽيڪس ۽ ٻيون اوگاڙيون جمع ڪيون جيڪي پاڪستان جي مجموعي قومي پيداوار 114.7 ٽريلين روپين جي پيٽ ۾ 11.3 سيڪڙو بڻجي ٿي عالمي معيار موجب پاڪستان جهڙي اسرندڙ ملڪن ۾ جي ڊي پي جي شرح سان ٽيڪسن جي مناسب شرح اٽڪل 18 سيڪڙو سمجهي رڃي ٿي جنهن سان 15 سيڪڙو جي ڊي پي جي برابر اوگاڙيون وفاقي سطح تي جڏهن ته باقي 3 سيڪڙو صوبائي يا رياستي حڪومتن کان حاصل ڪيون وينديون آهن هن چيو ته تازن رجحانن موجب وفاقي ٽيڪس وصوليون آهستي آهستي وڌي رهيون آهن ۽ اندازو آهي ته جون 2028ع تائين اها ڊي پي جي 15 سيڪڙو تائين پهچي ويندي جيڪا عالمي معيار جي ويجهو آهي. ان جي پيٽ ۾ پاڪستان جي سمورن صوبن مالي سال 2025ع ۾ مجموعي طور تي صرف 979 ارب رپيا ٽيڪس گڏ ڪيو جيڪو مجموعي قومي پيداوار جو رڳو 0.85 سيڪڙو بڻجي ٿو جڏهن ته متوقع معيار موجب صوبن کي گهٽ ۾ گهٽ 3 سيڪڙو جي ڊي پي جي برابر ٽيڪس وصول ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن صوبائي حڪومتون جون 2028ع تائين ان هدف کي حاصل ڪرڻ چاهين ٿيون ته کين پنهنجي موجوده ٽيڪس وصولين کي ٽيڻ کان به وڌيڪ وڌائڻو پوندو هن چيو ته ماهرن موجب بنيادي مسئلو ٽيڪس جي بنياد ۾ گهٽتائي ناهي پر ان بيس سان حاصل ٿيل اصل آمدني يعني ريونيو جو منافعو آهي. مسئلو اهو ناهي ته صوبن وٽ ٽيڪس لڳائڻ جا ذريعا موجود ناهن پر اهو آهي ته موجوده ٽيڪس وارن قابل شعبن کان اثرائتي انداز ۾ ٽيڪس وصول نه پيو ڪيو رڃي. هن چيو ته صوبائي حڪومتن وٽ آئيني طور تي ٽيڪس جي حوالي سان اختيار موجود آهن.

بقايا 10 | گرفتار

مهاڻن کي هوڙي سميت گرفتار ڪري ورتي تحويل ۾ ورتل هوڙي جو نالو المدينه ٻڌايو رڃي ٿو گرفتار سمورن مهاڻن جو تعلق ڪراچي جي علائقي ابراهيم حيدري علي اڪبر شاهه گوٺ سان آهي گرفتار مهاڻن ۾ نخوا محمد ادريس، محمد يوسف، فريد اسلم، محمد حسين، ابراهيم، محمد شاهد، محمد يونس، محمد هارون ۽ عارف شامل آهن. واقعي جي اطلاع بعد مهاڻن جي برادري ۾ خوف ۽ سندن گهرن ۾ روڄ راڙو، مهاڻن جي گرفتاري تي پاڪستان فشر فوڪ فورم پاران ڀارتي ڪاروائي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي ان سلسلي ۾ فشر فوڪ فورم جي چيئرمين مهراڻ علي شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ڏکراڙي ساموندي حدن جي نالي تي غريب مهاڻن کي گرفتار ڪرڻ ناقابل قبول ۽ غير انساني عمل آهي.

بقايا 11 | مارجي ويا

ٿيل مبينا مقابلي دوران هڪ ڦورو مارجي ويو جڏهن ته سندس ساٿي فرار ٿي ويو ۽ گولا جاري آهي پوليس موجب موٽرسائيڪل تي سوار ٻه جوابدار گشت دوران شهرين کي ڦرڻ ۾ مصروف هئا. پوليس کي ڏسي جوابدارن پوليس پارٽي تي فائرنگ ڪئي جنهن جي جواب ۾ پوليس جوابي ڪاروائي ڪئي مارجي ويل جوابدار جي سڃاڻپ شهريار احمد پٽ شبير احمد جي نالي سان ٿي آهي سندس قبضي مان 30 بور پستول راؤنڊ، 9,500 رپيا نقد، 3 موبائل فون ۽ 3 پرس هٿ ڪيا ويا آهن پوليس فوت ٿيل جوابدار جي ڪرمنل رڪارڊ جي به جانچ ڪري رهي آهي ايس ايس پي ڪورنگي جي ترجمان چيو ته هي آپريشن شهر ۾ ڏوهاري عنصرن خلاف ڪريڪ ڊائون جو حصو آهي ۽ فرار ٿيل جوابدار جي جلد گرفتاري لاءِ گشت ۽ ڇاپا جاري آهن.

بقايا 12 | شاهه محمود قريشي

ڳالهين جو اختيار محمود خان اڇڪزئي کي ڏنو آهي ۽ هو ئي بهتر فيصلو ڪري سگهي ٿو ائين موقعي تي هڪ صحافي سوال ڪيو ته ڇا هو فواد چوڌري جي نيشنل ڊائلاگ ڪميٽي جو حصو بڻجندا؟ جنهن تي شاهه محمود قريشي چيو ته هو پي ٽي آءِ جو وائيس چيئرمين آهي ۽ پارٽي پاليسي کان هٽي نٿو سگهي. فواد چوڌري سان ملاقات بابت سوال تي قريشي چيو ته هو ۽ فواد چوڌري هڪ ئي پارٽي ۾ رهيا آهن "هو اسپتال ۾ منهنجي عيادت لاءِ آيا هو ۽ هاڻي گهر آيل مهمان کي اهو نٿو چئي سگهجي ته ڇو ملڻ آيو آهين". افغانستان بابت شاهه محمود قريشي چيو ته افغانستان جي خوشحالي جو رستو پاڪستان سان جڙيل آهي ۽ جيڪڏهن افغانستان استحڪام چاهي ٿو ته کيس پاڪستان سان سٺا لاڳاپا رکڻا پوندا. ايران جي سرحد تي صورتحال بابت هن چيو ته في الحال حالتون ڪنٽرول ۾ آهن جڏهن ته ڀارت بابت هن چيو ته پاڪستان جنگ ۾ ڀارت کي شڪست ڏني پر خطرو اڃا مڪمل ٽريو ناهي.

بقايا 13 | منظور

۾ سينيٽر برگيڊيئر (ر) جان ڪينٿ وليمز جي خدمتن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ قرارداد پيش ڪئي وئي ڪالهه سينيٽ جي اجلاس ۾ تحريڪ انصاف جي سينيٽر علي ظفر سينيٽر برگيڊيئر (ر) جان ڪينٿ وليمز جي خدمتن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ قرارداد پيش ڪئي. جنهن کي ايوان منظور ڪري ورتو سينيٽر برگيڊيئر (ر) جان ڪينٿ وليمز 2015ع کان 2021ع تائين پي ٽي آءِ مان تحريڪ انصاف جو سينيٽ جو ميمبر رهيو هن قانونسازيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو سندس لاڏاڻو 23 ڊسمبر 2025ع تي ٿيو ان موقعي تي سينيٽر شيري رحمان ۽ ٻين مرحوم جي خدمتن کي ساراهيو ۽ سندس ڪٽنب سان تعزيت جو اظهار ڪيو.

بقايا 14 | ملتوي

عدالت سپر ٽيڪس بابت ڪيس جي ٻڌڻي 19 جنوري تائين ملتوي ڪري ڇڏي ڪيس جي ٻڌڻي ڪالهه چيف جسٽس جسٽس امين الدين خان جي سربراهيءَ ۾ 3 رڪني بينچ ڪئي بينچ ۾ جسٽس حسن اظهر رضوي ۽ جسٽس سيد ارشد حسين شاهه شامل هئا. ٻڌڻيءَ دوران مختلف ڪمپنين جي وڪيل فروغ نسيم پنهنجا دليل جاري رکندي مؤقف اختيار ڪيو ته اسپيشل ٽيڪس ايٽر 31 ڊسمبر جڏهن ته نارمل ٽيڪس ايٽر 30 جون تي ختم ٿئي ٿو هن عدالت کي ٻڌايو ته ايف بي آر لاهور ۽ اسلام آباد هاءِ ڪورٽس ۾ سپر ٽيڪس کي ونڊ فال ٽيڪس قرار ڏنو جڏهن ته ڪيترن ئي موقعن تي ان جي ابتڙ مؤقف اختيار ڪيو ويو فروغ نسيم دليل ڏيندي چيو ته سپر ٽيڪس دراصل ونڊ فال منافعي تي لاڳو ڪيل ٽيڪس آهي ۽ آمريڪي عدالت به ان قسم جي ٽيڪس کي بنيادي حقن سان ٽڪراءُ ۾ قرار ڏنو ان موقعي تي چيف جسٽس امين الدين خان ريمارڪس ڏنا ته اوهان مسلسل عدالتي فيصلن جا ريفرنس ڏئي عدالت جو ڪم وڌائي رهيا آهيو ان تي فروغ نسيم جواب ڏنو ته هاڻ منهنجي لاءِ ته آساني ٿي وئي آهي هاڻ عدالت کي دستور آهي بعد ۾ ٻين ڪمپنين جي وڪيلن به دليل ڏيڻ جي گذارش ڪئي. جنهن تي چيف جسٽس چيو ته جيڪڏهن دليل دهرائڻا آهن ته فروغ نسيم جا دليل اختيار ڪيو وڪيلن مؤقف اختيار ڪيو ته هو عدالت آڏو نوان دليل پيش ڪندا. عدالت وڌيڪ ٻڌڻي 19 جنوريءَ تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 15 | مهورت

وئي ان موقعي تي قومي اسيمبلي جي ميمبر مهتاب اڪبر راشدي صدارتي تقرير ڪندي چيو ته زيد پيرزادو خوشنصيب آهي جو هڪ ئي وقت هن جي ٻن ڪتابن جي مهورت ٿي چڪي آهي جيڪو هڪ اعزاز آهي زيد پيرزادو مثبت سوچ ۽ سمجهه ڪتابن لکڻ لاءِ هڪ وڏي جاکوڙ ۽ مطالعو ڪيو آهي. زيد پنهنجي ڪتابن ۾ جن موضوعن جي اظهار جي چونڊ ڪئي آهي پر انهن کي ٻين معان موڙڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي ۽ هن صحت ۽ ٻين مسئلن تي پنهنجي سوچ جا اظهار مختلف انداز ۾ ڪيا آهن. مدد علي سنڌي چيو ته زيد پيرزادو پنهنجي ڪتابن ۾ اهم ۽ ضروري موضوعن جي چونڊ ڪئي آهي ڪتابن لکڻ ۽ شايع ٿيڻ ڪري سماج ۽ فردن ۾ سجاڳي پيدا ٿئي ٿي، ڪتابن جي ليکڪ زيد پيرزادو چيو ته جڏهن ڪو مسئلو پيدا ٿيندو آهي ته يا ڪو موضوع متوجهه ڪندو آهي ته مان ان تي لکان ٿو ڪتاب شايع ڪندڙ ادارن کي پنهنجي شايع ٿيل ڪتابن جي تعارفي پروگرام مرتب ڪرڻ گهرجن ان سان انهن ڪتابن جي وڪري جي سٺو اثر پوندو محمد علي پٺاڻ چيو ته اسان ڪمرن ۾ بند ٿيل سوٽ بوٽ پهريل فردن بدران عام ماڻهن لاءِ ڪتاب لکون ٿا. زيد پيرزادو جو وڏو اعزاز اهو آهي ته هو انور پيرزادو جو ٽينگر آهي ترقي پسند ليکڪ ناصر محمود چيو ته زيد پيرزادو نئين دور جي تقاضن موجب پنهنجي عظيم والد انور پيرزادو جي فڪر کي نئين رنگ ۾ پيش ڪيو آهي. روزاني عوامي آواز جي ايڊيٽر زرار پيرزادو چيو ته زيد پيرزادو خوشنصيب آهي جو کيس زندگيءَ ۾ ئي مڃتا ملي رهي آهي. ڊاڪٽر ايوب شيخ چيو ته ڪتاب لکندڙ ايندڙ نسلن ۾ پنهنجي لکڻين ذريعي زنده رهن ٿا، زيد پيرزادو ۾ پنهنجي نثر ۽ نظم وسيلي امر ٿي چڪو آهي ان موقعي تي شازيه مظهر ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته زيد پيرزادو سنڌي بوليءَ ۽ ادب جو وڏو نالو بڻجي چڪو آهي.

بقايا 16 | منظور

تحريڪ جي سرگرم قادري هائوس مان گرفتار ڪيل ملزم شهباز جي ضمانت منظور ڪري ورتي عدالت ملزم کي ٻنهي ڪيسن ۾ ٻه ٻه لک رپين جا مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو ملزم جي ضمانت بابت ايڊووڪيٽ عابد زمان عدالت ۾ دليل ڏيندي چيو ته جيڪو اسلحه برآمد ڏيکاريو ويو آهي اهو پوليس اهلڪار جو سرڪاري اسلحه هو هن وڌيڪ چيو ته ايف آءِ آر ۾ سرڪاري ايس ايم جي نمبر نه درج ناهي ڪيو ويو ايڊووڪيٽ عابد زمان موجب پوليس مقابلي واري ڪيس ۾ ڪنهن به قسم جي ڊيميج پراپرٽي پيش نه ڪئي وئي آهي جڏهن ته ڪيس ۾ واقعي کان 22 ڪلاڪ دير سان داخل ڪيو ويو عدالت دليلن ٻڌڻ بعد ملزم شهباز جي ضمانت منظور ڪري ڇڏي.

بقايا 17 | ملهائي پئي وڃي

واري بنگلي جي سالگرهه گرائونڊ تي جلسو ٿيندو جنهن لاءِ پنڊال تيار ٿي ويو جلسي جي صدارت مرڪزي صدر سيد زين شاهه ڪندو جڏهن ته تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جو مرڪزي چيئرمين محمود خان اڇڪزئي اڳوڻو اسپيڪر قومي اسيمبلي اسد قيصر راجا ناصر عباس مصطفيٰ نواز کوکر سنڌ جي مختلف جماعتن جا اڳواڻ اديب دانشور شاعر سيد کي ڀيٽا پيش ڪندا سيد زين شاهه روشن علي ٻرڙو سيد منير حيدر شاهه امير آزاد پهنور جگديش آهوجا جي اڳواڻي ۾ رات 12 بجي مشعل بردار ريلي ڪڍي سيد جي مزار تي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهي پئي وئي.

بقايا 18 | نورالهديٰ شاهه

طرفان پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن (پي ايم اي) هائوس ۾ سنڌي ناولن جو اردو ترجمو جي موضوع تي هڪ ويهڪ ٿي گذري. جنهن ۾ سنڌي اردو جي نامور ليکڪا نورالهديٰ شاهه ڳالهائيندي چيو ته سنڌ حڪومت کي سنڌي ادب ۽ علم کي اردو ۽ ٻين ٻولين ۾ ترجمو جو مستقل ادارو کولڻ گهرجي ۽ هاڻي سنڌي ادب جي لاءِ اها خوشنصيبيءَ جي ڳالهه آهي ته اڄڪلهه سنڌي اديبائون افسانا لکڻ بعد ناول لکڻ ۾ اڳتي اچي چڪيون آهن هن چيو ته سنڌي ناولن ۾ سانگهڙ پڙاڏو سوئي سنڌ، هر اوست ۽ موهن جو دڙو ڪالو ٻلا ۽ ٻيا طاقتور ناول موجود آهن ۽ ڪيترن ئي ناولن جو اردو ترجمو ٿي چڪو آهي پر اجان وڌيڪ ڪم لاءِ سنڌ حڪومت کي هڪ الڳ ادارو کولڻ گهرجي سنڌي ٻوليءَ اٿارٽي جي چيئرمين ۽ اديب شير مهراڻوي چيو ته سنڌي ۽ اردو ناول لکندڙن ۾ تاريخي حقيقتن کي الڳ الڳ پيش ڪيو ويو آهي ۽ سنڌي ناولن کان محبت کان سواءِ مزاحمت به موجود آهي. جهان آرا جو ناول جو اردو ۾ ترجمو ٿيل سوغات ۾ رهين ڪلاس جي فردن تي لکيو ويو آهي.

بقايا 19 | مهمان ٿيندا

بالادستي ۽ آئين جي بنيادي ڍانچي جي تحفظ بابت هڪ اهم پروگرام منعقد ڪيو پيو رڃي جنهن ۾ قومي سطح جون اهم سياسي ۽ آئيني شخصيتون وڪيلن کي خطاب ڪنديون نوٽيس موجب قومي اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جو اڳواڻ محمود خان اڇڪزئي، سينيٽر علامه راجا ناصر عباس، قومي اسيمبلي جو ميمبر ۽ اڳوڻو اسپيڪر اسد قيصر ۽ تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جو نائب صدر سيد زين شاهه سنڌ هاءِ ڪورٽ بار جو دورو ڪندا.

بقايا 20 | داخل

ڪري ڇڏي آهي. مارجي ويل جوابدار جي خاندان قانوني ڪارروائي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي خاندان موجب سادا ڪپڙا پهريل اهلڪارن جوابدار سخي الرحمان کي حراست ۾ ورتو درخواستگذار موجب ايس آءِ يو اهلڪار امام بخش زرداري ڀاءُ ساجد کان فون تي پئسا گهريا. جنهن کان پوءِ 30 لک رپيا ڀتو وصول ڪيو ويو پر ان جي باوجود ڀاءُ کي جعلي مقابلي ۾ ماريو ويو اهو ياد رکڻ گهرجي ته سخي الرحمان کي 7-8 جنوري جي وچ واري رات غريب آباد ريلوي گيٽ ويجهو هڪ مبينا مقابلي ۾ ماريو ويو هو.

بقايا 21 | اعلان

حدن مليس ڪورنگي ڪريڪ، فيصل ڪراچي، منوڙو ڪلفٽن، حيدرآباد ۽ ڀنوعاقل جي وارڊن ۾ ٽڪبندي ڪئي ويندي. 19 جنوري کان 2 فيبروري تائين انتظام تربيت، نقشن ۽ ڊيٽا کي حتمي شڪل ڏني ويندي حدبندي ڪميٽين پاران بنيادي ٽڪبندي جي لسٽ تياري 3 فيبروري کان 4 مارچ تائين ڪئي ويندي

بقايا 22 | پهچي وئي

آهي. سنڌ حڪومت جي طرفان صوبائي وزير ثقافت ۽ سياحت سيد ذوالفقار علي شاهه ايئرپورٽ تي پرنسس زارا آغا خان جو استقبال ڪيو جتي هن گل پيش ڪري مهمان نوازي ڪئي. ايئرپورٽ تي پرنسس زارا آغا خان ۽ صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهه وچ ۾ ملاقات پڻ ٿي جنهن دوران پرنسس زارا آغا خان سنڌ حڪومت جي گرمجوش استقبال ۽ مهمان نوازي تي ٿورا ادا ڪيا. ملاقات دوران صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهه تعليم، صحت ۽ سماجي ترقي جي شعبن ۾ آغا خان خاندان جي ڪردار کي ساراهيندي چيو ته آغا خان خاندان جون خدمتون معاشري جي بهتري لاءِ نمايان ۽ قابل قدر آهن.

بقايا 23 | گهٽتائي

صوبي جي مجموعي امن امان جي صورتحال ٽريفڪ مينيجمينٽ ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي اثرائتي استعمال بابت اعليٰ سطحي جائزو اجلاس منعقد ٿيو. اجلاس ۾ ايڊيشنل آءِ جيز ڪراچي، اسپيشل برانچ، سي ٽي ڊي، ڊي آءِ جيز هيڊ ڪوارٽرس آءِ ٽي، ٽي اينڊ ٽي، فنانس ٽريننگ، ٽريفڪ ڪراچي ۽ حيدرآباد، ڊي جي سيف سٽي اٿارٽي سميت اي آءِ جيز شرڪت ڪئي. اجلاس دوران آءِ جي سنڌ کي سنڌ پوليس جي مختلف شعبن جي ڪارڪردگي ۽ جاري ڊجيٽلائيزيشن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. آءِ جي سنڌ پوليس جي مجموعي ڪارڪردگي ۽ ڊجيٽل سڌارن جو جائزو ورتو ۽ لاڳاپيل آفيسرن کي ضروري هدايتون جاري ڪيون. آءِ جي سنڌ چيو ته مختلف يونٽن ۾ ڊجيٽلائيزيشن ريٽ نمايان طور بهتر ٿيو آهي. هن چيو ته ڪچي وارن علائقن ۾ ٻه پوليس آپريشنز دوران جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال سان اهم ڪاميابيون حاصل ڪيون ويون آهن.

بقايا 24 | هدايت

يقيني بڻائڻ لاءِ پوليس کي جامع ۽ اثرائتا سيڪيورٽي انتظام ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن آءِ جي سنڌ چيو آهي ته مسجدن امام بارگاهن درگاهن ۽ عبادت جي ٻين ڪليدي هنڌن جي چوڌاري سخت ۽ مؤثر سيڪيورٽي انتظامات ڪيا وڃن جڏهن ته داخلي ۽ خارجي رستن تي سخت اسڪريننگ، گاڏين ۽ ماڻهن جي مڪمل چيڪنگ کي يقيني بڻايو وڃي هن هدايت ڪئي ته اسٽيڪ ڊيپلائمينٽ ۽ موبائل پيٽرولنگ ۾ نمايان اضافو ڪيو وڃي ۽ حساس هنڌن تي خاص توجهه ڏني وڃي ان سان گڏوگڏ سادا لباس پوليس اهلڪار مقرر ڪري وڃي مشڪوڪ سرگرمين تي ڪڙي نظر رکي وڃي آءِ جي سنڌ چيو ته ڊيوٽي تي مامور پوليس اهلڪارن کي حفاظتي ساز و سامان سان ليس رکيو وڃي. جڏهن ته عوامي هنڌن تي هٿيارن جي نمائش ۽ هٿيار کڻڻ تي مڪمل پابندي لاڳو ڪري سختي سان عملدرآمد ڪرايو وڃي.

بقايا 25 | فضل چوڌري

حملي جي ڪوشش ڪئي ۽ سيڪيورٽي فورسز ان منصوبي کي اٿي ئي دفن ڪري ڇڏيو ڪالهه ايڪس تي پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته 40 دهشتگردن تي ٻڌل نيٽ ورڪ جن ۾ اڪثر غير ملڪي هئا پاڪستان جي محافظن سامهون ٽڪي نه سگهيا هن چيو ته 12 دهشتگرد انجام تي پهتا، 3 دهشتگرد قانون جي گرفت ۾ آيا. جڏهن ته اسان جي بهادر آفيسرن ۽ جوانن زخمي هئڻ باوجود به مورچو نه ڇڏيو.

بقايا 26 | مقرر

پرڏيهي ميڊيا موجب وزيراعظم سالم صالح بن بريڪ صدارتي قيادت ڪائونسل جي چيئرمين راشد العليمي سان ملاقات ڪئي ۽ نئين حڪومت جي راهه هموار ڪرڻ لاءِ حڪومت کي استعيفيٰ پيش ڪئي. سعودي حمايت يافته صدارتي ڪائونسل سرڪاري ميڊيا ذريعي اعلان ڪيو آهي ته پرڏيهي وزير ڊاڪٽر شائع محسن زنداني کي وزيراعظم مقرر ڪيو ويو آهي ۽ کيس نئين حڪومت ڏاهڻ جي ذميواري سونپي وئي آهي.

بقايا 27 | وزيراعظم

ايماني اهميت رکندڙ رات آهي ان ۾ پاڪستان ۾ امن ۽ استحڪام ۽ ترقي ۽ خوشحالي جي لاءِ خصوصي دعائون ڪيون وڃن ڪالهه جمعي ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب شب معراج تي پنهنجي پيغام ۾ وزيراعظم چيو ته هو پاڪستان ۽ سڄي دنيا جي مسلمانن کي شب معراج جي برڪتن واري موقعي تي دل جي گهرائين سان مبارڪباد پيش ڪري ٿو هن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ هن مبارڪ رات جي مذهبي اهميت ۽ روحاني قدر ۽ منزلت سان مسلمانن کي فائدو کڻڻ جي سعادت عطا فرمائي. وزيراعظم چيو ته شب معراج مسلمان امت جي لاءِ عظيم الشان روحاني ۽ ايماني اهميت رکندڙ رات آهي جنهن ۾ الله تعاليٰ پنهنجي محبوب حضرت محمد ﷺ کي معراج جو شرف عطا فرمايو اها رات اسان کي ايمان جي مضبوطي عبادت جي اهميت، صبر تقويٰ ۽ الله تعاليٰ سان ويجهڙائپ جو درس ڏي ٿي. اها رات مسلمانن جي لاءِ ايمان ۾ ثابت قدمي، صبر ۽ استقامت، الله جي اطاعت ۽ بلند ڪردار جي اهميت کي پڻ اجاگر ڪري ٿي.

بقايا 28 | ڪالعدم قرار

درخواست ڏيڻ يا استعيفيٰ ڏيڻ جي بنياد تي ختم نٿو ڪري سگهجي، سپريم ڪورٽ طرفان رپورٽنگ لاءِ منظور ٿيل لکت واري فيصلي موجب جسٽس محمد شفيع صديقي، جسٽس نعيم اختر افغان ۽ جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب تي ٻڌل ٽه رڪني بينچ محمد عثمان وفاق پاڪستان جي ٽالي ڪيس ۾ وفاقي سروس ٽربيونل جو 3 جولاءِ 2024ع جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو عدالت قرار ڏنو ته محمد عثمان سينئر آڊيٽر (بي ايس -11) طور ملٽري اڪائونٽنٽ جنرل راولپنڊي ۾ 20 سالن کان وڌيڪ سروس مڪمل ڪئي هئي جيڪو پينشن لاءِ گهربل مدو آهي عدالت موجب 2001ع ۾ سول سرونٽس ايڪٽ ۾ ترميم ڪانپوءِ پينشن لاءِ 25 بدران 20 سال سروس لازمي آهي ۽ اهو شرط محمد عثمان پورو ڪري چڪو هو سپريم ڪورٽ ان موقف کي به رد ڪري ڇڏيو ته درخواستگذار 13 سالن جي دير سان پينشن لاءِ درخواست ڏني ان لاءِ هو حقدار ناهي عدالت چيو ته پينشن جو حق رٽائرمينٽ يا استعيفا جي منظوري سان ئي پيدا ٿي ويندو آهي.

بقايا 29 | بلاول ڀٽو

بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته شب معراج جي مقدس رات اسان کي حضور اڪرم ﷺ جي معجزاتي سفر جي ياد ڏياري ٿي، جيڪو ايمان صبر ۽ الله پاڪ تي مڪمل ڀروسي جو عظيم مثال آهي هن چيو ته هي رات انسانيت لاءِ اهو سبق کڻي اچي ٿي ته هر آزمائش جي گهڙي ۾ الله پاڪ جي رحمت اميد، وقار ۽ رهنمائي جا در کولي ٿي چيئرمين پي پي پي وڌيڪ چيو ته شب معراج جو پيغام اسان کي الله پاڪ سان پنهنجو تعلق مضبوط ڪرڻ حق ۽ انصاف جو ساٿ ڏيڻ ۽ معاشري ۾ خير ۽ ڀلائي کي هٿي ڏيڻ جي تلقين ڪري ٿو.

بقايا 30 | وٺي ڇڏيو

اليڪشن ڪميشن طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب، حڪومت 10 جنوري تي اسلام آباد لاءِ بلدياتي حڪومت ترميمي آرڊيننس جاري ڪيو جنهن تحت شهر ۾ مڪاني حڪومت جو ڍانچو تبديل ڪيو ويو آهي.

بقايا 31 | ملتوي

سومر شام 4 وڳي تائين ملتوي ڪيو ويو. اجلاس سينيٽر شيري رحمان جي صدارت هيٺ ڪالهه پارليامينٽ هائوس ۾ منعقد ٿيو اجلاس دوران سوالن جا وقفا، اسٽينڊنگ ڪميٽين جي رپورٽن، مختلف بلن قانونسازي ۽ ڌيان ڇڪايو نوٽيس ايوان جي ڪارروائيءَ جو حصو رهيا.

بقايا 32 | شروع

مجلس وحدت المسلمين جي سربراهه علامه راجا ناصر عباس ۽ تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جو سيڪريٽري جنرل اسد قيصر به شامل آهن ذريعن موجب هي دورو بنيادي طور تي 8 فيبروري تي ملڪ ڀر ۾ ٿيندڙ احتجاج ۽ هڙتال جي تيارين جي سلسلي ۾ ڪيو پيو رڃي، جنهن جو مقصد آئيني حقن جي تحفظ ۽ ملڪ جي موجوده سياسي صورتحال خلاف عوامي احتجاج کي منظم ڪرڻ آهي دوري دوران تحريڪ جي قيادت ڪراچي سميت سنڌ جي مختلف علائقن جو دورو ڪندي، جتي هو سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي اهتمام هيٺ ٿيندڙ عوامي جلسن ۾ شرڪت ڪندا جڏهن ته ڪراچي بار ايسوسيئيشن ۾ وڪيلن کي به خطاب ڪيو ويندو ان کان علاوه تحريڪ جي اڳواڻن پاران مختلف سياسي، سماجي ۽ پيشاور حلقن سان ملاقاتون پڻ ڪيون وينديون.

بقايا 33 | وقتي صدر

قانونسازي جي ذريعي جمهوري نظام کي وڌيڪ مضبوط بڻائيندو ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وقتي صدر اهڙن خيالن جو اظهار نئين چونڊيل سينيٽر عابد شير علي سان ڳالهائيندي ڪيو جنهن ڪالهه جمعي ڏينهن پارليامينٽ هائوس ۾ ساڻس ملاقات ڪئي ملاقات ۾ ملڪ جي مجموعي سياسي صورتحال سان گڏوگڏ سينيٽ جي معاملن ۽ قانونسازي جي عمل تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي وقتي صدر سيد يوسف رضا گيلاني سينيٽر عابد شير علي کي سينيٽ جي ميمبر جي حيثيت سان حلف کڻڻ تي دلي مبارڪباد ڏني ۽ ان جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو هن چيو ته عابد شير علي هڪ تجربيڪار سياستدان آهي جنهن جي سينيٽ ۾ شموليت سان نه رڳو ايوان جي ڪارڪردگي ۾ نمايان بهتري ايندي پر قانونسازي جي عمل ۾ پڻ ان جي وسيع تجربي مان ڀرپور فائدو کڻي سگهبو.

بقايا 34 | مقرر

جي اسپيڪر سردار اياز صادق پختون خواهه ملي عوامي پارٽي جي سربراهه محمود خان اڇڪزئي کي مخالف ڌر جو اڳواڻ مقرر ڪري ڇڏيو گڏيل ڏينهن قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ طرفان جاري نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي ته قومي اسيمبلي جي اسپيڪر قومي اسيمبلي جي قاعدن ۽ ضابطن 2007ع جي قاعدي 39 تحت 16 جنوري 2026ع کان پختون خواهه ملي عوامي پارٽي جي سربراهه محمود خان اڇڪزئي کي قومي اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جو اڳواڻ مقرر ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 35 | وڏو وزير

پاڪستانين محنت ڪشن جي فلاح ۽ بهبود ۽ انساني وسيلن جي ترقي بابت معاملن تي خيال ونڊيا ويا. وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيل هن ملاقات ۾ صوبائي وزير محنت سعيد غني ۽ چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه سان گڏ موجود هئا جڏهن ته وفاقي وفد ۾ سمنڊ پار وفاقي سيڪريٽري نديم اسلم چوڌري، آصف جمال، طارق حسن ۽ عمر مشتاق شامل هئا. ملاقات ۾ سمنڊ پار پاڪستانين محنت ڪشن جي فلاح ۽ بهبود ۽ انساني وسيلن جي ترقي سان لاڳاپيل معاملن تي غور ڪيو ويو. ملاقات دوران ايمپلائيز اولڊ ايج بينيفٽس انسٽيٽيوشن (EOBI) ۽ ورڪرز ويلفيئر فنڊ (WWF) کي صوبن حوالي ڪرڻ واري معاملي تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو ته EOBI ۽ WWF کي صوبن حوالي ڪرڻ سان محنت ڪشن کي نمايان فائدا ملندا ۽ خدمتن جي فراهمي کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي ٿو. وڏي وزير نشاندهي ڪئي ته جاري قانوني تڪرارن سبب اهي فنڊ هن وقت اثرائتي نموني استعمال نٿا ٿي سگهن.

بقايا 36 | حلف کڻي ورتو

علي پنهنجي عهدي جو حلف کڻي ورتو پرزائيڊنگ آفيسر سينيٽر شيري رحمان، سينيٽر عابد شير علي کان حلف ورتو.

بقايا 37 | زلزلو

شدت جي زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا. پرڏيهي ميڊيا جرمن ريسرچ سينٽر فار جيو سائنسز (GFZ) جي حوالي سان ٻڌايو ته زلزلي جا لوڏا ڪالهه رياست اوريگون ويجهو ساموندي حدن ۾ محسوس ڪيا ويا. جن جو مرڪز زمين جي سطح کان صرف 10 ڪلوميٽر گهرائيءَ ۾ هو زلزلي کان پوءِ سونامي وارننگ جاري نه ڪئي وئي.

بقايا 38 | معطل

گوشوارا جمع نه ڪرايا. رات 12 وڳي تائين گوشوارا جمع نه ڪرائيندڙ چونڊيل ميمبرن کي مليل آخري مهلت ختم. مهلت اندر گوشوارا جمع نه ڪرائيندڙ ميمبر معطل ٿيڻ کان پوءِ معطلي جو حڪم جاري. معطلي جي دائري ۾ ايندڙ سينيٽ جا سنڌ سان ميمبر ظالم علي شاهه ۽ جام سيف الله جو نالو شامل. قومي اسمبلي جي 32 ميمبرن ۾ محمد معظم علي خان، شبير علي قريشي، عامر مگسي، امير علي شاهه جيلاني شامل عبدالحڪيم بلوچ، صادق افتخان ارشد عبدالله وورهه، خالد مقبول صديقي، مهرين ڀٽو ۽ ٻيا شامل.

بقايا 39 | هدايت

جو وڪيل عدالت ۾ پيش ٿيو اوگرا جي وڪيل عدالت کي آگاهه ڪيو ته اوگرا قاعدن ۽ ضابطن موجب گئس ڪنيڪشن ڏيڻ جا حڪم جاري ڪيا آهن پر ايس ايس جي سي اوگرا جي فيصلن تي عملدرآمد نٿي ڪري. درخواستگذار جي وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته ايس ايس جي سي اوگرا جي حڪمن باوجود عمل نٿي ڪري. جڏهن ته اوگرا وٽ ايس ايس جي سي جو لائسنس معطل ڪرڻ جا مڪمل اختيار موجود آهن جسٽس يوسف علي سعيد ريمارڪس ڏيندي چيو ته عدالتي ۽ اوگرا جي حڪمن تي عملدرآمد نه ڪرڻ تي ايس ايس جي سي خلاف ڪارروائي ڇو نه ڪئي وئي؟ عدالت اوگرا کي حڪم ڏنو ته هو پنهنجي فيصلن تي عملدرآمد ڪرائي ۽ ايس ايس جي سي کي پابند بڻائي. عدالت رهائشي ماڻهن کي گئس ڪنيڪشن فراهم ڪرڻ بابت داخل درخواست نمٽائي ڇڏي.

بقايا 40 | گڏجاڻي

هال ۾ ٿي گذري گڏجاڻي جي ڪارروائي سيڪريٽري سنگت شاخ ڪراچي نثارنازڪ هلائي جڏهن ته صدارت غفور ڪتري ڪئي جڏهن ته سارنگ جويو شاهه سائين جي سر بلاول تي مختصر مضمون منور چنو غزل پيش ڪئي گڏجاڻي ۾ راشد لکمير مظفر ميمڻ نديم ميربحر امين جويو سليم انور عباسي شاهد صوف اڀڙو غني عاجز، سعيد چني پنهنجا رايا پيش ڪندي چيو سر بلاول شاهه سائين جي رسالي جو اهو سر آهي جيڪو حق، سچ غيرت، قرباني ۽ ظلم خلاف جدوجهد جي اعليٰ مثالن سان ڀريل آهي هن سر جو مرڪزي ڪردار بلاول شهيد آهي، جنهن وقت جي حڪمرانن جي ظلم آڏو جهڪڻ بدران سچ جو ساٿ ڏنو ۽ شهادت قبول ڪئي آخر ۾ سنگت شاخ ڪراچي جي ڪائونسلر وحيد محسن جي ڀائٽي ۽ سنگت جي ميمبر پارس بلال جي رجوڙي تي ڏک جو اظهار ڪيو ويو.

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر، ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن صدر ڪراچي

بي اينڊ آر آفيس هيرالال گناترا روڊ ويجهو مجاهد مسجد ڪراچي.

No. EE/B&R/SD/TMC/Saddar/004/2026 Dated: 15-01-2026

ٽينڊرن گهرائڻ لاءِ نوٽيس

ميسرز ايس ايس جي سي کان گڏ ڪيل روڊ ڪٽنگ چارجز جي بدران. سيني اهل ٺيڪيدارن / فرمن کان. جيڪي گهربل معيار رکن ٿا. هيٺ ڏنل ڪمن لاءِ ايس پي پي آر اي رولز 2010 جي ترميم ڪيل اپ ٽو ڊيٽ جي مطابق پي پي آر اي سنڌ اي پي ڊي ايس پورٽل ذريعي اي-واڪ طلب ڪيا ويا آهن: هڪ اسٽيج ذريعي ٻه لفافي جو طريقو

S#	اسڪيم جو نالو	ڪٽيل لاڳت	واڪ سيڪيورٽي (5% ڪٽيل لاڳت)	ٽينڊر لاڳت
01	يو سي-01. ٽي ايم سي صدر جي مختلف علائقن ۾ اسفالٽ ڪارپيٽنگ ۽ پيونگ بلاڪ فلورنگ ذريعي ٽريجز / پيچز جي بحالي.	19984628	1000000	5000
02	يو سي-02. ٽي ايم سي صدر جي مختلف علائقن ۾ اسفالٽ ڪارپيٽنگ ۽ پيونگ بلاڪ فلورنگ ذريعي ٽريجز / پيچز جي بحالي.	19981948	1000000	5000
03	يو سي-02 ۽ يو سي-03. ٽي ايم سي صدر جي آس پاس جي علائقن ۾ اسفالٽ 3 ڪارپيٽنگ ۽ پڪو بلاڪ فرش ذريعي ٽريجز / پيچز جي مرمت ۽ سار سنڀال.	19987308	1000000	5000
04	يو سي-03. ٽي ايم سي صدر جي مختلف علائقن ۾ اسفالٽ ڪارپيٽنگ ۽ پيونگ بلاڪ فلورنگ ذريعي ٽريجز / پيچز جي مرمت ۽ سار سنڀال.	19989988	1000000	5000
05	يو سي-04. ٽي ايم سي صدر جي مختلف علائقن ۾ اسفالٽ ڪارپيٽنگ ۽ پيونگ بلاڪ فلورنگ ذريعي ٽريجز / پيچز جي مرمت ۽ سار سنڀال	19992668	1000000	5000
06	هيرا لال ڪيمسنگ روڊ، رنڇور لين ۽ رامسوامي علائقي، ٽي ايم سي صدر جي آس پاس جي علائقن ۾ اندروني گهٽين ۾ ڪارپيٽنگ ۽ پيونگ بلاڪ فلورنگ.	19995348	1000000	5000
07	يو سي-05. ٽي ايم سي صدر جي مختلف علائقن ۾ اسفالٽ ڪارپيٽنگ ۽ پيونگ بلاڪ فلورنگ ذريعي ٽريجز / پيچز جي مرمت ۽ سار سنڀال	19991060	1000000	5000
08	يو سي-06. ٽي ايم سي صدر جي مختلف علائقن ۾ اسفالٽ ڪارپيٽنگ ۽ پيونگ بلاڪ فلورنگ ذريعي ٽريجز / پيچز جي مرمت ۽ سار سنڀال	19988916	1000000	5000
09	يو سي-07. ٽي ايم سي صدر جي مختلف علائقن ۾ اسفالٽ ڪارپيٽنگ ۽ پيونگ بلاڪ فلورنگ ذريعي ٽريجز / پيچز جي مرمت ۽ سار سنڀال	19994276	1000000	5000
10	يو سي-08. ٽي ايم سي صدر جي مختلف علائقن ۾ اسفالٽ 10 ڦالين ۽ پڪو بلاڪ فرش ذريعي ٽريجز / پيچز جي مرمت ۽ سار سنڀال	19996420	1000000	5000
11	يو سي-09. ٽي ايم سي صدر جي مختلف علائقن ۾ اسفالٽ 11 ڦالين ۽ پڪو بلاڪ فرش ذريعي ٽريجز / پيچز جي مرمت ۽ سار سنڀال	19998028	1000000	5000
12	يو سي-10. ٽي ايم سي صدر جي مختلف علائقن ۾ اسفالٽ ڪارپيٽنگ ۽ پيونگ بلاڪ فلورنگ ذريعي ٽريجز / پيچز جي بحالي.	19985170	1000000	5000
13	يو سي-11. ٽي ايم سي صدر جي مختلف علائقن ۾ اسفالٽ ڪارپيٽنگ ۽ پيونگ بلاڪ فلورنگ ذريعي ٽريجز / پيچز جي بحالي.	19987308	1000000	5000
14	يو سي-12. ٽي ايم سي صدر جي مختلف علائقن ۾ اسفالٽ ڪارپيٽنگ ۽ پيونگ بلاڪ فلورنگ ذريعي ٽريجز / پيچز جي بحالي.	19990300	1000000	5000
15	يو سي-13. ٽي ايم سي صدر جي مختلف علائقن ۾ اسفالٽ ڪارپيٽنگ ۽ پيونگ بلاڪ فلورنگ ذريعي ٽريجز / پيچز جي بحالي.	19984628	1000000	5000

خريداري جو طريقو: هڪ مرحلو ٻه لفافا جي طريقي ذريعي

ٽينڊر شيڊيول:

ٽينڊر شيڊيول هيٺ ڏنل هوندو:

شيڊيول	تاريخ ۽ وقت	هنڌ
ٽينڊر جي دستيابي ۽ جمع ڪرائڻ	19-01-2026 کان 02-02-2026 صبح 11:30 وڳي	واڪ پي پي آر اي سنڌ اي پي ڊي ايس پورٽل تان آن لائن ڊائون لوڊ ۽ جمع ڪرائي سگهجن ٿا.
ٽينڊر جو کولڻ	03-02-2026 تي منجهند 12:00 وڳي	ٽي ايم سي صدر جي هيڊ آفيس ڪي آر ايس ڪيپٽن روڊ تي، حقاني چوڪ جي ويجهو، نيو چالي، ڪراچي تي واقع آهي

ٻئين وقت جو شيڊيول:

ڪنهن به شڪايت جي صورت ۾. جيڪڏهن مٿي ڏنل تاريخ تي ٽينڊرن جو جواب نه ڏنو ويو ته واڪ جمع ڪرائڻ جي ايندڙ تاريخ 19-02-2026 صبح 11:30 وڳي تائين هوندي ۽ ساڳئي تاريخ تي 12:00 وڳي کوليو ويندو ۽ ٽينڊر دستاويز پڻ 2026-02-04 کان 18-02-2026 تائين آفيس جي ڪلاڪن دوران موجود هوندا.

شرط ۽ ضابطا:

1. ڪونسل ٽي ايم سي صدر فنڊ جي فراهمي/دستيابي.
2. واڪ ڏيندڙ ٽينڊر کولڻ کان اڳ، ٽينڊر جي ناقابل واپسي قيمت جسماني طور تي / هارڊ ڪاپي هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ ڪنهن به شيڊيول بينڪ آف پاڪستان مان "ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن صدر" جي حق ۾ پي آرڊر / ڊمانڊ ڊرافٽ جي صورت ۾ جمع ڪرائيندو.
3. هر ڪم لاءِ گهربل واڪ سيڪيورٽي/ سوٽي رقم پئسا. "ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن صدر" جي حق ۾ پي آرڊر/ ڊمانڊ ڊرافٽ (فرم جي پنهنجي اڪائونٽ مان) جي صورت ۾ واڪ/ٽينڊر سان گڏ اپ لوڊ ڪيا ويندا. واڪ سيڪيورٽي جي هارڊ ڪاپي جسماني طور تي سيل ٿيل لفافي ۾ جمع ڪرائي ويندي جنهن ۾ فرم جو نالو ۽ هر واڪ لاءِ ڪم جو نالو ڏيکاريو ويندو.
4. ٽينڊرز، واڪ سيڪيورٽي ڪانسواءِ نه کوليا ويندا ۽ رد ڪيا ويندا.
5. ٺيڪيدار کي ٽينڊر دستاويزن ۾ پنهنجو مڪمل ۽ صحيح موجوده / پوسٽل ايڊريس ضرور بيان ڪرڻ گهرجي. نامڪمل / مشروط ٽينڊر قبول نه ڪيو ويندو.
6. جيڪڏهن ڪو به جعلي دستاويز مليو ته پوءِ ٽينڊر ضابطن جي مطابق ڪنهن به معاوضي ۽ ڏنڊ ڪانسواءِ رد/ منسوخ ڪرڻ جو ذميوار هوندو.
7. ٽينڊرن جي سلسلي ۾ چونڊ مهر هلائڻ سختي سان منع آهي ۽ ٺيڪيدارن پاران جمع ڪرايل ٽينڊر جيڪي چونڊ مهر ۾ ملوث هجڻ جي رپورٽ ڪئي وئي آهي. رد ڪرڻ جي لائق هوندا.
8. جيڪڏهن حڪومت طرفان افتتاح جي تاريخ کي سرڪاري موڪل قرار ڏنو ويو آهي يا ڪنهن سبب جي ڪري ڪم نه ڪندڙ ڏينهن. ته ايندڙ سرڪاري ڪم ڪاري واري ڏينهن کي ساڳئي وقت ٽينڊر جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جي تاريخ سمجهيو ويندو.
9. پروڪيورنگ ايجنسي ڪنهن به وقت ڪنهن به واڪ يا تجويز جي قبوليت کان اڳ سڀني يا ڪنهن به واڪ / ٽينڊر کي رد ڪري سگهي ٿي جيڪو SPPRA رولز-2010 (ترميم ٿيل 2020) جي لاڳاپيل شق جي تابع آهي.
10. شيڊيول جي تاريخ ۽ وقت ڪانپوءِ ٽينڊر وصول/قبول نه ڪيا ويندا.
11. ٺيڪيدار / فرم کي هر ڪم جي واڪ / ٽينڊر دستاويزن سان گڏ گهربل دستاويز (قابليت جي معيار) شامل ڪرڻ گهرجن.
12. واڪ جو ڪارگر مدو: 90 ڏينهن

قابليت جا معيار:-

i. تفصيلي قابليت جا معيار / شرط واڪ دستاويزن سان گڏيل / موجود آهن.
ii. پي اِي سي پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان ڪارگر رجسٽريشن (30 جون 2026 تائين تجديد ٿيل) لاڳاپيل فيلڊ اسپيشلائيزيشن ڪوڊ سان.
iii. انڪم ٽيڪس، سيلز ٽيڪس ۽ سنڌ روينيو بورڊ ايس آر بي سان ڪارگر/ فعال رجسٽريشن. سيني جي ريٽرن سان گڏ.
iv. فرم/ٺيڪيدار/ڪمپني جو نالو ۽ فرم سان ڪم ڪندڙ انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنيڪل عملي جي بايو ڊيٽا سان گڏ تصديق ٿيل سي وي جيڪي فرم ۾ ملازمت ڏيکارين ۽ ساڳيا پي اِي سي لائسنس ۾ ظاهر ٿين.
v.
vi. دستاويزي ثبوتن سان گڏ دستياب مشينري ۽ سامان جي تفصيل.
vii. گهٽ ۾ گهٽ هڪ ساڳئي نوعيت جو ڪم جنهن جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت ڪم جي اندازي مطابق قيمت جو 80% هجي يا گهٽ ۾ گهٽ ٻه ساڳئي نوعيت جا ڪم جن مان هر هڪ جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت اندازي مطابق قيمت جو 50% هجي.
viii. مالي سراسري ساليانو مالي ٽرن اوور گذريل ٽن سالن دوران اسڪيم / منصوبي جي برابر قيمت کان گهٽ نه هجي.
ix. اڪائونٽ مينٽيننس سرٽيفڪيٽ سان گڏ گذريل (3) سالن جي بينڪ اسٽيٽمينٽ جيڪا مالي کي يقيني بڻائڻ لاءِ ٽرن اوور ڏيکاري ٿي.
x. تازو حلف نامو ته فرم ڪنهن به مقدمي ۾ شامل ناهي ۽ ڪم کي اڌ ۾ نه ڇڏيو ويو آهي.
xi. تازو حلف نامو ته فرم ڪنهن به خريداري ايجنسي طرفان بليڪ لسٽ نه ڪيو ويو آهي ۽ ڏنل معلومات، دستاويز ۽ ڊيٽا بلڪل صحيح ۽ درست آهن.
xii. ڪنهن به شيڊيول بينڪ کان پي آرڊر جي صورت ۾ تخميني قيمت جي 5٪ جي برابر بڊ سيڪيورٽي (يعني مقرر ڪيل 1000000 رپيا).
xiii. قيمتون انگن ۽ لفظن ۾ بيان ڪيون وڃن.
xiv. واڪ ڏيندڙ جي صحيح، مُهر سان.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر (B&R)
TMC صدر

INF-KRY.NO.0175/2026

i WORK FOR SINDH JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT www.iwork4sindh.com

پاپوليشن ويلفيئر ڊپارٽمينٽ گورنمينٽ آف سنڌ

اين آءِ سي ايل بلڊنگ 11 فلور عباسي شهيد روڊ پنيان ايف ٽي سي بلڊنگ گورا قبرستان ڪراچي

تاريخ: 16 جنوري، 2026

ٽينڊر نوٽيس

پاپوليشن ويلفيئر ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ، ڪراچي، هيٺ ڄاڻايل اسٽورز آئٽمز جي خريداري واسطي ڊائريڪٽوريٽ آف سيلز ٽيڪس اينڊ انڪم ٽيڪس /ايس آر بي جيئن لاڳو ڪرڻ جو ڳو هجي سان رجسٽرڊ ٿيل سٺي ساک رکندڙ پرائمري مينوفيڪچررز ۽ سندن مجاز نمائندن کان سنگل اسٽيج ون انويلپ طريقيڪار تي هن ذريعي مهربند آن لائين EPADS وسيلي (فقط) واڪ گهرائي ٿو.

پاپوليشن ويلفيئر ڊپارٽمينٽ حڪومت فيملي پلاننگ ۽ ريپروڊڪٽو هيلٿ سروسز لاءِ سنڌ ۾ ڪم ڪري رهي آهي. جنهن ۾ هيڊڪوارٽر ڪراچي ۾ لڳ ريجنل ٽريننگ انسٽيٽيوٽ واقع ايٽ ڪراچي ۽ پاپوليشن ويلفيئر ٽريننگ انسٽيٽيوشن ڪراچي واقع اسڪيم 33، ويجهو انور جمالي پل ڪراچي ۾ آهي.

PWDS پاران اليڪٽرڪلي واڪ EPADS وسيلي سنگل اسٽيج ون انويلپ طريقيڪار سان آئوٽ سورس سيڪيورٽي سروسز لاءِ سٺي ساک رکندڙ ڪمپنين وٽان جيڪي فيڊرل/پراونشل ٽيڪس اختيارين وٽ رجسٽرڊ هجن. تن کان واڪ گهرائجن ٿا.

نمبر شمار	ٽينڊر جي ڪوٽ	تفصيل	واڪ سيڪيورٽي
.1	No. PWDS/W&D/SS/2025-26/10	آئوٽ سورس سيڪيورٽي سروسز	2% ڪل واڪ رقم جو سمورن ٽيڪسن سميت

ٽينڊر في ۽ تاريخ

ٽينڊر دستاويز في	2000 رپيا (ناقابل واپسي)
اجراءَ جي تاريخ	19 جنوري، 2026
اجراءَ جي آخري تاريخ ۽ وقت	02 فيبروري، 2026 صبح 11:00 وڳي
اماڻڻ جي تاريخ ۽ وقت	19 جنوري، 2026 کان 02 فيبروري، 2026 تي صبح 11:00 وڳي
کولڻ جي تاريخ ۽ وقت	02 فيبروري، 2026 تي صبح 11:30 وڳي

ٽينڊر ڪاغذ ايس پي پي آر اي جي EPADS ويب سائيٽ تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا ۽ ٽينڊر/واڪ دستاويز (واڪ سيڪيورٽي/سوٽي رقم ۽ سپورٽنگ دستاويز) گڏ پيش ڪري ايس پي پي آر اي جي EPADS ويب سائيٽ https://portalsindh.eprocure.gov.pk تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا. ڊپٽي ڊائريڪٽر (W&D)، پاپوليشن ويلفيئر ڊپارٽمينٽ، سنڌ ڪراچي 11 فلور اين آءِ سي ايل بلڊنگ، عباسي شهيد روڊ پنيان ايف ٽي سي بلڊنگ، گورا قبرستان ڪراچي جي آفيس ۾ موجود واڪ ڏيندڙن يا سندن نمائندن اڳيان جيڪي موجود رهن کوليا ويندا.

واڪ ڏيندڙن کي جملي واڪ رقم جو 2% تي واڪ سيڪيورٽي پي آرڊر جي صورت ۾ بحق سيڪريٽري، پاپوليشن ويلفيئر ڊپارٽمينٽ، گورنمينٽ آف سنڌ، ڪراچي جمع ڪرائڻ لاءِ گهربل آهي. متبادل آچ جي صورت ۾ عليحده ٽينڊر ڪاغذ خريد ڪرڻ گهرجن ۽ آچ الڳ ۾ واڪ سيڪيورٽي سان گڏ جمع ڪرائڻ گهرجي. 2% واڪ سيڪيورٽي ڪانسواءِ ڪنهن به واڪ کي رد ڪيو ويندو. ڪاتو واڪ يا پروپوزل جي قبوليت کان اڳ ڪنهن به وقت تي سيني واڪن يا پروپوزلس کي رد ڪري سگهي ٿو. ڊپارٽمينٽ ڪنهن به سپلائر يا ڪانٽريڪٽر جنهن واڪ يا پروپوزل اماڻيو آهي، گذارش ڪرڻ تي سيني واڪن يا پروپوزلس جي منسوخي جي سببن بابت ٻڌائي سگهي ٿو پر هو انهن سببن جي وضاحت ڪرڻ لاءِ ٻڌل نه آهي.

شرط ۽ ضابطا

a) اچون پاڪستاني ناٽي (پاڪ ربين) ۾ گهرائجن ٿيون.
b) فقط اپلوڊ ڪيل واڪ سپورٽنگ دستاويزن سميت قبول ڪيا ويندا. واڪ ڏيندڙن ۽ EPADS وچ ۾ ڪنهن تڪرار سبب پيش ڪيل واڪن ۾ ۽ هٿو هٿ واڪ جي صورت ۾ فقط EPADS واڪ ئي چندچاڻ لاءِ اهل سمجهيا ويندا.
c) سرڪار پاران عام موڪل جو اعلان ڪرڻ جي صورت ۾ ٽينڊر ورندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي اماڻيا/کوليا ويندا ۽ وقت ۽ هنڌ ساڳيو رهندو.
d) ٽينڊر ۾ ڄاڻايل اڳهه ٽينڊر کولڻ واري تاريخ کان 90 ڏينهن تائين موثر هئڻ گهرجن يا ايس پي پي رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) جي رول 38 جي شرطن ۾ واڪ جي ڪارگر رهڻ واري توسيع تائين.
e) سيڪيورٽي سروسز جو مدو 26-2025 ۽ 27-2026 لاءِ هوندي ۽ ان کي ڪاتي طرفان اڳ ۾ ختم ڪري سگهجي ٿو.
f) پاپوليشن ويلفيئر ڊپارٽمينٽ ايس پي پي رول مطابق ڪنهن به شيڊيول آئٽمز جي تعداد کي وڌائڻ يا گهٽائڻ جو حق محفوظ رکي ٿو. جيئن ۽ جڏهن به ان جي ضرورت تصور ڪئي ويندي. پروڪيورنگ ايجنسي ايس پي پي رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) جي لاڳاپيل تشريحات جي شرط سان واڪ يا پروپوزل جي قبوليت کان اڳ ڪنهن به وقت تي سمورن يا ڪنهن به واڪ کي رد ڪري سگهي ٿي.

ڊپٽي ڊائريڪٽر (W&D)
پاپوليشن ويلفيئر ڊپارٽمينٽ سنڌ
فون نمبر: 021-99225652

INF-KRY No. 158/2026

i WORK FOR SINDH JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT www.iwork4sindh.com

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
عالمي بينڪ پاران بجلي خسارو ختم ڪرڻ جي تلقين!
صفحو 4

محمد اسماعيل راهو
هِنئين جَنِين سين هوڏَ
صفحو 4

سنڌ جو سچو عاشق سائين جي ايم سيد
محمد شعيب
صفحو 4

مختيار اڻڙ
اڄوڪو ڏينهن ـ 17 جنوري
صفحو 4

سنڌ جي تاريخي ماڳ اگهم ڪوٽ ۾ بي بي ماهر سلام الله عليها جي حرم پاڪ تي زائرين جي آمد

ساليانه عزاداري سلسلي شهادت حضرت امام موسيٰ ڪاظم عليه السلام جي سلسلي ۾ پوري سنڌ مان قافلا پهتا

امامن جي شهادت واضع پيغام ڏي ٿي ته مظلوم سان هر حال ڳڏ بيهي ظالم خلاف جهاد ڪريو: سيد گوهر عباس نقوي

اسان جا اڳواڻ چاهيو سالن کان پنهنجي قومي وسيلن تي ڦيندڙ ڦرلٽ خلاف روئيندا پيا اچن ته ليڪن ڪين سمجهه ته پئي اچي: علامه اياز علي قمي

ڳالهائيو سيد گوهر عباس نقوي خطاب ڪري رهيو آهي

گلاب لغاري (ن ع) گلاب لغاري ويجهو سنڌ جي تاريخي ماڳ اگهم ڪوٽ ۾ بي بي ماهر سلام الله عليها جي حرم پاڪ تي زائرين ڪاميٽي جي اڳواڻن منظر نقوي نياز حسين لغاري عبدالستار درس لياقت علي خواجه جي سرپرستي ۾ ساليانه عزاداري سلسلي شهادت حضرت امام موسيٰ ڪاظم عليه السلام جي سلسلي ۾ پوري سنڌ مان عزادارين جي قافلن جي آمد جو سلسلو جاري رهيو انهي موقعي تي نوحه خواني ۽ سينه ڪوبي پڻ ڪئي ويئي جڏهن ته مجلس اعزا پڻ منعقد ڪئي ويئي جنهن کي ذاڪر سيد گوهر عباس نقوي ۽ علامه اياز علي قمي خطاب ڪندي اهلبيت عليه السلام جن جو شان بيان ڪندي چيو ته امامن جي شهادت واضع پيغام ڏي ٿي ته مظلوم سان هر حال ڳڏ بيهي ظالم خلاف جهاد ڪريو چو ته اسان جو دين انسانيت، محبت ۽ پائيداري جو پيغام ڏي ٿو مجلس اعزا بعد تابوت برآمد ڪيو ويو. انهي موقعي تي علامه اياز علي قمي ميڊيا سان خصوصي ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو ته اسان جا اڳواڻ چاهيو سالن کان پنهنجي قومي وسيلن تي ڦيندڙ ڦرلٽ خلاف روئيندا پيا اچن ته ليڪن ڪير سمجهه ته پئي اچي ٻئي طرف عالمي سامراج هر جڳهه تي لوفرپڻو ڏيکاريندي انساني حقن کي لتاڙيندو پيو اچي اهو ظاهر ٿي پيو آهي وينزيلا واقعي بعد آمريڪا اگهاڙو ٿي پيو آهي وينزيلا جي قدرتي وسيلن تي اتان جي ماڻهن جو حق ڪونهي جو آمريڪا انهن تي قابض ٿيو آهي هڙ چيو ته آمريڪا جي عوام ۽ اتان جي پارليامينٽ کي اپيل ٿا ڪريون ته ٽرمپ کي لغام ڏيو ۽ اهڙي طرح اسان پاڪستان حڪومت کي چئون ٿا جتي جڙ قومن جا جيڪي وسيلا آهن اهي اتي خرچ ڪيا وڃن اهڙي طرح سنڌ جي پاڻي گئس بجلي سمنڊ بندرگاهه ڪوئلي ۽ ٻين سڀني قدرتي وسيلن تي سنڌ جي جوانن ماڻن ۽ پيٽرن جو حق آهي اهي اتي خرچ ڪيا وڃن ٻئي صورت ۾ طوفان حڪمرانن کي ٻوڙي ڇڏيندو. انهي موقعي تي سيڪيورٽي جا انتظام الحسيني اسڪائوٽ اگهم ڪوٽ جي سربراهه حسن علي لغاري ۽ گلاب لغاري ٿاڻي جي ايس ايچ او جي اڳواڻي ۾ پوليس طرفان حفاظتي انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا هئا

ٽنڊوآدم روڊ تي ڳوٺ يعقوب خاصخيلي ۾ نامعلوم ڪارڻ سبب فائرنگ ۾ زخمي ٿيل نوجوان فوت

زخمي نوجوان کي ٽنڊوآدم ۽ بعد ۾ حيدرآباد اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي هو زخمن جا سور نه سهي سگهيو

عبدالواحد خاصخيلي پسٽل جا فائر ڪري رستم خاصخيلي کي قتل ڪيو آهي: مقتول جي چاچي جو الزام

جوابدار کي فوري طور گرفتار ڪري مٿس قتل جو ڪيس داخل ڪيو وڃي ۽ ڪين انصاف فراهم ڪيو وڃي

شهدادپور (رپورٽ: محسن رضا ڪلهوڙو) ٽنڊوآدم روڊ تي جتيا ٿاڻي جي حد ۾ واقع ڳوٺ يعقوب خاصخيلي ۾ پيش آيل فائرنگ جي واقعي ۾ زخمي ٿيل نوجوان علاج دوران فوت ٿي ويو جڏهن ته واقعي بابت پوليس جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. تفصيل موجب، ڪالهه ڳوٺ يعقوب خاصخيلي ۾ نامعلوم ڪارڻ سبب فائرنگ جو واقعو پيش آيو جنهن ۾ 30 سالا رستم ولد مبين خاصخيلي کي گولين لڳڻ سبب سخت زخمي حالت ۾ پهريائين ٽنڊوآدم ۽ بعد ۾ حيدرآباد اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هو زخمن جا سور نه سهي سگهيو ۽ رات دير سان فوت ٿي ويو نوجوان جي فوت ٿيڻ بعد وارث سندس مڙهه حيدرآباد مان ڪڻائي ڳوٺ پهچايو ويو جتان ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ سس اسپتال شهدادپور آندو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران پوسٽ مارٽم ڪيو پيو وڃي. سس اسپتال شهدادپور ۾ مقتول جي چاچي رضا محمد ولد لعل بخش خاصخيلي ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام هنيو ته عبدالواحد خاصخيلي پسٽل جا فائر ڪري رستم خاصخيلي کي قتل ڪيو آهي هن چيو ته سندن نوجوان کي سوچي سمجهي گولين هڻي قتل ڪيو ويو آهي. وارثن مطالبو ڪيو آهي ته جوابدار کي فوري طور گرفتار ڪري مٿس قتل جو ڪيس داخل ڪيو وڃي ۽ ڪين انصاف فراهم ڪيو وڃي. ٻئي طرف آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪو به حتمي ڪارڻ سامهون نه اچي سگهيو آهي. جڏهن ته جتيا پ پ پوليس واقعي واري هنڌ تان شاهدن کا ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي پوليس جو چوڻ آهي ته جلد حقيقتون سامهون آنديون وينديون

ڪراچي واهه ۾ مهينو گذرڻ باوجود پاڻي نه ڇڏڻ سبب ڪوڙڙي سائيٽ ۾ بحران پيدا ٿي ويو

ڪوڙڙي سائيٽ سميت ٻين علائقن جا رهواسي ٽئنڪر مافيا کان مهانگو پاڻي خريد ڪري پيئڻ تي مجبور

منرل واٽر پلانٽ مالڪن به پنهنجي پاڻي جا اگهه وڌائي مجبور ۽ بي وس ماڻهن کي وڌيڪ پريشان ڪري ڇڏيو

هتي انسان رهن ٿا جانور نه هڪ مهينو گذري ويو پر ڪير به ڌيان ڏيڻ وارو ڪونهي، پيئڻ جو پاڻي ڏنو وڃي: رهواسي

ڪوڙڙي(ن ع) ڪراچي واهه جو پاڻي هڪ مهينو گذري وڃڻ کان پوءِ به نه کلي سگهيو. آبپاشي کاتي پاران سنڌو درياءَ مان نڪرندڙ ڪراچي واهه سميت ٻين واهن کي ساليانه وارا بندي جو جواز ڄاڻائي 20 ڊسمبر 2025 کان 15 جنوري 2026 تائين بند رکڻ جو اصولي فيصلو ڪيو هو پر ٽائيم شيڊيول مڪمل ٿيڻ کان پوءِ آبپاشي کاتي جو ڪو به عمل نه آيو آهي نه ئي واهن ۾ پاڻي ڇڏيو ويو آهي جنهن جي ڪري پيئڻ جي پاڻي جي شديد کوٽ سبب ڪراچي واهه مان پاڻي حاصل ڪري پيئڻ وارن علائقن وارا ماڻهو تڙپي جانور اڄ سڃي رهيا آهن ٻئي طرف آبادگار به پريشان حال آهن چو ته زراعت جو دارومدار به ڪراچي واهه جي پاڻي تي ميسر آهي پاڻي نه ڇڏڻ سبب ڪوڙڙي سائيٽ سميت ٻين علائقن جي لکين آبادي وارا رهواسي ٽئنڪر معافيا کان مهانگو پاڻي خريد ڪري پيئڻ تي مجبور آهن ته ٻئي طرف منرل واٽر پلانٽ مالڪن به پنهنجي پاڻي جا اگهه وڌائي مجبور بي وس ماڻهن کي پريشان ڪري ڇڏيو سعيد ظريفي ڏسي سائيٽ ڪوڙڙي پاڻي ايڪشن ڪاميٽي جي اڳواڻن شهباز ميمڻ،عارف ڪوسو ،شاهزيب چانديو ۽ ٻين پڪائي ميرن روڊ بند ڪري سخت احتجاج ڪري ڌانهيندي چيو آهي ته هتي انسان رهن ٿا جانور نه هڪ مهينو گذري ويو پر ڪير به ڌانهن ٻڌڻ وارو ڪونهي جو ڪنهن به انتظاميا پنهنجي من پسند ماڻهن کي منفعت ۾ ٽئنڪر لاهي ڏيڻ ٿي پر ٻين تي انهن جي نظر نه ٿي پوي مجبور ٿي ڳري اگهه تي ٽئنڪر معافيا کان پاڻي وٺون ٿا هنن چتاءُ ڏنو آهي ته جيڪڏهن ڪراچي واهه ۾ پاڻي نه ڇڏيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌائي ذميوارن جو گهيرو تنگ ڪنداسين

چيمبر آف ڪامرس ضلع شهيد بينظيرآباد طرفان سڪرنڊ پريس ڪلب جي نئين باڊي جي مان ۾ آجياڻو

سڪرنڊ (ن ع) چيمبر آف ڪامرس ضلع شهيد بينظيرآباد جي ميمبر سردار راجا خانزاده پاران خانزاده هائوس سڪرنڊ ۾ سڪرنڊ پريس ڪلب جي سال 2026 لاءِ ٿيندڙ اليڪشن ۾ سنڌڙي پينل جي بنا مقابلي شاندار ڪاميابي تي سندن مان ۾ آجياڻي جو اهتمام ڪيو جنهن ۾ سندس ڀاءُ ڊاڪٽر عبدالصمد خانزاده ۽ احسان خانزاده آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافتي سوکڙي لنگيون ۽ اجرڪون پارايون پروگرام دوران ميزبان راجا خانزاده آجياڻو پيش ڪندي چيو ته سڀ کان پهرين ته نوان عهديدارن جيڪي صدر غلام حيدر سولنگي ۽ جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح جي اڳواڻيءَ ۾ بنا مقابلي چونڊجي آيا آهن ڪين مبارڪون پيش ڪيون ٿا ان اميد سان ته هو سڪرنڊ پريس ڪلب جي صاف ستري صحافت واري روايت کي قائم رکندي شهر وارن جي خدمت جاري رکندا ۽ مظلوم طبقي جو سگهارو آواز بڻجندا هڙ وڌيڪ چيو ته قاضي جاويد سنائي کي پڻ سلام ٿا پيش ڪيون جنهن جي محبت ڀري حڪمت عملي سان هر سال نوان ۽ نوجوان چهرا سامهون ايندا آهن جيڪي ڪلب لاءِ فائديمند ثابت ٿيندا آهن اسان جو ساٿ ۽ سهڪار اوهان سان رهندو جنهن تي صدر غلام حيدر سولنگي ڳالهائيندي چيو ته اسين شڪر گذار آهيون ڀاءُ راجا خانزاده جا جنهن مان ڏنو آهي اسين ڪيس يقين ٿا ڏياريون ته سڪرنڊ پريس ڪلب ان شاء الله اڳي کان وڌيڪ بهتر ڪردار ادا ڪندو ان ڪان اڳ عليم خانزاده ، نظام الدين رند ، محسن مغل ، عديل صابر خانزاده ۽ عباس خانزاده آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو ان موقعي تي حاجي عبدالله مگسي ، ذيشان سومرو ، ولي محمد پٽي ، عدنان خانزاده ، رضا محمد سيال ، منصور لغاري ، احسن رضا پٽي ۽ قاضي جاويد سنائي پڻ موجود هئا

ٽنڊوالهيار ميونسپل ڪميٽي جي چيئرمين پاران اهم اجلاس

عوام کي وڌ کان وڌ بنيادي سهولتون مهيا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون: ثمر شاهه

اسان عوام جا چونڊيل نمائندا آهيون عوامي ترقي ۽ بنيادي سهولتون ڏيڻ اسان جو فرض آهي

ٽنڊوالهيار(د ر) ٽنڊوالهيار ميونسپل ڪميٽي چيئرمين سيد ثمر حسن شاهه رضوي جي صدارت هيٺ ڪائونسل جو اجلاس ٿي گذريو اجلاس دوران شهري سهوليات ۾ بهتري ۽ عوامي فلاح ۽ بهبود ۽ ٻين منصوبن تي مشاورت ڪئي وئي ان موقعي تي ميونسپل ڪميٽي چيئرمين سيد ثمر حسن شاهه رضوي ڳالهائيندي چيو ته شهر جي عوام کي وڌ کان وڌ بنيادي سهولتون مهيا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون ۽ ٽنڊوالهيار شهر کي هڪ صاف ستو . سرسبز ۽ ترقي يافتا شهر بنائڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا هن چيو ته اسان عوام جا چونڊيل نمائندا آهيون عوامي ترقي ۽ بنيادي سهولتون ڏيڻ اسان جو فرض آهي جنهن ۾ ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي شهر کي خوبصورت بنائڻ اسان سڀني جو ڪم آهي ٽنهنڪري شهري عوام کي گهرجي ته بلديا عملي ساڻ ڀرپور تعاون ڪن جيئن ٽنڊوالهيار شهر کي مثالي شهر بڻائي سگهون هن وڌيڪ چيو ته ميونسپل ڪميٽي جو عملو ڏينهن رات عوامي خدمتن ۾ ڏڙل آهي برسات سميت قومي ۽ مذهبي ڏهاڙن ۾ بلديا جا آفيسر ۽ عملو هر وقت شهرين سان گڏ هوندو آهي اسان جا در هميشه عوام لاءِ کليل هوندا آهن اسان جي ڪوشش آهي ته پنهنجي ماڻهن جي جيتري ٿي سگهي خدمت ڪريون

ٽنڊوالهيار ايم سي چيئرمين سيد ثمر حسن شاهه اجلاس جي صدارت ڪندي

اسد چندريگر نالي شخص فراڊي ٽولي جو سربراهه آهي: اسلم قريشي

مون سميت شهر جي ڪيترن ئي ماڻهن سان 2 ڪان اڍائي ڪروڙن جو فراڊ ڪيو آهي

اسد چندريگر فراڊي ماڻهو آهي جنهن تي مختلف ماڻهن پاران 5 ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

ٽنڊوآدم اسلم قريشي پريس ڪانفرنس ڪندي

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي رهواسي محمد اسلم قريشي ٽنڊوآدم پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته اسد چندريگر نالي شخص فراڊي ٽولي جو سربراهه آهي جنهن مون سميت شهر جي ڪيترن ئي ماڻهن سان 2 کان اڍائي ڪروڙن جو فراڊ ڪيو آهي هن مون کان جنوري 2025 تي هڪ ڪرولا ڪار پنجن مهينن جي اوڌر تي ساڍن 35 لکن ۾ ورتي جيڪا هن اڳتي وڪڻي 10 لک مون کي ڏنا ۽ 25 لکن جو چيڪ ڏنو جيڪو ڪيش نه ٿيو ساڳئي طريقي سان ٻين ماڻهن سان به فراڊ ڪري هو حيدرآباد ڀڄي ويو مون عدالت جي معرفت مٿس ڪيس داخل ڪرايو پوليس ڪيس حيدرآباد مان گرفتار ڪري ڪٺي آئي ٽن رڪيلن وچ ۾ پئي فيصلو ڪرايو ۽ هن پئسا ڏيڻا ڪيا ۽ سندس ضمانت ٿي ويئي اسلم قريشي وڌيڪ چيو ته ضمانت ٿيڻ بعد هن مون کي پئسا نه ڪوڙ ڏنا ۽ مون تي ڪوڙو ڪيس ڪرايو جيڪو عدالت ختم ڪيو ۽ هن منهنجي خلاف پريس ڪانفرنس ڪري مون تي ورياج وٺڻ جو الزم هنيو ۽ مون کي جراسان ڪرڻ لاءِ موٽسار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي هن چيو ته اسد چندريگر فراڊي ماڻهو آهي جنهن تي مختلف ماڻهن پاران 5 ڪيس داخل ڪيا ويا آهن هن شهرين کي اهڙي فراڊي شخص کان بچڻ جي اپيل ڪندي اعلي اختيارين کان انصاف ۽ تحفظ جي گهر ڪئي آهي

سنڌو جي ڪناري ۽ مقرر شڪار گاهه تي دوستن جون ملاقاتون

فقير بشير احمد هيسباڻي جي مقرر شڪار گاهه تي مڇ ڪچهري جو پروگرام

فنڪار نواز سولنگي، سردار سولنگي، سچي محفل کي وجد طاري ڪري ڇڏيو

نارو شاهه(ن ع) نئين سال جي آمدگي تي سنڌو جي ڪناري ۽ مقرر شڪار گاهه تي دوستن جون ملاقاتون ۽ مڇ ڪچهري جو پروگرام منعقد ڪيو ويو نئين سال جي آمدگي تي نالي واري شخصيت فقير بشير احمد هيسباڻي جي مقرر شڪار گاهه تي پروگرام ڪرايو ويو اهي موقعي تي مهمان خاص رئيس فقير محمد علي هيسباڻي جن هئا، جنهن ۾ دوستن سچي سنڌ کان آيل هئا، محمد مغل بڙدي، فقير محدم حسين هيسباڻي، فقير بلي خان هيسٻاڻي، فقير گورو خان هيسباڻي، فقير رياض احمد هيسباڻي اديب، وڪيل صحافي، فنڪار گڏجي سنڌو جي سلامي ڏني ۽ گلن جي ورکا ڪئي، سلامتي لاءِ دعا گهري بعد ۾ سڀ دوست پاڻ جهموري پاڻي خوش مزاج ٿي مقر شڪار گاهه تي آيل محفل سماع جي محفل شروعات ٿي جنهن ۾ فنڪار نواز سولنگي، سردار سولنگي سچي محفل کي وجداني ڪري ۽ لطيفي لاٽ جي بوبل لعل شهباز جي ڌمال مست قلندري جا نعرا بلند ڪيا، مولا علي جا نعرا هڻيا ۽ نئي سال جي آمدگي تي خيرت جون دعائون گهريون سڀني دوستن لاءِ مڪمل انتظام ٿيل هئا.

گڏيجي صوفي فنڪار صادق علي سولنگي جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

پرياسٽي ۾ قرض ڏيندڙ اداري خلاف مستحق عورتن جو احتجاج

پرياسٽي ڳوٺ عثمان سولنگي جا رهواسي قرض ڏيندڙ سرسو خلاف احتجاج ڪندي

بوڏ واري ڏکئي وقت ۾ اسان سرسو مان ورياج تي 60 هزار پيا ڪنيا هئا: عورتون

پهريان سرسو جو ورياج 15 هزار هيو هاڻ اهو ورياج پنجاه هزار تائين پهتو آهي

پرياسٽي (ن ع) پرياسٽي جي ڳوٺ عثمان سولنگي واسي مرد عورتن ،لياقت سولنگي،جاني سولنگي،مسمات شمشاد سولنگي،مسمات نورجهان سولنگي ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ته بوڏ واري ڏکئي وقت ۾ اسان سرسو مان ورياج تي 60 هزار پيا ڪنيا هئا. هاڻ اهي وڏي هڪ لک ويهه تائين ورياج پهچي ويو.هنن چيو ته هاڻ سرسو جو ملازم خالد ٽنيو،فاروق سولنگي،ممتاز ملاح رياض جمالي ۽ ٻيا بارڳوٺ ۾ اچي پريشان ڪن ٿا ڌمڪيون ڏين ٿا.اسان غريب مسڪين هر ڏفعي هنن کي ڪجهه پيسا ڏئي واپس ٿا ڪيون ۾ بدتميزي ڪري عورتن ٻارن جي تذليل ڪن ٿا هنن چيو ته پهريان سرسو جو ورياج 15 هزار هيو هاڻ اهو ورياج پنجاه هزار تائين پهتو آهي.اسان غريب مسڪين ماڻهون هاريپي تي گذارو ڪندا آهيان ڪٿان ايترا پيسا واپس ڪيون.هنن اعلي اختيارين کان گهر ڪئي ته سرسو جا پيسا ۽ ورياج معاف ڪري اسان غريب مسڪينن سان انصاف ڪيو وڃي

پاڪستاني سامونڊي حدن ۾ پارٽ جي ڪاروائي، 9 ماهيگير گرفتار

لانچ ۾ سوار 9 مڇي جو شڪار ڪندڙن ماهيگيرن کي گرفتار ڪري ورتو

غيرقانوني ڪاروائي سبب گرفتار ماهيگيرن جي خاندان ۾ ڳڻتي جي لهر

ڳاڙهو(ن ع) پاڪستاني سامونڊي حدن ۾ انڊيا جي ڪاروائي 9 پاڪستاني ماهيگير گرفتار خبر موجب گزريل رات دير سان انڊيا جي ڪوسٽ گارڊز اهلڪارن غيرقانوني طور تي پاڪستاني سامونڊي حدن ۾ ڪاروائي ڪندي ابراهيم حيدري جي ادريس جي لانچ نمبر بي 18265 تي قبضو ڪري لانچ ۾ سوار 9 مڇي جو شڪار ڪندڙن ماهيگيرن کي گرفتار ڪري ورتو آهي جنهن ۾ قربان ولد احمد ارمان ولد علي حسين ۽ يونس ولد جلال بشير ۽ ڪامران ولد هاشم شامل آهن جن جو تعلق ڪراچي سان آهي ٻئي طرف انڊيا جي ڪوسٽ گارڊز اهلڪارن جي اهڙي غيرقانوني ڪاروائي سبب گرفتار ماهيگيرن جي خاندان ۾ ڳڻتي جي لهر ڊوڙي وئي آهي جن پاڪستان حڪومت کان سندن آزادي جو مطالبو ڪيو آهي

ڳاڙهو پارٽ پاران غير قانوني طور گرفتار ڪيل پاڪستاني ماهيگير

اوڏيرولال لڳ ايس ڊي او ايريگيشن لاءِ پوقار شاخ سون جي ڪاڻ ٻڌيل

پوقار شاخ مان ڪيترن هي هنڌن تان غير قانوني طور مٽي وڪرو ڪرڻ لڳو

شاخ جا بند ڪمزور ٿي ويا آهن ۽ اڳ به ڪيترائي مرتبه شاخ کي ڳهارا پڻ لڳا آهن: رهواسي

اوڏيرولال (ن ع) ايس ڊي او ايريگيشن لاءِ پوقار شاخ سون جي ڪاڻ بڻيل شاخ جي پرياسي رهندڙ مختلف ڳوٺن جي رهواسين احتجاجي ڪندي چيو آهي ته ايس ڊي او ايريگيشن پوقار شاخ مان ڪيترن هي هنڌن تان غير قانوني طور مٽي وڪرو ڪرڻ لڳو آهي جنهن ڪري شاخ جا بند ڪمزور ٿي ويا آهن ۽ اڳ به ڪيترائي مرتبه شاخ کي ڳهارا پڻ لڳا آهن پاڻي اچڻ بعد شاخ کي ٻيهر ڳهارا پوڻ جا انديش آهن شاخ ۾ پاڻي اچڻ بعد شاخ کي ڳهارو لڳو ته ان دوران ڪيو مالي جاني نقصان پهتو ته ان جو ذميوار پوقار شاخ تي مقرر ايس ڊي او ايريگيشن هوندو. آبادگارن ۽ ڳوٺاڻا صوبائي وزير ايريگيشن کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور نوٽيس پوقار شاخ تي مقرر ڪرپٽ ايس ڊي او ايريگيشن کي معطل ڪري شاخ مان واري ڪڻڻ جو سلسلو بند ڪرائي شاخ جا بند ڪمزور ٿيڻ کان بچايا وڃن نه ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

اڏيرولال پوقار شاخ مان هيوي مشيري ذريعي مٽي ڪٽي پئي وڃي

نصيرآباد جي اسڪول مان چوري خلاف احتجاج جاري

پ ٽ الف ۽ شهري اتحاد پاران احتجاج جو سلسلو تيز ٿي ويو

واقعي کي 48 ڪلاڪ گذري وڃڻ باوجود پوليس چورن جو سراغ لڳائڻ ۾ ناڪام رهي آهي: اڳواڻ

نصيرآباد(ن ع) گورنمينٽ بوائز پرائمري مين اسڪول نصيرآباد جي سولر پلانٽ جون قيمتي هيوي بيٽريون چوري ٿيڻ واري واقعي خلاف پ ٽ الف ۽ شهري اتحاد پاران احتجاج جو سلسلو تيز ٿي ويو آهي اڄ ٻئي ڏينهن به احمد علي واهوچي عبدالوهاب بروهي، معشوق باداڻي ۽ ڪامريڊ سينگار نوناري جي اڳواڻي ۾ اسڪول کان ٿاڻي تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ استادن شهرين ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته تعليمي ادارن جي ملڪيت کي نشانو بڻائڻ انتهائي شرمناڪ عمل آهي هنن پوليس انتظاميه تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته واقعي کي 48 ڪلاڪ گذري وڃڻ باوجود پوليس چورن جو سراغ لڳائڻ ۾ ناڪام رهي آهي جيڪڏهن ايندڙ 48 ڪلاڪن اندر چوري ٿيل بيٽريون واپس نه ٿيون ۽ چور گرفتار نه ٿيا ته سومر ڏينهن تعلقي جا سمورا اسڪول شاگرد، استاد ۽ شهري اتحاد گڏجي شهر ۾ وڏو احتجاج ڪندا. احتجاجي تحريڪ تيستائين جاري رهندي جيستائين اسڪول جي چوري واپس نٿي ملي احتجاج ۾ شامل معصوم ٻارڻ ميڊيا ساڻ ڳالهائيندي پنهنجي تڪليف جو اظهار ڪيو شاگردن جو چوڻ هو ته سولر سسٽم جون بيٽريون چوري ٿيڻ سبب اسان کي اونداهي ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ سخت مشڪلاتون پيش اچي رهيون آهن اسان جو تعليمي نقصان ٿي رهيو آهي. حڪومت ۽ پوليس اسان جي اسڪول جو سامان جلد واپس ڪرائي مظاهرين اسڪول کان ريلي ڪڍڻ بعد نصيرآباد ٿاڻي آڏو ڌرڻو هنيو ۽ سخت نعريبازي ڪئي اڳواڻن جو چوڻ هو ته تعليمي ادارا محفوظ ناهن جنهن جي ڪري ٻارن جو مستقبل داءُ تي لڳل آهي هنن ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي اسڪول جي چوري واپس ڪرائي وڃي

نصيرآباد اسڪول مان چوري خلاف هنيل احتجاجي ڌرڻي جو ڏيک

خيرپور پوليس جي بروقت ڪارروائي، ٻه مينهون برآمد

پوليس برآمد ٿيل مينهون اصل مالڪ جي حوالي ڪري ڇڏيون

مينهن جي چورن خلاف مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن: پوليس

خيرپور (د ر) خيرپور پوليس جي بروقت ڪارروائي ٻه مينهون برآمد ڪري اصل مالڪ جي حوالي ڪري ڇڏيو تفصيل موجب خيرپور جي بي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس ۽ مل ڪالوني چونڪي انچارج ڪارروائي ڪندي استاد راڻو خان چانڊيو جي واڙي مان ٻه مينهون نامعلوم چور ڪاهي وڃي رهيا هئا ته چورن جو پيڇو ڪندي ٻه مينهون برآمد ڪري ورتيون ۽ چور فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. جڏهن ته برآمد ٿيل مينهون اصل مالڪ جي حوالي ڪري ڇڏيون ۽ چورن خلاف مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن.

پ پ عوامي پارٽي آهي، خدمت ڪريون پيا: ايڊووڪيٽ اعجاز احمد ڪهڙو

اسان سوڀوديرو تعلقي جي عوام کي هر بنيادي سهولت ڏيڻ لاءِ هر وقت حاضر آهيون

شهرين کي بنيادي سهولت ڏيڻ لاءِ اسان جون ٽيمون بهترين نمونو ڪم ڪري رهيون آهن

سوڀوديرو(ن ع) پ پ عوامي پارٽي آهي، ان جي دور ۾ ئي سنڌ ترقيءَ ڪئي آهي، اسان جا دروازا هر وقت عوام جي خدمت لاءِ کوليل آهن: ٽائون چيئرمين سوڀوديرو ايڊووڪيٽ اعجاز احمد ڪهڙو جون عبرت رپورٽ فقير محمد عباسي سان ڳالهيون ڪندي هن وڌيڪ چيو ته تعلقي جي عوام کي هر سهولت ڏيڻ لاءِ اسان حاضر آهيون تعلقي اندر بيسڪ پروگرام ڪي ترت بنياد تي هلائي رهيا آهيون، ان اندر درپيش مسئلن جي حل لاءِ اسان جي ٽيم ڪم ڪري رهي آهي. تعلقي سوڀوديرو جي ٽائون ڪاميٽي اندر جيڪي به مسئلا آهن انهن کي حل ڪرڻ اسان جي اولين ترجيح آهي. شهرين کي بنيادي سهولت ڏيڻ لاءِ اسان جون ٽيمون بهترين نمونو ڪم ڪري رهيون آهن. هن وڌيڪ چيو ته پي پي حڪومت سنڌ ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرائي آهن. جنهن ۾ خيرپور ضلعي ۾ وڌيڪ ڪم ڪر ليا آهن. سڀ کان وڌيڪ تعليم جي شعبي ۾ اسان جي سرڪاري ڪم ڪري رهيا آهن. ان لاءِ سڀ کان وڌيڪ يونيورسٽيون ۽ ڪاليجن جو چار وڇائي رهيا آهيون جلد ئي پنهنجي تعلقي اندر ٽيڪنيڪل يونيورسٽي يا ڪاليج جو بنياد رکيا ويندي جنهن سان ته جي نوجوانن کي ٽيڪنيڪل جي شعبن ۾ تعليم ڏئي انهن کي هنر مند بڻايو ويندو جنهن سان هو سلو روزگاهه ڪمائي زندگيءَ جو سلو گذر سفر ڪري سگهن اسان جو ڪم عوام کي روزگاهه جا موقعا فراهم ڪري ڏيڻ آهن. سوڀوديرو اندر صفائي ستراڻي، حددخلين سميت روينيو جا ڪافي تعداد ۾ مسئلا آهن جن کي به آءُ پاڻ ڏسي انهن جو ترت حل ڪڍڻ ۽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. پي پي جو واڳون هن وقت نوجوان قيادت جي هٿن ۾ آهن. جيڪي سلي نموني سان ان کي هلائي رهي آهي. جنهن مان عوام ۾ پڻ مطمئن آهي ايندڙ وقت عوام ۾ خوشيءَ جي لهر ۽ عوامي دور هوندو.

سوڀوديرو ۾ پبلڪ هيلٿ جي ڪوهن تي قبضي خلاف جيالن جو احتجاج

سوڀوديرو (ن ع) سوڀوديرو شهر جي رهواسين پ پ جي جيالن عطا محمد سومرو عرف مينگل ۽ محمد عظيم سهتو تعلقا پريس ڪلب تي احتجاج ڪندي چيو ته سوڀوديرو جو چونڊيل پ پ جو ڪائونسلر ماجد علي ميمڻ محراب واه تي پراڻي وقت کان قائم ڪيل ڊرينيج جي ڪوهن تي قبضو ڪري غير قانوني وڪرو ڪري رهيو آهي هنن چيو ته سوڀوديرو جي اڳوڻي چيئرمين ميڊم نورجهان عباسي 1984 ۾ اها زمين خريد ڪري اتي ڊرينيج جا ڪوه ٺهرايا هيا جن تي هاڻ پ پ جو ماجد علي ميمڻ زبردستي قبضو ڪري ڪيٽري آيراضي اڳ به وڪرو ڪئي آهي هن وقت به رهيل ڊرينيج جي پلاٽن کي وڪرو ڪري رهيو آهي لطيف ڪالوني سوڀوديرو جي رهواسين بار بار احتجاج ڪن ٿا ۽ پبلڪ هيلٿ انجنيئر ايس ڊي او رانيپور خيرپور روينيو آفيسرن سان ملون ٿا پر ڪو به ڪڙ تيل نٿو نڪري پ پ جيالن عظيم سهتو ۽ عطامحمد عرف مينگل سومرو ميڊيا کي ٻڌايو ته قبضيدار پ پ ڪائونسلر ماجد علي ميمڻ ۽ ان جي ٽيم سرڪاري ڊرينيج جي پلاٽن جي ساپ ڪري وڪرو رهيا هيا ته ڊرينيج جي پلاٽ جو سمورو رڪارڊ ڪيل پيمنٽ رڪارڊ ۽ عدالت جو ڪجهه عرصو اڳ ڏنل فيصلي جو رڪارڊ اي سي سوڀوديرو شاهه محمد چانڳ کي ڏيکاريو جنهن پبلڪ هيلٿ انجنيئر راڻيپور کان حقيقت معلوم ڪري تپيدار سوڀوديرو کان پڇا ڪئي تپيدار سوڀوديرو وسيم سومرو اي سي سوڀوديرو کي ٻڌايو ته ڪيس عدالت ۾ هلندڙ آهي اي سي سوڀوديرو فورن نوٽيس وٺندي سوڀوديرو شهر جي مهراب واهه ڊرينيج جي سرڪاري پلاٽ تي پهچي قبضيدار کي سخت هدايت ڪئي ته سرڪاري پراپرٽي سان ڇيڙ ڇاڙ بند ڪئي پ پ جي جيالن پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري،وزيراعلي سنڌ،ڊي سي خيرپور نيب سکر ۽ ٻڪ جي چونڊيل نمائندن کان گهر ڪئي ته اڳ قبضو ختم نه ڪرايو ته اسان سخت احتجاجي تحريڪ هلائينداسين ان سان گڏ هڪ ڪيل سمورو رڪارڊ درخواست سميت جلد نيب سکر،اينٽي ڪرپشن،ڪمشنر سکر،ڊي سي خيرپور ۽ اعلي حڪام ڏانهن وٺ ڪارروائي لاءِ ڏنو ويندو

خيرپور لڳ روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويل ياسين ميتلو جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي

خيرپور (د ر) خيرپور لڳ روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويل خيرپور جي وڪيل ياسين ميتلو جي جنازي نماز خيرپور لڳ ڳوٺ خدا بخش ميتلو ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ علائقي جي ماڻهن شهرين وڪيلن سجاڏ ڏرين ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته حادثي سبب فوت ٿي ويل وڪيل جي سوڳ ۾ خيرپور ڊسٽرڪٽ بار پاران هڪ ڏينهن سوڳ ملهائڻ ۽ عدالتن ۾ ورڪ سسپنڊ جو اعلان ڪيو ويو آهي . واضع رهي ته گذريل ڏينهن احمديور لڳ بن موٽر سائيڪلن ۾ آمهون سامهون زوردار ٽڪر لڳڻ سبب خيرپور جو ايڊووڪيٽ ياسين ميتلو ۽ ٿينگر مهدي چانديو فوت ٿي ويا هئا . روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويل وڪيل جي وارثن سان ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون سوڳ ۾ ورڪ سسپنڊ ڪيو ويو آهي .

گڏيجي ۾ صوفي فنڪار صادق علي سولنگي لاڏاڻو ڪري ويو

گڏيجي (ن ع) پريس ڪلب راڻيپور جي نائب صدر وحيد سولنگي ۽ ايڊووڪيٽ نائب حسين سولنگي جو والد ناليوارو صوفي فنڪار صادق علي سولنگي ڪجهه ڏينهن بيمار رهڻ بعد گمس اسپتال گمبٽ ۾ 80ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو جنهن جي جنازا نماز ڳوٺ ملهيراڻي سولنگي ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ صحافين ،وڪيلن،ڊاڪٽرن ۽ ڳوٺاڻن وڏي تعداد ۾شرڪت ڪئي جنهن کي اباڻي قبرستان ۾مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو

مهراڻ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ پهرين ٽن ڏينهن واري عالمي ڪانفرنس جي اختتامي تقريب

اهڙيون ڪانفرنسون محققن، اسڪالرن ۽ شاگردن کي گڏائيندڙ ٿيون ۽ ڄاڻ ونڊڻ جو موقعو پيدا ڪن ٿيون: ڊاڪٽر طفيل جوکيو

مهراڻ يونيورسٽي سال ۾ چار کان پنج عالمي ڪانفرنسون ڪرائي سرگرم ۽ متحرڪ يونيورسٽي هجڻ جو ثبوت ڏنو آهي: ڊاڪٽر طه حسين علي

هڪڙي زماني ۾ ٽن سالن اندر به ڪا ڪانفرنس مشڪل سان ٿيندي هئي هاڻي سال اندر چار کان پنج عالمي ڪانفرنسون ٿين ٿيون: تقريب کي خطاب

ڄامشورو وائيس چانسلر مهراڻ يونيورسٽي اين اي ڊي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر کي اعزازي شيلڊ پيش ڪندي

ڄامشورو(پ ر) انسٽيٽيوٽ آف انفارميشن اينڊ ڪميونيڪيشن ٽيڪنالاجيز مهراڻ يونيورسٽي طرفان منعقد ڪيل پهرين ٽن ڏينهن واري عالمي ڪانفرنس جي اختتامي تقريب ٿي گذري. مهمان خاص طور خطاب ڪندي اين اي ڊي انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي يونيورسٽي ڪراچي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر محمد طفيل جوکيو چيو ته مهراڻ ۾ عالمي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿي خوشي ٿي آهي اهڙيون ڪانفرنسون محققن اسڪالرن ۽ شاگردن کي گڏائيندڙ ٿيون ۽ ڄاڻ ونڊڻ جو موقعو پيدا ڪن ٿيون اين اي ڊي جي وائيس چانسلر چيو ته هي دور انفارميشن ۽ ڪميونيڪيشن ٽيڪنالاجيز جو آهي اسان جي ترقي ۽ خوشحالي انفارميشن ۽ ڪميونيڪيشن ٽيڪنالاجيز جي ميدان ۾ پاڻ مڃائڻ ۾ آهي. مهراڻ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طه حسين علي چيو ته مهراڻ يونيورسٽي سال ۾ چار کان پنج عالمي ڪانفرنسون ڪرائي سرگرم ۽ متحرڪ يونيورسٽي هجڻ جو ثبوت ڏنو آهي هڪڙي زماني ۾ ٽن سالن اندر به ڪا ڪانفرنس مشڪل سان ٿيندي هئي هاڻي سال اندر چار کان پنج عالمي ڪانفرنسون ٿين ٿيون يونيورسٽي ترقي ڪري رهي آهي مهراڻ ۾ باهرين دنيا جي محققن جي اچ وڃ يونيورسٽي جي بهتر ماحول جي نشاني آهي هن چيو ته اهڙيون ڪانفرنسون سيمينار ۽ ورڪشاپ جاري رهڻ گهرجن ڪانفرنس ۾ دنيا جي 12 ملڪن جي ماهرن ۽ محققن تحقيقي مقالا پيش ڪيا . ڪل مقالا 61 پيش ڪيا ويا. ڪانفرنس ۾ ملڪ جي مختلف اعلي تعليمي ادارن جا محقق ۽ اسڪالر پنهنجا پيپر پيش ڪيا آهن مهراڻ يونيورسٽي جي پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر انيل ڪمار رجسٽرار پروفيسر ڊاڪٽر نصرالله پيرزادو ۽ فيڪلٽيز جي ڊينز اختتامي تقريب ۾ شرڪت ڪئي

زرعي يونيورسٽي ۾ سيمينار، ماهرن جو نوجوانن جي بااختياري ۽ پائيدار ترقي لاءِ سماجي شموليت تي زور

ساليانو لڳ ڀڳ 2.5 سيڪڙو آبادي ۾ واڌ معاشي ترقي ۽ وسيلن جي موثر انتظام ۾ وڏي رڪاوٽ بڻجي چڪي آهي: ڊي سي

ملڪ جي آبادي 24 ڪروڙ کان وڌي چڪي آهي، جنهن سبب روزگار بنيادي سهولتن ۽ قدرتي وسيلن تي دٻاءُ تيزي سان وڌي رهيو آهي

نوجوانن جي بااختياري رڳو نعرا هئڻ نه گهرجن، پر ان کي عملي موقعن ۾ تبديل ٿيڻ گهرجي، ته جيئن نوجوان پنهنجي صلاحيتن کي اجاگر ڪري سگهن

ٽنڊوڄام (ن ع) سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر الطاف علي سيال چيو آهي ته موجوده دور رڳو تعليمي ڊگرين جو ناهي، پر هي دور عملي مهارتن قابليت ۽ خانگي شعبي سان مضبوط لاڳاپن جي تقاضا ڪري ٿو هن اها ڳالهه سنڌ زرعي يونيورسٽي ۾ اسٽوڊنٽ ٽيچر اينگيجمينٽ پروگرام (آسٽيپ) جي ميزباني هيٺ ۽ سنڌ هائير ايجوڪيشن ڪميشن ۽ هائير ايجوڪيشن ڪميشن اسلام آباد سهڪار سان "سماجي شموليت ۽ نوجوانن جي بااختياري" واري عنوان تحت رٿيل سيمينار کي خطاب ڪندي ڪئي هن چيو ته ملڪ جي آبادي 24 ڪروڙ کان وڌي چڪي آهي جنهن سبب روزگار بنيادي سهولتن ۽ قدرتي وسيلن تي دٻاءُ تيزي سان وڌي رهيو آهي جڏهن ته ساليانو لڳ ڀڳ 2.5 سيڪڙو آبادي ۾ واڌ معاشي ترقي ۽ وسيلن جي موثر انتظام ۾ وڏي رڪاوٽ بڻجي چڪي آهي هن نوجوانن تي زور ڏنو ته هو پاڻ کي تعليمي مارڪيٽ سان لهڪندڙ مهارتن روزگار جي تياري ۽ فيصلا سازي جي فورمن ۾ بامعني شرڪت لاءِ تيار ڪن. ڊاڪٽر الطاف سيال چيو ته خوراڪ جي تحفظ جو مسئلو پڻ سنگين صورت اختيار ڪري رهيو آهي. پاڪستان جيتوڻيڪ ڪڻڪ ۽ چانورن جهڙين بنيادي اجناس ۾ خودڪفيل آهي پر عام ماڻهن جي خوراڪ تائين رسائي ۽ مناسب غذائيت اڃا تائين وڏو چيلينج آهي. هن سماجي شموليت کي پائيدار قومي ترقي جي بنيادي شرط قرار ڏيندي چيو ته نوجوانن جي بااختياري رڳو نعرا هئڻ نه گهرجن پر ان کي عملي موقعن ۾ تبديل ٿيڻ گهرجي، ته جيئن نوجوان پنهنجي صلاحيتن کي اجاگر ڪري سگهن ۽ ڪين موثر نموني استعمال ڪري سگهن آسٽيپ جي چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنڀر چيو ته موسمي تبديليون ۽ زرعي پيداوار ۾ گهٽتائي سبب سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ معاشي دٻاءُ وڌي رهيو آهي، جنهن جو سڌو اثر نوجوانن تي پوندو ۽ انهن تي ذميوارين جو بار وڌيڪ وڌندو. هن چيو ته سنڌ جي نوجوانن ۾ تمام گهڻي صلاحيت موجود آهي، پر ان کي اجاگر ڪرڻ لاءِ منظم رهنمائي، سرپرستي ۽ جامع پاليسين جي سخت ضرورت آهي. ڊاڪٽر تحسين فاطمه مياڻو "نوجوانن لاءِ فود باسڪيٽ" جي تصور تي روشني وجهندي چيو ته غذائيت، خوراڪ جي تحفظ ۽ بااختياري جو پاڻ ۾ گهرو تعلق آهي. هن چيو ته سستي ۽ غذائيت سان ڀرپور خوراڪ تائين رسائي شاگردن جي جسماني ۽ ذهني واڌ ويجهه لاءِ انتهائي ضروري آهي. ان موقعي تي ڊاڪٽر سهيل احمد اوٺو، مير راحب ٽالپر ۽ فاطمه نظاماڻي پڻ خطاب ڪيو سيمينار ۾ شاگردن ۽ استادن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي جڏهن ته پروگرام پڄاڻي کان اڳ معلوماتي سوال جواب واري ويهڪ پڻ رکي وئي.

ٽنڊوڄام زرعي يونيورسٽي ۾ منعقد سيمينار کي وائيس چانسلر ڊاڪٽر الطاف علي سيال ۽ ٻيا خطاب ڪندي

پرياسٽي جي گورنمينٽ گرلس مين ڪيمپس اسڪول جي عمارت زبون

بلڊنگ جا ڇاپڙ شاگرديائين جي اسيمبلي دوران اوچتو ڌماڪي سان ڪري پيا

ڇاپڙ ڪرڻ سبب شاگرديائين ۾ ڀاڄ پئجي وئي، شاگرديائين ۾ خوف ڇانئجي ويو

پرياسٽي(ن ع) پرياسٽي جي گورنمينٽ گرلس مين ڪيمپس اسڪول جي بلڊنگ جا ڇاپڙ شاگرديائين جي اسيمبلي دوران اوچتو ڌماڪي سان ڪري پيا، ڇاپڙ ڪرڻ سبب شاگرديائين ۾ ڀاڄ پئجي وئي اسڪول جي بلڊنگ جي چار الڳ الڳ هنڌن تان اوچتو ڇاپڙ ڪرڻ سبب شاگرديائين ۾ خوف ڇانئجي ويو اسڪول جي ٽيچرس ۽ شاگرديائيون معجزاتي طور محفوظ رهيون 6 شاگرديائيون معمولي زخمي ٿي پيون زخمي شاگرديائين ۾ جنت، ڪلثوم، سڪينا، فوزيه، سائره ۽ صوبيا شامل آهن اسڪول جي شاگرديائين جو بلڊنگ جي ٻيهر ريپيرنگ لاءِ اسڪول جي گيٽ آڏو احتجاجي مظاهرو گرلس ڪيمپس اسڪول کي بلڊنگ ڏيو ۽ تعليم بچايو جي نعريبازي، ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ شاگرديائين جو چوڻ هو اسان جو اسڪول گذريل ڪيترين عرصي کان زبون حال بڻيل آهي 2022 واري برساتن ۽ ٻوڏ کان پوءِ اسڪول جي بلڊنگ جا ڇاپڙ ڪرڻ معمول بڻجي ويو آهي هنن چيو اسان خوف واري حالت ۾ تعليم حاصل ڪري رهيون آهيون روزانو پڙهائي دوران بلڊنگ جي مختلف هنڌن تان اوچتو ڇاپڙ ڪرڻ ٿا ۽ اڄ اسيمبلي دوران بلڊنگ جي ڇپجي تان اوچتو ڇاپڙ ڪريا جتي سڀئي شاگرديائيون اسيمبلي ۾ بيٺل هيون جيڪي معجزاتي طور محفوظ رهيون ڪجهه شاگرديائيون کي معمولي ڌڪ لڳا، شاگرديائيون جو چوڻ هو اسان سخت سردي ۾ ڇاپڙ ڪرڻ جي خوف کان ٻاهر کليل آسمان هيٺ تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور بڻيل آهيون هنن ڊڪ جي ايم پي اي سيد حسن علي شاهه تعليم کاتي جي وزير سيد سردار علي شاهه ۽ ٻين اختيارين کان گهر ڪئي ته فوري طور اسڪول جي بلڊنگ جي ريپير ڪري ڏني وڃي جيئن ٻهتر تعليم حاصل ڪري سگهون ٻئي پاسي اسڪول جي هيڊ مس ميڊيا کي ٻڌايو ته اسڪول جي ريپيرنگ جي لاءِ اختيارين کي لکيل آهي ڪيترائي ڀيرا اختيارين وزٽ ڪيو آهي پر اڃان تائين بلڊنگ جي ريپيرنگ جو ڪم شروع ناهي ٿي سگهيو

پرياسٽي شاگرديائيون اسڪول جي زبون حال هجڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

ڪنڊڪوٽ ۾ چار مهينا اڳ مسينا اغوا ٿي ويل پوروهيت غلام مرتضيٰ گولو جي قتل ٿيڻ جو انڪشاف

ڪنڊڪوٽ(ن ع) چار مهينا اڳ مسينا اغوا ٿي ويل پوروهيت غلام مرتضيٰ گولو جي قتل ٿيڻ جو انڪشاف اهڙي واقعي خلاف سندس جي وارثن جو ايس ايس پي آفيس جي مين گيٽ آڏو احتجاج ڪيو ويو آهي احتجاج ڪندڙن مقتول جي ڀاءُ اعظم گولو ۽ ٻين جو چوڻ آهي ته چار مهينا اڳ اسان جو ڀاءُ غلام مرتضيٰ گولو کي اغوا ڪيو ويو جنهن جي بازيابي لاءِ مسلسل احتجاج ڪياسين ايس ايس پي آفيس جا چڪر لڳائي ٿڪجي پياسين هاڻي انچارج سي سيڪشن پوليس علي نواز سبزوئي ٻڌايو آهي ته توهان جي ڀاءُ جا جوابدار گرفتار ڪيا آهن جن قتل ڪيو آهي اسان کي هن محل تائين لاش ناهي مليو ڪجهه ڏينهن پهريان اسين جوابدار وارث . حضوربخش، شبير گولو ۽ ٻن عورتن مٿان ٿاڻي تي ڪيس داخل پڻ ڪرايو هو مگر پوليس هن محل تائين جوابدارن جي گرفتاري ۽ قتل ٿي ويل جو لاش ظاهر به نه ڪيو ڪري اسين ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ايس ايس پي ڪشمور ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ٿا ڪريون فوري گرفتار جوابدار ظاهر ڪري لاش ڏنو وڃي ۽ اسان سان انصاف ڪيو وڃي

ٽنڊوآدم ۾ سنڌ اسمال انڊسٽريز ڪارپوريشن ٽنڊوآدم جون چونڊون

ٽنڊوآدم (ن ع) سنڌ اسمال انڊسٽريز ڪارپوريشن (ايس ايس آءِ سي) ٽنڊوآدم جي اتفاق راءِ سان ٻن سالن لاءِ نئين باڊي چونڊي وئي جنهن مطابق چوڌري ساجد آرائين کي صدر حاجي شرف الدين انصاري کي سينيئر نائب صدر اجي ڪمار کي نائب صدر سهيل عبدالستار کي جنرل سيڪريٽري، خالد انصاري کي جوائنٽ سيڪريٽري، اختر حسين کي خزانچي جڏهن ته فيضان انصاري کي ورڪنگ ميمبر چونڊيو ويو

خيرپور ۾ اڳوڻي ڊي اي او سيڪنڊري جي ريٽائرمينٽ تي تقريب

عبدالسميع پنهور جي ڏکهي، خلوص ڀري ۽ مثالي سرڪاري خدمتن کي خراج پيش

عوام ۽ عملي سان سندس سڌي رابطي سبب مسئلا جلدي حل ٿيندا هئا: صدام وساڻ

خيرپور (د ر) ڊسٽرڪٽ چيف مانيٽرنگ آفيسر صدام حسين وساڻ جي ميزباني هيٺ اڳوڻي ڊي اي او سيڪنڊري خيرپور عبدالسميع پنهور جي اعزاز ۾ ريٽائرمينٽ جي هڪ شاندار ۽ پروقار تقريب خيرپور ۾ منعقد ڪئي وئي تقريب جو مقصد عبدالسميع پنهور جي ڏکهي، خلوص ڀري ۽ مثالي سرڪاري خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪرڻ هو جن خيرپور ضلعي ۾ تعليم جي بهتري لاءِ نمايان ڪردار ادا ڪيو هن تقريب ۾ خصوصي مهمان طور ڊي اي او سيڪنڊري خيرپور انيس الرحمن ميمڻ ۽ ڊي اي او پرائمري اياز حسين مهيسر شرڪت ڪئي جڏهن ته تعليم کاتي سان لاڳاپيل ڪيترن ئي اهم آفيسرن استادن معزز شخصيتن پڻ تقريب کي رونق بخشي موجود شرڪت ڪندڙن ۾ اسسٽنٽ ايجوڪيشن آفيسر عتيق الرحمن ميمڻ ڊي اي او پرائمري الله بچايو خاصخيلي شاهنواز ڪلهوڙو فهيم خميساڻي بخت سروري عرفان ٿل علي حيدر سمنگ، آفتاب مرڪنڊ، استاد رينواز وقار حطان منصور ڦليپوٽو فاروق پنهور وسيم شاهه عبد الحميد چاهڙ ۽ ٻيا ڪيترائي آفيسر ۽ استاد شامل هئا.تقريب کي خطاب ڪندي سي ايم او صدام حسين وساڻ چيو ته عبدالسميع پنهور جو دور خيرپور جي تعليمي تاريخ ۾ هميشه سنهري دور طور ياد رکيو ويندو هن چيو ته عبدالسميع پنهور نه صرف هڪ ذميوار ۽ محنتي آفيسر رهيو پر سندس رويو هر طبقي جي ماڻهن سان نهايت سادي شفيق ۽ عام ماڻهو جهڙو رهيو عوام ۽ عملي سان سندس سڌي رابطي سبب مسئلا جلدي حل ٿيندا هئا، جنهن سان تعليمي نظام ۾ نمايان سڌارا آيا.

سڪرنڊ ۾ ڏاڏا غلام شاهه لغاري جي مان ۾ تقريب

ڪم ۽ ڪردار انسان جي شخصيت ۾ سونهن پيدا ڪندو آهي: حاجي علي نواز چانڊيو

پارٽي جي سينيئر ورڪرن طرفان مان ڏيڻ تي سندن شڪرگذار آهيان: ڏاڏا غلام شاهه لغاري

سڪرنڊ (ن ع) پاڪستان پيپلزپارٽي ضلع شهيد بينظيرآباد جي اڳوڻي ضلعي جنرل سيڪريٽري ڏاڏا غلام شاهه لغاري کي سندس سياسي ۽ سماجي خدمت عيوض ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ پ پ پ جي ورڪر رابطہ آفيس جي سيڪريٽري عبدالله شيخ پاران شاندار تقريب جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ ۾ فيصلن جي امين طور شهرت رکندڙ حاجي علي نواز چانڊيو مهمان طور شرڪت ڪئي جڏهن ته پيپلز پارٽي جا سينيئر ورڪر پڻ وڏي انگ ۾ موجود هئا جن ۾ راڻو خان جلباڻي ، فياض علي شاهه مير عبدالجبار چانڊيو عمران ڪيريو حاجي اڪرام لغاري ، ممتاز لاشاري، محمد رفيق لاشاري ، اسامه شاهه لغاري ، نصرالله ملاح ، عبدالستار پٽو ۽ اختري پٽي شامل هئا ان موقعي تي حاجي علي نواز چانڊيو ڳالهائيندي چيو ته ڪم ۽ ڪردار انسان جي شخصيت ۾ سونهن پيدا ڪندو آهي اسين سمجهون ٿا ته غلام شاهه لغاري پڻ انهن ڪردارن مان آهي جنهن پارٽي ذميواري دوران پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو . صاحب محفل غلام شاهه لغاري ڳالهائيندي چيو ته مان شڪر گزار آهيان پارٽي جي سينيئر ورڪرن جو جيڪي منهنجي خوشيءَ ۾ شريڪ ٿيا آهن ان کان اڳ پروگرام جي ميزبان عبدالله شيخ آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪيو جنهن بعد ڏاڏا غلام شاهه لغاري جي جنم ڏينهن جي حوالي سان ڪيڪ پڻ ڪٽيو ويو پروگرام ۾ آصف ڪيريو مير بگهيو حافظ دين محمد لغاري، عبدالحفيظ لغاري ،عبدالجبار لغاري ،خليل احمد لغاري، منظور چوهاڻ ، عبدالقدير لغاري ، شاهنواز لغاري ،محمد عمر لغاري، فاروق لاشاري، علي رضا ملاح ، جميل ڪيريو ، آصف نواز لاشاري، بلاول ملاح، نويد پٽي محبت پرهياڻ مرتضيٰ ملاح ۽ فاروق مغيري پڻ شريڪ هئا

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاڪولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

چنڇر 17 جنوري 2026ع

عالمي بينڪ پاران بجلي خسارو ختم ڪرڻ جي تلقين!

پاڪستان جو توانائي وارو شعبو هن وقت ملڪ جي معاشي بحران جو سڀ کان وڏو مرڪز بڻيل آهي. بجلي ۽ گيس جي پيداوار، ورڇ، قيمتن ۽ قرضن جو چار اهڙو پيچيده ٿي چڪو آهي جو نه رڳو حڪومت پر عالمي مالي ادارا به هاڻي کليل لفظن ۾ خبردار ڪرڻ لڳا آهن. عالمي بينڪ طرفان تازو پاڪستان کي ڏنل پيغام انتهائي واضح آهي ته جيڪڏهن بجليءَ جي شعبي جو خسارو گهٽ نه ڪيو ويو ته اربين ڊالرن جي نون قرضن جا دروازا بند ٿي سگهن ٿا. عالمي بينڪ پاڪستان کان مطالبو ڪيو آهي ته هو خساري ۾ هلندڙ پاور سيڪٽر جي مالي حالت بهتر بڻائڻ لاءِ وچولي ۽ ڊگهي مدي واري، نتيجن تي ٻڌل حڪمت عملي تيار ڪري. هن وقت توانائي وارو شعبو جنهن ۾ بجليءَ سان گڏ گيس به شامل آهي، قرضن، سبسڊين ۽ مختلف رعايتن جي هڪ ڊگهي فهرست عالمي بينڪ آڏو رکي آهي، پر عالمي بينڪ صاف لفظن ۾ حڪومت کي ٻڌائي ڇڏيو آهي ته هاڻي الڳ الڳ مطالبن بدران سڄي شعبي جو مجموعي جائزو ورتو ويندو.

هيءَ حقيقت لڪيل ناهي ته پاڪستان جو پاور سيڪٽر سالن کان غلط منصوبابندي، نااهلي، سياسي مداخلت ۽ بدعنوانيءَ جو شڪار رهيو آهي. سرڪلر ڊيٽ، جيڪا هاڻي هزارين ارب رپين تائين پهچي چڪي آهي، ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته بجليءَ جي پيداوار کان وٺي بلن جي وصولي تائين سمورو نظام ناڪام بڻجي ويو آهي. بجلي مهانگي فراهمي غير يقيني ۽ صارف پريشان آهي. جڏهن ته پيدا ڪندڙ ۽ ورهائيندڙ ادارا به مالي بحران ۾ ڦاٿل آهن. اعليٰ سرڪاري ذريعن مطابق حڪومت پاور سيڪٽر جي قرضن جي ري فنانسنگ لاءِ عالمي بينڪ سان رابطو ڪيو آهي. جيئن مهانگن تجارتي قرضن کي گهٽ شرح سود وارن ملٽي نيشنل ادارن جي قرضن سان مٽائي سگهجي. بظاهر هي قدم مالي دٻاءُ گهٽائڻ لاءِ ضروري لڳي ٿو پر سوال اهو آهي ته ڇا بنيادي سڌارن ڪانسواءِ رڳو قرضن جو ذريعو بدلائڻ سان مسئلو حل ٿي ويندو؟ حقيقت اها آهي ته عالمي بينڪ ۽ ٻيا مالي ادارا هاڻي صرف قرض ڏيڻ لاءِ تيار ناهن. پر هو نتيجا ڏسڻ چاهين ٿا. بجلي چوري جي روڪٿام، لائن لاسز ۾ گهٽتائي، نجي ۽ سرڪاري ادارن جي ڪارڪردگي بهتر ڪرڻ، ٽيرف پاليسيءَ ۾ شفافيت ۽ سياسي مداخلت جو خاتمو اهي بنيادي شرط آهن. جن کان سواءِ ڪو به مالي ادارو ڊگهي مدي تائين سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار نه هوندو.

توانائي واري شعبي ۾ ڏهاڪن کان ٿيندڙ پاليسين جو سڀ کان وڏو نقصان عام صارف کي ڀوڳڻو پيو آهي. مهانگي بجلي صنعت کي ڪمزور ڪيو. بيروزگاري وڌي ۽ معيشت جي رفتار سست ٿي. جيڪڏهن حڪومت عالمي بينڪ جي هدايتن کي صرف قرض حاصل ڪرڻ جو ذريعو سمجهي، پر حقيقي سڌارا نه آڻي ته ايندڙ سالن ۾ حالتون وڌيڪ خراب ٿي سگهن ٿيون. هي وقت آهي ته حڪومت توانائي واري شعبي کي رڳو مالي مسئلو نه پر قومي بقا جو سوال سمجهي. بجلي پيدا ڪرڻ جا سستا ذريعا، جهڙوڪ هائيڊل، شمسي ۽ ونڊ انرجي، کي ترجيح ڏيڻ. پرائيويٽائيزيشن کي شفاف بڻائڻ ۽ ادارن ۾ ماهر انتظاميا آڻڻ بنا ڪنهن دير جي ضروري بڻجي چڪو آهي. ساڳئي وقت صارفن کي به اعتماد ۾ وٺڻ. ٽيرف ۾ استحڪام آڻڻ ۽ بجلي جي چوري خلاف سخت قدم کڻڻ لازمي آهن. بهرحال، عالمي بينڪ جو پيغام هڪ قسم جي وارننگ به آهي ۽ هڪ موقعو به. جيڪڏهن پاڪستان توانائي واري شعبي ۾ سنجيده، نتيجن تي ٻڌل ۽ ڊگهي مدي وارا سڌارا آڻي ٿو ته نه رڳو اربين ڊالرن جا قرض ملي سگهن ٿا. پر ملڪ کي معاشي استحڪام جي راهه تي به آڻي سگهجي ٿو ٻي صورت ۾، قرضن ۽ سبسڊين جي اها خواهشن واري فهرست هر سال ڊگهي ٿيندي رهندي ۽ عام ماڻهو مهانگي بجلي جي بار هيٺ دٻيل رهندو.

بااصول ۽ سنڌ دوست سياستدان رئيس عبدالحميد جتوئي

شهزادي پرڳڙي

سنڌ جي سياسي تاريخ ڪيترن ئي اهم، بهادر ۽ اصول پرست اڳواڻن سان ڀري پئي آهي، پر انهن مان ڪي نالا اهڙا آهن، جيڪي وقت گذرڻ باوجود به تاريخ جي صفحن تان متجي نٿا سگهن. رئيس عبدالحميد جتوئي اهڙو ئي هڪ نالو آهي، جيڪو سنڌ جي قومي شعور، سياسي مزاحمت ۽ اصولي جدوجهد جي علامت طور ياد رکيو ويندو. ڪالهه سندس ورسي ملهائي وئي، اها صرف هڪ شخص جي ياد نه پر سنڌ جي ان سياسي روايت جي ياد به هئي، جنهن ۾ اقتدار کان وڌيڪ اصولن کي اهميت ڏني ويندي هئي.

رئيس عبدالحميد جتوئيءَ جو جنم لڳ ڀڳ 1922ع ڌاري ضلعي دادو جي تعلقي ميهڙ جي ڳوٺ هيٺو جتوئي ۾ ٿيو. زميندار گهراڻي سان تعلق هئڻ سبب هن ننڍپڻ کان ئي راڄ ڀاڳ، سماجي ذميوارين ۽ سياسي معاملن کي ويجهڙائيءَ کان ڏٺو سندس سياسي تربيت ۾ سائين جي ايم سيد جهڙي عظيم قومپرست اڳواڻ سان لاڳاپي اهم ڪردار ادا ڪيو. اهو ئي سبب هو جو جتوئي صاحب جي سياست صرف اقتدار حاصل ڪرڻ تائين محدود نه رهي پر سنڌ جي حقن، وسيلن ۽ سڃاڻپ جي تحفظ لاءِ وقف ٿي وئي.

هن پنهنجي سياسي سفر جي شروعات 1940ع واري ڏهاڪي ۾ آل انڊيا مسلم ليگ ۾ شموليت سان ڪئي. ان وقت مسلم ليگ برصغير جي مسلمانن لاءِ سياسي جدوجهد جي علامت بڻيل هئي ۽ جتوئي صاحب به ان پليٽ فارم تان مسلمانن جي ڀلائي ۽ سياسي شعور لاءِ سرگرم رهيو. پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ جڏهن ملڪ ۾ پهريون ڀيرو 1953ع ۾ چونڊون ٿيون ته رئيس عبدالحميد جتوئي سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. جتهن سان سندس پارلياماني سياست جو باقاعده آغاز ٿيو.

سنڌ جي سياسي تاريخ جو سڀ کان ڪارو باب 14 آڪٽوبر 1954ع تي لکيو ويو، جڏهن پاڪستان جي سڀني صوبن کي زبردستي ملائي 'ون يونٽ' ٺاهيو ويو. ان وقت سنڌ اسيمبليءَ ۾ موجود گهڻائي ميمبرن دٻاءَ، لالچ يا خوف هيٺ ون يونٽ بل جي حمايت ڪئي، پر صرف چار اهڙا بهادر ميمبر هئا، جن همت ۽ جرئت سان ان بل جي مخالفت ۾ ووٽ ڏنو. رئيس عبدالحميد جتوئي انهن مان هڪ هو. اهو فيصلو سندس سياسي ڪيريئر لاءِ ڏکيو ضرور هو، پر تاريخ ۾ هن کي سنڌ جي محب وطن ۽ اصول پرست اڳواڻن جي قطار ۾ بيهاري ڇڏيو.

1958ع کان 1969ع تائين هن ون يونٽ نظام خلاف لڳاتار جدوجهد جاري رکي. جتوئي صاحب، سائين جي ايم سيد سان گڏجي سنڌ ۾ سياسي شعور بيدار ڪرڻ، عوام کي منظم ڪرڻ ۽ مرڪزي جبر خلاف آواز اٿارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. آخرڪار اها ئي جدوجهد هئي، جنهن جي نتيجي ۾ ون يونٽ ٽٽو ۽ صوبا پنهنجي اصلي حيثيت ۾ بحال ٿيا. اهو ڪارنامو سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ هڪ اهم موڙ ثابت ٿيو.

رئيس عبدالحميد جتوئي صرف اسيمبلي اندر ئي نه پر اسيمبليءَ کان ٻاهر به مزاحمتي سياست جو مظاهرو ڪيو. 4 مارچ 1967ع تي ڄامشوري ۾ ٿيندڙ تاريخي شاگرد تحريڪ سنڌ جي سياسي شعور جو اهم واقعو هئي. ان تحريڪ دوران جڏهن شاگردن کي گرفتار ڪيو ويو ته جتوئي صاحب انهن لاءِ ضمانت ڏني. جيڪا ان وقت وڏي همت جو ڪم هو. ساڳئي تحريڪ دوران جڏهن ڏهوڪي ڪمشنر سنڌ مسرور احسن هٿ ملائڻ لاءِ هٿ وڌايو ته رئيس جتوئيءَ کلي لفظن ۾ انڪار ڪندي چيو: "پري رهو اوهين اسان جي ٻارن جا قاتل آهيو" اهو جملو اڄ به سنڌ جي مزاحمتي تاريخ جو حصو بڻيل آهي.

1966ع ۾ هو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي بنياد وجهندڙن مان هڪ هو 1970ع جي چونڊن ۾ قومي اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو. جيتوڻيڪ پيپلز پارٽي سان سندس لاڳاپو هو پر هن ڪڏهن به شخصيت پرستي قبول نه ڪئي. ذوالفقار علي ڀٽو سان اصولي اختلافن سبب هن اسيمبلي جي فلور تي کليل تنقيد ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ ڀٽو جي دور حڪومت دوران هن کي ٽي ڀيرا جيل وڃڻو پيو. جتوئي صاحب لاءِ جيل ڪا سزا نه هئي، پر اها سندس اصولي موقف جي قيمت هئي، جيڪا هن خوشيءَ سان ادا ڪئي.

1970ع واري ڏهاڪي ۾ هن شيخ مجيب الرحمان جي ڇهن نقطن واري پروگرام جي اصولي حمايت ڪئي، ڇاڪاڻ ته اهو صوبائي خودمختياريءَ تي ٻڌل هو ساڳئي بنياد تي هن 1973ع جي آئين جي به مخالفت ڪئي. 'لوڙي ڦاٽڪ' ڪيس ۾ شاگردن کي سزا ڏيڻ بابت بحث دوران قومي اسيمبليءَ ۾ سندس جذباتي تقرير اڄ به ياد ڪئي وڃي ٿي، جنهن ۾ هن چتاءُ ڏنو هو ته جيڪڏهن شاگردن سان زيادتي ڪئي وئي ته هو اسيمبلين ڏانهن موٽڻ کان انڪار ڪندا. رئيس عبدالحميد جتوئي سڄي حياتي ڪالاباغ ڊيم جي سخت مخالفت ڪندو رهيو، هن جو موقف واضح هو ته اهو ڊيم سنڌ جي پاڻي، زراعت ۽ بقا لاءِ خطرناڪ آهي. هو وسيلن جي منصفاڻي ورڇ ۽ صوبائي حقن جو پڪو حامي هو.

1988ع ۾ هن سائين جي ايم سيد سان گڏجي 'سنڌ قومي اتحاد' جي قيام ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ ان جو پهريون چيئرمين بڻيو. جڏهن سائين جي ايم سيد سنڌ جو سياسي دورو شروع ڪيو ته رئيس جتوئي واحد سياستدان هو جنهن پنهنجي ٽڏي تي سيد جي ڀرپور آجيان ڪئي، جيڪا سندس وسيع سوچ ۽ قومي يڪجهتيءَ جو ثبوت آهي.

1998ع ۾ پنهنجي پٽ، سينيٽر اعجاز علي جتوئي جي لُماڻڪ وفات کان پوءِ هن سياست کان ڪناره ڪشي اختيار ڪئي ۽ گوشه نشينيءَ ۾ هليو ويو. 11 جنوري 2004ع تي حيدرآباد ۾ ڊگهي بيماريءَ سبب 82 ورهين جي عمر ۾ سندس لاڏاڻو ٿيو.

هِنئين جَنين سين هوڏ

محمد اسماعيل راهو

ڪجهه هفتا اڳ چوڙي عاصم راهوڪيءَ آيو، منهنجي ساڻس پهرين ملاقات هئي هو اتي حسنه جي تعزيت لاءِ آيو هو عاصم، چوڙي عبداللطيف وڪيل مرحوم جو پٽ آهي جيڪو بابا شهيد جو گهاٽو دوست هو بابا کي سماجي، سياسي ڪمن مان وقت ملندو هو ته پوءِ سندس ڪجهه دوستن سان ڪچهري، جو ٺڪاڻو چوڙي لطيف جي آفيس هوندي هئي جيڪا آفيس گهٽ پر وڌيڪ سندن بيٺڪ طور استعمال ٿيندي هئي ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي ويجهو هئي جنهن جون ٻه منزلون هيون مٿئين ماڙ تي سندس گهر ۽ هيٺ آفيس هئي جتي ڪچهريءَ جي منڊلي مچڻ لاءِ بابا شهيد جا دوست به اچي شامل ٿيندا هئا. ڪڏهن ڏينهن جو يا رات جي وقت بابا جي اتي بيٺڪ ٿيندي هئي ڪڏهن هيئن به ٿيندو هو جو بابا صبح جو مختلف آفيسن مان جن ۾ آر او ڪوٽڙي بيراج ڪمشنر ڊي آءِ جي ايس ايس پي ڊي سي ۽ چيف انجنيئر ڪوٽڙي بيراج ۽ ٻين آفيسن مان جتي ماڻهن کي سندن ڪمن لاءِ وقت ڏنل هوندو هئس انهن مان واندو ٿي ڪو ٻيو ڪم نه هوندو هوس ته سنئو چوڙي لطيف جي آفيس تي ويندو هو اتان گهر تي فون ڪري مون کي يا اسلم کي چوندو هو ته ٻنهي جي ماني ڪٽي چوڙيءَ جي آفيس تي اچو. ڪڏهن سندس گاڏي موڪليندو هو ته ته آئون يا اسلم رڪشا ۾ چڙهي ماني ڏئي ايندا هئاسين ۽ ڪنهن وقت هٿي گڏجي ويندا هئاسين.

جڏهن 1979ع ۾ جنرل ضياءَ جي ڪاري آمريت جي دور ۾ عوامي تحريڪ هاري ڪانفرنس ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ته اهو 5 جولاءِ 1977ع تي ذوالفقار علي ڀٽو جي حڪومت ختم ڪرڻ ۽ 4 اپريل 1979 تي ڀٽو صاحب جي شهادت ڪانپوءِ ملڪ اندر پيدا ڪيل خوف دهشت جي ماحول ۾ آمريت خلاف اهو پهريون سياسي اجتماع ٿي رهيو هو. شهيد فاضل راهوءَ اها ڪانفرنس راهوڪيءَ ۾ ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ سمورو بندوبست ڪرڻ جو ڪم پنهنجي سر تي کنيو. 9 آڪٽوبر 1979ع تي راهوڪيءَ ۾ ٿيل انهيءَ هاري ڪانفرنس ۾ هزارين هارين شاگردن، مزدورن ۽ سياسي ورڪرن سان گڏ پنجاب ۽ ڪراچيءَ جي ڪاهي ته جي اڳواڻن شرڪت ڪئي اها ڪانفرنس ضيائي مارشل لا جي پيدا ڪيل سياسي جمود کي ٽوڙڻ لاءِ پهريون پٿر هئي ضياءَ جي مارشل لا عوام جا سمورا بنيادي حق ۽ داد فرياد جا وسيلا کسي ورتا هئا. انصاف جا دروازا بند ڪري ماڻهن تي ظلم ۽ تشدد جي انتها ڪئي وئي، قيد، ڦٽڪا ۽ هر طرح جي ناانصافي عام هئي سنڌي ماڻهن ۽ ملڪ جي چونڊيل وزير اعظم ذوالفقار علي ڀٽو کي ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاهي چاڙهي شهيد ڪيو ويو انهيءَ ظلم، دهشت، دٻاءَ سبب چوطرف موت جهڙي ماٺ هئي جنهن ڪچيو ٿي ان لاءِ جيل ڦٽڪا يا مقتل گاهه سينگاريل هو. ان گهٽ گهٽ ۽ دم گهٽجڻ واري سياسي ماحول ۾ ڪُچي ته ڪچي ڪيرا؟ ان ٻاٽ اونداهيءَ اندر راهوڪيءَ مان فاضل راهو ڪنڌ ڌوڻي اٿي ڪڙو ٿيو. آڪٽوبر 1979ع ۾ راهوڪيءَ ۾ هاري ڪانفرنس جي نالي ۾ هزارين ماڻهن کي گڏ ڪري مارشل لا کي للڪاري خوف ۽ هراس جي ماحول ۾ ماڻڌاڻ مچائي ڇڏيائين.

ڪانفرنس جي ٻئي ڏينهن تي ئي مارشل لا اختيارين راهوڪيءَ ۾ ڪريڪ ڊائون شروع ڪري ڇڏيو وٺ وٺان ٿي وئي راهوڪي تي فوجي جٿا ڪاهي پيا ۽ سڄي ڳوٺ جو گهيراءُ ڪري، ڪڙو چاڙهي سرچ آپريشن ڪيو ويو اسان جي گهر جي ڪيترائي ڀيرا جهڙتي ورتي وئي نه رڳو راهوڪي پر اسانجي حيدرآباد وارن گهرن تي به ڪيترائي ڇاپا هنيا ويا. ڳوٺ ۽ حيدرآباد جي گهرن تان ڪتاب، ڪاپيون، ڪاغذ ۽ ٻيو مواد کنيو ويو ٽيپ رڪارڊر جون 100 کان وڌيڪ ڪيسٽون به ضبط ڪيون ويون جن ۾ ڪجهه ادا صديق مرحوم جي گڏ ڪيل گانن جون هيون. باقي ٻيون پليجو صاحب، بابا شهيد جي تقريرن ۽ منشي ابراهيم، سرويچ سجاولي ۽ ٻين شاعرن جي گيتن جون ۽ ڪجهه مِٺو مهيريءَ جي آواز ۾ قومي گيتن جون هيون ان کان علاوه بابا جا لائيسنس وارا هٿيار به کڻي ضبط ڪيا ويا جن ۾ هڪ ريوالور، هڪ 0.22 بور جي رائيفل ۽ هڪ 7 ايم ايم بور واري سيمي آٽوميٽڪ رائيفل جنهن تي ٽيلي اسڪوپ به لڳل هوندو هو اهي سڀ لائيسنس وارا هٿيار هئا، پر فوجي انتظاميه پاران بنا لائيسنس وارا ڄاڻائي بابا شهيد ۽ ادا صديق تي ڪيس داخل ڪيو ويو رسول بخش پليجو، شهيد فاضل راهو، ادا صديق مرحوم، غلام قادر پليجو، مٺو مهيري، حسين بخش ناريجو ڊاڪٽر اسلم پروين، سيد علم شاهه اسماعيل مهيري، ادريس ميراڻي گل چانگ ۽ ٻيا ڪيترائي ڪارڪن گرفتار ڪيا ويا جن تي ڪيس داخل ڪري سمري ۽ اسپيشل ملٽري ڪورٽس جي ذريعي قيد، ڏنڊ ۽ ڦٽڪن جون سزائون ڏنيون ويون شهيد فاضل کي هڪ ڪيس ۾ سمري ملٽري ڪورٽ بدين ۽ ٻي ڪيس ۾ ملٽري ڪورٽ حيدر آباد ۾ قيد ۽ ڏنڊ جون سزائون ڏنيون ويون ان کان سواءِ اسان جي ڳوٺ ۽ حيدرآباد وارن گهرن تي لڳل فوجي ڇاپن ۾ هٿ آيل ڪتابن لکيل مواد، ٽيپ رڪارڊر جي ڪيسٽن ۾ مليل مواد ۽ تقريرون ڪرڻ جي ڏوهه ۽ غير قانوني هٿيار رکڻ جا ڪوڙا الزام لڳائي بابا شهيد ۽ ادا صديق مرحوم تي بغاوت جا ڪيس داخل ڪيا ويا. انهن ڪيسن کي هلائڻ لاءِ بدين ۾ اسپيشل ملٽري ڪورٽ قائم ڪئي وئي سمري ملٽري ڪورٽ کي ميجر هلائيندو هو جنهن کي سب مارشل لا ايڊمنسٽريٽر به چيو ويندو هو جڏهن ته اسپيشل ملٽري ڪورٽ ٻن فوجي آفيسرن ۽ هڪ سولين ميجسٽريٽ تي مشتمل هوندي هئي جنهن جو سربراهه ڪرنل هوندو هو ان سان گڏ هڪ ميجر ۽ هڪ اسسٽنٽ ڪمشنر يا مختيارڪار هوندو هو جيڪو جج سڳورن يعني ڪرنل ۽ ميجر صاحبن کي سنڌي ۾ رڪارڊ ڪيل تقريرن، گيتن ۽ لکيل ڪاغذن جو اردو ۾ ترجمو ڪري ٻڌائي بابا ۽ ادا صديق جي ڪيس ۾ اهو ميجسٽريٽ جاتوئيءَ جو احمد خان ميمڻ هو جيڪو مختيارڪار گولاڙچي به مقرر ٿيل هو مختيارڪار احمد خان دراصل اچي ڦاٿو هو ڪيس زوري مقرر ڪيو ويو هو ان ڪري هميشه منهن سڄايو ويٺو هوندو هو ڪيس جي ڪارروائي هلڻ دوران پارٽيءَ جو ساٿي وڪيل محمد قاسم ميرجت چوندو هو ته ملٽري ڪورٽ جي هن ٽرائل ۾ فريادي، جوابدار، شاهدن، وڪيلن ۽ ٻين سڀني ۾ ڪو مظلوم لڳي ٿو ته هي ميجسٽريٽ ٿو لڳي جي وس پڄيس ته اصل منهن ڪري ڪٽي پڄي محمد قاسم ٻڌايو ته ان وقت دلچسپ صورتحال پيدا ٿي ويندي هئي جڏهن ڪنهن تقرير گيت يا لکيت جو مختيارڪار کي اردو ترجمو ڪري ڪرنل ۽ ميجر کي ٻڌائڻو هوندو هو ته ميمڻ صاحب کي هڪڙا پگهر لهندا هئا ته ٻيا چڙهندا هئا. پاسي ۾ ويٺل ڪرنل ۽ ميجر منجهس اکيون کوڙي چوندا هئس ته ٻڌاءِ هن ۾ ڇا آهي ۽ وري سامهون محمد فاضل ويٺو هوندو هئس جيڪو هيئنڊ ته جيل ۾ هو پراڻ نه ته سياڻي جڏهن ٻاهر ايندو ته پوءِ؟ جڏهن ڪيس هلڻ شروع ٿيو ته ڪرنل شهيد کي چيو توهان جيڪڏهن وڪيل ڪرڻ چاهيو ته پلي ڪري سگهو ٿا. آئون ۽ محمد قاسم ميرجت حيدرآباد جي وڏن وڪيلن سان مليا سون. مارشل لا جي خوف سبب ڪن وڪيل صاحبن ڪنو جواب ڏنو ته اسين هن برنٽيءَ ٻاهر ۾ ڪونه پوندا سين ۽ ڪن وري بدين جي مفاصلي جو بهانو ٻڌائي انڪار ڪري ڇڏيو! اها ڳالهه محمد قاسم جڏهن شهيد فاضل سان ڪئي تڏهن ان پڇيو ته سرڪار جو وڪيل ڪير آهي؟ محمد قاسم ٻڌايس ته اهو بدين جو وڪيل زين العابدين آهي گهڙي کن سوچي چيائين ٺيڪ آهي "سو هي سو هو، سو اجل سو الله" معنيٰ فريادي به سرڪار پاڻ جج پاڻ شاهد به پاڻ، ته وڪيل به پاڻ ته فيصلو به سندن پاڻ کي وڏو وڪيل ملي ڪونه ٿو ان ڪري پاڻ به ڪو ٻراسون ٿا ڪريون منهنجو ذاتي دوست وڪيل چوڙي لطيف آهي ٻيو منهنجو دوست وڪيل حيدرآباد جو پرتاب راءِ ٽيون اسان جي گهر جو وڪيل قاسم صاحب، چوڙي لطيف همراهن جو ڳرائين آهي سو هنن سان ڳُسي مُسي ڪيو ويٺو هوندو، محمد قاسم منهنجو وڪيل آهي ڪيس جي مڪمل تياري ڪندو، محمد قاسم منهنجو ۽ صديق جو وڪيل هوندو ۽ پارٽيءَ طرفان لاڳاپي وارو به هوندو وڪيلن کي گهربل ڪاغذ پٽ ۽ شاهد به هٿ ڪرڻ ۾ مدد ڪندو.

پهرين شنوائيءَ تي وياسون ته اسان وارن وڪيلن کان پڇيائون ته "ڏيو خبر اوهين وڪيل به آهيو يا رڳو ڪارا ڪوٽ پائي اچي ويٺي رهيا آهيو؟" ٻئي ڏينهن تي سڀني وڪيلن پنهنجون سندون پيش ڪيون.

ڪيس هلڻ ۾ پيشرفت ٿي ته مهان رمضان شريف جو مهينو به اچي پهتو قاسم ميرجت مون کي چيو "محمد اسماعيل هاڻي ته جهلجي وياسين پاڻ سڀ ٻي روزيتا، هڪ ته مارشل لا ٻيو فوجي ڪورٽ مهان رمضان پاسن ۾ رڳو سچ ته پاڻي چانهه ته سگريٽ" هڪ تاريخ تي محمد قاسم کان ميجر پڇيو ته توهان روزو رکو ٿا؟ جواب ڏنائينس ته اسين سڀ مسافري ۾ سو روزو ڪيئن رکنداسين ميجر وراڻيو "بدين ۾ فلاڻو هوٽل آهي آئون انهن کي چوان ٿو اوهان کي چانهه ماني وغيره ڏيندا" پوءِ ته اسان سان گڏ ميجسٽريٽ صاحب جا به مزا ٿي ويا هو به پنهنجي جيپ تي چڙهي اتي اچي اسان سان گڏ ماني کائيندو هو.

وڪيلن جي مرحلي ڪانپوءِ بابا شهيد ۽ ادا صديق مرحوم تي چارج پڙهي ٻڌائي وئي ادا صديق جي ڄمار 23 سال هئي هڪ ته فلاڻي تاريخ تي راهوڪيءَ ۾ ماڻهو گڏ ڪري مارشل لا جي پيچڪڙي ڪئي وئي ماڻهن کي ورغلايو. اوهان جي گهر مان جهڙتيءَ ۾ غير قانوني مواد هٿ آيو آهي ٽيون ته اوهان جي گهران بنا لائيسنس وارا هٿيار مليا آهن ادا صديق چيو ته اهو سڀ ڪوڙ آهي اسان ڪوبه ڏوهه ناهي ڪيو شهيد فاضل چيو ته ڪي به قانون خلاف تقريرون ڪونه ٿيون آهن ٻيو ته هي پنا ۽ رسالا توهان اٿائي ڪٿان گهٽين مان ميڙي ڪٺي اسان تي لڳايا آهن باقي هٿيار منهنجا آهن جيڪي سڀ لائيسنس وارا آهن.

ڪرنل صاحب چيو ته ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي اهو ته ڪٿي لکيل ئي نه آهي ڳالهه تسليم ڪيو يا نٽ ڳالهه ڪيس ۾ ڊيڪلريل سڀ برآمدگي يا ته اوهانجي آهي يا ته آهي تون مڃ يا انڪار ڪرا شهيد چيو هٿيار منهنجا آهن آئون ڪيئن انڪار ڪيان، باقي سڀ اوهان هٿ ٺوڪيون لڳايون آهن ان تي چيائون ته هن وقت ڪورٽ برخواست آهي مهان کان هدايتون وٺي پوءِ تاريخ رکنداسون.

اتي محمد قاسم ميرجت شهيد بابا کي چيو ته "يار آئون ٿئون وڪيل آفيس بند ڪري آيو آهيان. موڪل ڏيو ته سياڻي کان آئون تنهو اهيار هليو وڃان شهيد گهڙي کن ماٺ ٿي چيو ته ٺيڪ آهي پر ترس هي صاحب اچن ته انهن کي حقيقت ٻڌايان. پوءِ تون هليو وڃ محمد قاسم پڇيس حقيقت وري ڪهڙي؟ ته بابا سنجيدو ٿيندي چيس ته "جلسي ۾ انائونسمينٽ توئي ڪئي هئي هنن کي چوان ته بابا آئون اڻ پڙهيل ماڻهو. هن وڪيل صاحب مون کي چاڙها ڏئي اسٽيج تي چاڙهي ڇڏيو پوءِ مون ڦوٺڻ ۾ ڦونڊيجي الائي ڇا چيو اها خبر هن وڪيل کان پڇو" پوءِ محمد قاسم جون مٺئون ته محمد فاضل ڏاهو ٿي مسخري ڇڏ، ائين ته ڪر شهيد چيس ته هڪڙو ٻراسو ناهيوسين هاڻ وڃ ۾ ٻراسون ته ڦٽاءِ وڪلتون پيا ڪنداسون.

بدين جي اسپيشل ملٽري ڪورٽ ۾ ڪيس هلڻ شروع ٿيو ته ڪجهه وقت لاءِ ادا صديق کي بدين جي جوڊيشل لاڪپ ۾ رکيو ويو جتان ڪيس ڪيس جي رکيل تاريخ تي ملٽري ڪورٽ تي آندو ويندو هو ۽ بابا شهيد کي حيدرآباد جي سينٽرل جيل مان آڻيندا هئا. مهيني ڏيڍ کان پوءِ ادا صديق مرحوم کي به حيدرآباد سينٽر جيل موڪليو ويو اهو ڪيس فوجي عدالت ۾ تيرهن مهينا هلندو رهيو هر شنوائيءَ تي بابا شهيد ۽ ادا صديق کي حيدرآباد جيل مان بدين پهچڻ تي هٿڪڙيون هٿي شهر جي بازار مان ملٽري ڪورٽ بدين تي آندو ويندو هو ته جيئن ماڻهو عبرت حاصل ڪن ۽ فوج کان ڊڄن پر ٿيو ائين جو بازار جا ٻئي پاسا هوٽلن دڪانن ۽ ڪئبنن مان ماڻهو ٻاهر نڪري گڏ ٿيو بيٺا هوندا هئا. بابا شهيد ۽ ادا صديق سان ملندا به هئا، پنهنجا مسئلا ٻڌائيندا هئا ۽ جهليون به ونندا هئا. جيڪي آئون ۽ اسماعيل سولنگي ناڻگو يا محمد موسيٰ جوکيو ڪين بابا جي نلي سان لکي ڏيندا هئاسين آرمي وارن ڏٺو ته هي روز جو جلسو آهي ان ڪري جوڊيشل لاڪ اپ يا ريلوي اسٽيشن تان خاص فوجي جيپ ۾ بابا کي وٺي ايندا هئا، پر پوءِ به ڪجهه ماڻهو جيپ پويان لڳي اچي ڪورٽ پهچندا هئا. تڏهن قيدين کي ڪورٽ پهچائڻ يا قيدين جي شفٽنگ جي لاءِ نه ته الڳ سان ڪورٽ پوليس مخصوص هئي ۽ نه ئي ڪو ٽرانسپورٽ جو بندوبست هوندو هو. بابا وارن کي ڪڏهن سنڌس گاڏيءَ ۾ يا وري ريلوئي جي ذريعي حيدرآباد کان بدين ۽ وري واپس حيدرآباد آندو ويندو هو (هلندڙ)

سنڌ جو سچو عاشق سائين جي ايم سيد

محمد شعيب سيال / ملٽر ڪلهوڙو

دنيا جي قومن جي تاريخي، شعوري اپياس مان اهو سمجهڻ ڏکيو ناهي ته قومن جي تشڪيل صدين جي ارتقائي سفر مان گذري اچي ڪا مخصوص شڪل وٺي ٿي ان شڪل کي سڃاڻپ ان کي مستقل صورت عطا ڪري منزل مقصود طرف راهه گامزن ڪرڻ لاءِ فرد اڳيان ايندا آهن کي سڃاڻ ترقي پسند ۽ سمجهو فرد پنهنجن قومن جي علمي فڪري تشڪيل ڪندا آهن. تان جو پنهنجي قوم کي دنيا جي تاريخي قومن سان ڪلهو ڪلهي ۾ هٿي اچي بيهاريندا آهن اهوئي سبب آهي جو تاريخ سمجهو ۽ سڃاڻ فرد کي پنهنجي عام لوڪ کان وڌيڪ اسپيس ڏيندي آهي سنڌي قوم ۾ صدين پڄاڻان اهڙو هڪ سڃاڻ فرد پيدا ٿيو جنهن جيترو عشق شايد ئي سنڌ جي تاريخ ۾ ٻي ڪنهن به پنهنجي قوم سان ڪيو هجي اهو سمجهڻ سولو آهي ته جيتو تڪو تاريخي شعور رکندڙ شخص ئي پنهنجيءَ قوم سان عشق به ڪري سگهي ٿو ته ان سان گڏوگڏ پنهنجيءَ قوم کي مستقبل جي مستقل ڇوٽڪاري جي راهه به ڏيکاري سگهي ٿو اهڙو ئي فرد قومي عشق ۾ ٻڏجي پڄري نفيس به ٻڌجي سگهي ٿو ته اهو ئي عشق ان کي قومي مفادن خلاف ڪم ڪندڙن تي تيبي تامي جهڙو به ٻڌائي سگهي ٿو ويهين صديءَ جي سنڌ ۾ به اهڙو هڪ نفيس تاريخي شعور رکندڙ قوم جو عاشق فڪر ڏيندڙ سياسي فلسفي ڏاهو تاريخ جو ادراڪ رکندڙ ۽ مستقبل جي صحيح خبر ڏيندڙ ڏينه دلير به پيدا ٿيو جنهن جو نالو غلام مرتضيٰ شاهه (جي ايم سيد) هو.

سائين جي ايم سيد سامراجي چالن کي سمجهندي، وقت سر حلتن آهر ان کي منهن ڏيڻ سنڌي قوم جي حقن جو محافظ بڻجي سامراج ۽ ان جي چاڙتن خلاف جدوجهد جو علم بلند ڪيو سندس طويل جدوجهد جو مقصد سنڌي قوم کي سياسي سماجي علمي ادبي شعوري طور سگهارو ڪري خودمختيار بڻائڻ هو سيد جي اها سڀ کان وڏي حاصلات هئي جو هن علمي شعوري طور تاريخي ماخذ کوٽي ورهايل قوم کي هڪ ڌاڳي ۾ پوئي ڇڏيو ۽ قوم کي باور ڪرايو ته سنڌي هڪ قوم آهي جنهن جي منزل مقصود آجپو آهي جنهن لاءِ سماجي سياسي ۽ ڪلچرل انقلاب ان جي شروعات آهي ۽ ان لاءِ هن هڪ ڊگهي جدوجهد به ڪئي جنهن ۾ هن پوڙهي شينهن کي زنجيرن ۾ جڪڙي رکڻ ئي رياست ۽ سامراج پنهنجو جيابو سمجهيو پر مجال جو تاريخ جي هن عظيم ڪردار کا آڻ مڃي هجي يا سون تي ڪڏهن سيڻ متايو هجي.

سوچڻ جي ڳالهه آهي ته دنيا پر جي سياسي فڪري ادب جي اپياس مان خبر پوي ٿي ته جيڪي سامراج دشمن مخالف فرد رهيا آهن انهن جي سياسي جرئي تي مڪمل پابندي رهي آهي ڀلي اهي شاعر هجن اديب هجن دانشور يا فلسفي يا سياستدان هجن پر جن به سون تي سيڻ متايو يا اصولن تي سوديبازي ڪئي سي ته فقط زنجيرن مان ٻاهر نڪتا پر تاريخ جي شعوري ڪردار ادا ڪرڻ کان به خارج ٿي ويا. سنڌي قوم پاڻ سنڌ جي ويهين صديءَ جي گهڻ رخي تاريخي اپياس مان پتو لڳائي ته سون تي سيڻ ڪنهن متايو ۽ قومي مفادن جو محافظ بڻجي مرڻ گهڙيءَ تائين طويل جدوجهد ڪنهن ڪئي؟ جي ايم سيد لکيءَ جي چشمن مان لاٿو بڻجي اپريو ۽ حق سچ جو علمبردار ٿي بيٺو پاڪستان جي قيام کان پوءِ هو رياست جو پهريون قيدي بڻيو ۽ دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ جيل ۽ نظربندي ڪاٽيندڙ قيدي بڻجي به سنڌ جو ڪيس حوصلي همت ۽ ڀرپور جذبي سان وڙهندو رهيو قيد ۾ هوندي به 24 سالن تائين هن حڪمرانن کي پنهنجا واعدا ياد ڪرايا، ڪيئي ڀيرا خط لکي واڳ ڌڻين کي عدل ۽ انصاف جو نظام قائم ڪرڻ لاءِ زور ڀريو پر هنن جي ايم سيد جي سڀني اپيلن ۽ پيش ڪيل ڳالهين کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڪيس قيد رکي عوام کان پري ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي.



جدوجهد جي ڏکين پيچرن ۽ مرحلن مان گذرندي هن اينٽي ون يونٽ ۽ بزم صوفياءِ سنڌ جهڙين تحريڪن ذريعي پنهنجي قوم کي قومي شعور ڏنو سياسي ميدان کان علاوه جي ايم سيد قلمي دنيا ۾ پڻ پنهنجي قوم جو ڪيس علمي سطح تي پيش ڪيو هن پنهنجي مطالعي مشاهدي ۽ خيالن جو اظهار پنهنجي 60 کان وڌيڪ ڪتابن جي صورت ۾ سنڌي قوم تائين پهچايو هن جي ڪتابن جا موضوع سياست، تاريخ، مذهب، سماجيات ۽ قومي فڪر هئا. هو سراپا سنڌ هو جنهن زندگيءَ جي پوئين عرصي ۾ پنهنجي فڪر کي پنهنجي تلي پنيان سڏڻ کان به نابري واري ۽ پنهنجي فڪر کي 'فڪر سنڌ' سڏيو جنهن لاءِ سندس دليل هو ته فرد ايندا فنا ٿي ويندا پر سنڌ باقي رهندي، تنهن ڪري سنڌ جي لاءِ فرد پنهنجيون زندگيون آڇين ته جيئن سنڌي قوم جو مستقبل روشن ٿئي هن سنڌي قوم جو طبيب بڻجي قوم جي بيمارين ۽ انهن جي علاج بابت سموري قوم کي پنهنجي خطاب ۽ ڪتاب وسيلي آگاهه ڪيو.

سيد جي مشهور ڪتابن مان سنڌو جي ساڃاهه، سنڌ جا سورما ۽ سنڌي ڪلچر جيئن ڏٺو آهي مون، سنڌ ڳالهائي ٿي پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني پاڪستان جو ماضي حال ۽ مستقبل پيغام لطيف ۽ ديار دل داستان محبت وغيره ڪجهه اهم ڪتاب آهن سنڌ لاءِ هن جي پيش ڪيل ڪاوشن مان هڪ وڏي ڪاوش سندس قلمي پورهيو آهي جنهن وسيلي هن نه فقط سنڌ جي تاريخ سماجيات، نفسيات، ثقافت ۽ تهذيب کي محفوظ ڪري ايندڙ نسلن تائين پهچايو پر پنهنجي تحريرن تقريرن وسيلي سنڌي قوم جي سڃاڻپ ۽ سندس گهربل فڪر کي متعارف ڪرايو جي ايم سيد جي سموري زندگي ۽ ان جي ڪتابن جي مطالعي مان اسان کي هڪ ڳالهه واضح نظر ايندي ته هن جي سمورين ڪاوشن جو مقصد سنڌ، سنڌي قوم جي ڀلائي ترقي خودمختياري، آجپو ۽ علم انسانيت جي خوشحالي آهي سيد جڏهن به قلم کنيو ته هن هميشه پنهنجي قوم کي سامهون رکي لکيو جڏهن توهان سيد جي سموري سياسي توڙي غير سياسي ڪيريئر کي ڏسندؤ ته اوهان کي هن جي سموري حياتيءَ ۾ ڪٿي به ڪو اهڙو قول يا فعل نظر نه ايندو جيڪو سنڌ جي حق ۾ نه هجي "ڇا ته شخص هو" ۽ "ضمير جو قيدي" جهڙن عنوانن سان سڃاتو ويندڙ محترم جي ايم سيد توڙي جو ڪنهن يونيورسٽيءَ جو شاگرد نه هيو پر هن جي ڏاهپ ۽ جدوجهد سنڌ جي يونيورسٽيءَ جي استادن شاگردن کي ايترو ته متاثر ڪيو جو اڄ به سندس فڪر جي گونج يونيورسٽين ڪليجن ۾ اوهان کي ملندي هي علم سان بي حد محبت ڪندڙ شخص پنهنجي فڪر ۾ تعميري ۽ ادارا ساز هو پڙهندڙ هن جي فڪر کي پڙهندا ته کين معلوم ٿيندو ته هن جن مسئلن جو ذڪر ڪيو انهن جا اهڙي ئي طريقي سان حل پڻ پيش ڪيا آهن

سيد جي سنڌ سان اڻ کٽ محبت، اٿاهه وفا، بي لوث سياسي جدوجهد کان انڪار تاريخ سان بيواجبي ۽ پاڻ پنهنجي ضمير سان بيوفائي ٿيندي. سنڌي قوم کي گهرجي ته اها ماضي ۽ حال جي سياسي، سماجي، معاشي، مذهبي، علمي، عقلي ۽ فڪري مطالعو ڪري اهو پرکي وٺي ته سندن ڀلائيءَ جو رستو ڪهڙو آهي؟ ان رستي جو شعور ڪنهن ڏنو؟ ان شعور ڪانپوءِ ان رستي تي هلندي پهريون پٿر ڪنهن جهليو؟ جنهن باوجود ڪا داڻهن به ڪونه ڪئي، اهڙن وڏن تاريخ ساز شخصيتن سدا پنهنجيءَ قوم کي هلڻ هڪلڻ سيڪاري سمجهايو آهي ته:

واهڙ وهڻ توان، اچا وهڻ آڳي ٿيو،
گهڙ ويئيون گهٽا ڪريو، سرتيون سنگ ستوان،
صُورَتُ جا ساهڙ جي، سا جي ڏئي آن،
هُوند ته پليو مان، گهڙو سڀ گهڙا ڪٽي.

اڄوڪو ڏينهن - 17 جنوري

جي ايم سيد



اڄ سنڌ جي قوم پرست سياستدان سائين جي ايم سيد جي جنم جو ڏينهن آهي. پاڻ هڪ سياستدان هجڻ سان گڏ هڪ وڏو دانشور، مفڪر ۽ اديب پڻ هو. جي ايم سيد جو پورو نالو سيد غلام مصطفيٰ شاهه ولد محمد شاهه هو. سندن جنم 17 جنوري 1904ع تي ڄامشوري ضلعي جي شهر سن ۾ ٿيو. هن پنهنجي سياسي سفر جي شروعات 1920ع ۾ خلافت تحريڪ سان ڪئي. 7 کان 9 فيبروري 1920ع تائين لاڙڪاڻي ۾ خلافت تحريڪ پاران هڪ ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ مولانا ابو الڪلام آزاد، مولانا شوڪت علي ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ سميت خلافت تحريڪ جي مرڪزي عهديدارن شرڪت ڪئي. انهيءَ ڪانفرنس کان متاثر ٿي جي ايم سيد خلافت تحريڪ جي ايندڙ ڪانفرنس پنهنجي شهر سن ۾ 17 مارچ 1920ع تي منعقد ڪرائي. ان کان پوءِ جيستائين اها تحريڪ هلندي رهي، جي ايم سيد انهيءَ ۾ سرگرميءَ سان ڀرپور وٺندو رهيو. خلافت تحريڪ جي خاتمي کان پوءِ پاڻ مختلف سياسي عهدن تي ڪم ڪيائين جن ۾ تعلقي لوڪل بورڊ مانجهند جو صدر، ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچيءَ جو چيئرمين، ڪانگريس ڪاميٽي سنڌ جو صدر ۽ ضلعي لوڪل بورڊ دادوءَ جو نائب صدر وغيره شامل آهن. جي ايم سيد سنڌ جي بمبئيءَ کان آزاديءَ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ سنڌ جي بمبئيءَ کان آزاديءَ کان پوءِ 1937ع ۾ سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. 1938ع ۾ آل انڊيا مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. ساڳئي ئي سال شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ ۽ جي ايم سيد جي ڪوشش سان سنڌ مسلم ليگ جو اجلاس ڪوٺايو ويو جنهن جي صدارت قائداعظم محمد علي جناح ڪئي. انهيءَ اجلاس ۾ مسلمانن جي آزاد رياستن تي مشتمل مملڪت جو ٺهراءُ منظور ٿيو. 1940ع ۾ کين سنڌ جي تعليم، انڊسٽري، ليبر ۽ پبلڪ کاتي جو وزير چونڊيو ويو. 1942ع ۾ سنڌ مسلم ليگ جو صدر چونڊيو. 1946ع ۾ مسلم ليگ مان استعيفا ڏئي پروگريسو مسلم ليگ جو بنياد وڌائين. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڪراچيءَ کي ٽوڙي مرڪز حوالي ڪيو ويو. جي ايم سيد انهيءَ سازش جي مخالفت ڪئي، جنهن ڪري ڪيس ٽن مهينن لاءِ نظربند ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح جي ايم سيد پاڪستان جو پهريون سياسي قيدي ٿيو اڳتي هلي جڏهن سنڌ اسيمبليءَ مان ون يونٽ جي حق ۾ ٺهراءُ پاس ٿيو ته جي ايم سيد انهيءَ جي شديد مخالفت ڪئي. جنهن ڪري ڪيس ڇهن مهينن لاءِ جيل موڪليو ويو. پاڻ ون يونٽ خلاف جدوجهد ۾ ٻين سياستدانن کان هميشه اڳڀرو رهيو. اتڪري وقت جي حڪمرانن جولاءِ 1967ع کان 1968ع جي آخر تائين کين نظربند رکيو. 1972ع ۾ جيئي سنڌ محاذ جو بنياد رکيائين. جي ايم سيد سنڌ جو اهو واحد سياستدان هو جنهن سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندي پنهنجي حياتيءَ جا لڳ ڀڳ ٽيهه سال نظربنديءَ ۾ گذاريا. 1995ع ۾ ايمنسٽي انٽرنيشنل پاران ڪيس ضمير جو قيدي سڏيو ويو. جي ايم سيد هڪ انقلابي سياستدان هجڻ سان گڏ هڪ وڏو ليکڪ، محقق، مفڪر، ٻوليءَ جو ماهر ۽ دانشور هو. پاڻ 50 کان به مٿي ڪتاب لکيا. سنڌ جي هن سرواڻ 25 اپريل 1995ع تي وفات ڪئي.

دادن فقير



سنڌ جي هن قادرالڪلام عوامي شاعر جو جنم تعلقي وارهه ضلعي لاڙڪاڻي جي ڳوٺ مياڻداد چنجڻيءَ ۾ 1906ع ۾ ٿيو اياز لاڪير پنهنجي مرتب ڪيل ڪتاب 'دادن فقير جو ڪلام' ۾ هن بزرگ جي جنم جي تاريخ 17 جنوري لکي آهي ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ به اهائي تاريخ ٻڌائي آهي جڏهن ته سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ڇپيل سنڌيانا انسائيڪلو پيڊيا ۾ 21 جولاءِ لکيل آهي سندس والد جو نالو ڏتي بخش جويو هو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ استاد صاحب خان شاهاڻيءَ وٽ حاصل ڪيائين عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم پنهنجي دور جي وڏي عالم ۽ شاعر هدايت علي تارڪ تجنيءَ وٽ حاصل ڪيائين مشهور صوفي شاعر فقير خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي صحبت نه فقط مٿس فقيري رنگ چاڙهيو پر گڏوگڏ سندس شاعريءَ کي پچائي پختو ڪيو. دادن فقير پنهنجي حياتيءَ جا 23 سال ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي شهر نصيرآباد ۾ ۽ آخري 30 سال دادو ضلعي جي شهر راڌڻ ۾ گذاريا. شاعريءَ سان گڏ ڳائيندو به هو هن 18 آڪٽوبر 1979ع تي راڌڻ ۾ دم ڏنو. هن جي حوالي ڪيو سندس شاعريءَ جو مجموعو 'دادن فقير جو ڪلام' اياز لاڪير روشني پبليڪيشن ڪنڊياري مان ڇپائي پڌرو ڪيو سندس شاعريءَ ۾ نظم، مرثيا، دوها، غزل، رباعيون، بيت، قطعا ۽ منقبتون شامل آهن.

پروفيسر محمد صالح راهو

سنڌ جي هن تعليمي ماهر ۽ انتظامي سربراهه جو جنم 16 جنوري 1926ع تي تعلقي سڪرنڊ جي ڳوٺ سوائي راهوءَ ۾ ٿيو ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين مئٽرڪ جو امتحان لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول نواب شاهه مان پاس ڪيائين بي اي جي سند سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچيءَ مان حاصل ڪيائين ماسٽر آف آرٽس (سنڌي) ۽ ايل ايل بي جون سندون به حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات 1951ع ۾ گورنمينٽ ڪاليج آف ڪامرس ڪراچيءَ ۾ ليڪچرار جي حيثيت ۾ ڪيائين اڳتي هلي مختلف عهدن تي ڪم ڪيائين جن ۾ ڪاليج پرنسپال سنڌيءَ جو پروفيسر ڪاليجن جو ڊپٽي ڊائريڪٽر ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي بورڊ جو سيڪريٽري ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو چيئرمين شامل آهن پاڻ قانون جي شاگردن لاءِ Leading Cases Book I and II لکيو پروفيسر راهوءَ 8 ڊسمبر 1978ع تي وفات ڪئي.

اوڪوداس تاراچند

جيڪڏهن اوهان شڪارپور شهر جا رهواسي آهيو يا اوهان کي شڪارپور وڃڻ جو موقعو مليو آهي ته اوهان شڪارپور جي راءِ بهادر اوڪوداس تاراچند اسپتال ضرور ڏٺي هوندي. اها اسپتال راءِ بهادر اوڪوداس تاراچند پنهنجي ماءُ جي ياد ۾ ٺهرائي هئي انهيءَ اسپتال جي اڏاوت جو ڪم 30 اپريل 1933ع ۾ شروع ٿيو ۽ 1937ع ۾ سنڌ جو گورنر سر لينسلاٽ انهيءَ اسپتال جو افتتاح ڪرڻ لاءِ شڪارپور هلي آيو هو.



مختيار اٽڙ

اوڪوداس 1870ع ڌاري شڪارپور جي سيٺ تاراچند جي گهر ۾ ڄائو اڃا ننڍو ئي هو جو سندس پيءُ امڙ شڪارپور ۾ علاج جون بهتر سهولتون نه هجڻ ۽ ترت طبي امداد نه ملڻ سبب جيئڻ جي جنگ هارائي ويٺي ماءُ جي موت اوڪوداس جي جيءَ کي جهوري وڌو ان وقت شڪارپور ۾ هڪ اسپتال موجود هئي جنهن کي وڪٽوريا اسپتال سڏيو ويندو هو. جيتوڻيڪ اها هڪ خيراتي اسپتال هئي پر علاج جون سهولتون نه هجڻ جي برابر هيون هن شڪارپور ۾ هڪ جديد اسپتال ٺاهڻ جو پڪو پهه ڪيو هن اسپتال جي تعمير لاءِ هڪ لک رپيا عطيو ڏنو سندس ئي ڪوشش سان شڪارپور جي ميونسپل ڪميٽيءَ 23000 رپين ۾ اسپتال لاءِ زمين خريد ڪئي شڪارپور جي ڪجهه ٻين سرنديءَ وارن به هٿ ونڊايو ۽ ائين اسپتال جڙي راس ٿي اوڪوداس هندستان جي ڪُورانهن علائقن جو سفر ڪري هن اسپتال لاءِ چندو گڏ ڪيو جنهن سبب سندس صحت خراب ٿي پئي ۽ نيٺ 17 جنوري 1943ع تي هن فاني دنيا کان موڪلائي ويو هن اسپتال جي قيام لاءِ اوڪوداس جي خدمتن جي اعتراف طور انگريز سرڪار کيس راءِ بهادر جو خطاب ڏنو احترام طور هن جي هڪ مورتي ٺاهي اسپتال جي مک دروازي تي نصب ڪئي وئي هئي اها مورتي 1980ع واري ڏهاڪي ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي حوالي ڪئي وئي اوڪوداس جي پرلوڪ پڌارڻ بعد اسپتال جو انتظام سندس پٽ هري لال سنڀاليو پاڪستان ٺهڻ بعد اوڪوداس جو ڪٽنب هندستان هليو ويو ۽ هن اسپتال جو انتظام سنڌ سرڪار سنڀاليو افسوس جو هيءَ اسپتال صحت کاتي جي عدم توجهيءَ سبب پنهنجو اُڄ وڃائي چڪي آهي.

سيد عبدالحسين شاهه موسوي

سنڌ جي هن ٽاليواري اديب ۽ تعليمدان جو جنم 2 جنوري 1902ع تي روهڙيءَ ۾ ٿيو مئٽرڪ جو امتحان سنڌ مدرسته الاسلام هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين، جڏهن ته بي اي جي سند ڊي جي ڪاليج ڪراچيءَ مان حاصل ڪيائين. بمبئي يونيورسٽيءَ مان بي ٽي جي سند به حاصل ڪيائين. هن هاءِ اسڪول جي استاد طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪئي ان بعد مختلف عهدن تي ڪم ڪيائين جن ۾ سنڌ جي مسلم اسڪولن جو ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر، سنڌ مدرسته الاسلام جو پرنسپال ۽ سکر ۽ حيدرآباد ڊويزن جو ايجوڪيشن آفيسر شامل آهن. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ ديوان بيدل، ديوان بيڪس، وکريل وٿون، تاريخ اسلام، جاميٽري، سگهڙ ۽ تعريف ۽ تقطيع شامل آهن. 17 جنوري 1967ع تي سندن رحلت ٿي.

شهيد فاضل راهو



اڄ سنڌ جي باهمت ۽ انقلابي ڪردار محمد فاضل راهوءَ جي شهادت جو ڏهاڙو آهي سنڌ ۽ سنڌين جي حقن لاءِ پنهنجي سموري زندگي وقف ڪندڙ هن انمول انسان جو جنم 1934ع ڌاري بدين ضلعي جي هڪ ننڍڙي شهر راهوڪيءَ ۾ ٿيو. هن کي ننڍي هوندي کان ئي پنهنجي ديس جي مسڪين ماڻهن، زميندارن جي ظلم هيٺ پيڙيل هارين ۽ ڏتڙيل ڏيهه واسين سان دلي انسيت ۽ سندن ڏکن ۽ سورن جو احساس هو. هو هڪ بااصول ۽ باهمت سياستدان هو جنهن ايوب توڙي ضياءالحق جهڙن ظالم ڊڪٽيٽرن سان مهاڏو اٽڪايو ۽ رت جي آخري ڦڙيءَ تائين سنڌ جي حقن لاءِ پاڻ پتوڙيو. هن پنهنجي سياسي زندگيءَ جي شروعات 1962ع ۾ بيسڪ ڊيموڪريسيءَ (بي ڊي) وارين چونڊن ۾ حصو وٺڻ سان ڪئي. انهن چونڊن ۾ هو يونين ڪائونسل ترائيءَ جو ميمبر چونڊيو ۽ بعد ۾ ساڳئي يونين ڪائونسل جو چيئرمين چونڊيو ويو. 1965ع ۾ جڏهن محترمه فاطمه جناح فوجي ڊڪٽيٽر ايوب خان خلاف چونڊ وڙهڻ جو اعلان ڪيو ته شهيد فاضل راهو محترمه فاطمه جو ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو. 1966ع ۾ ايوب خان بدين ضلعي جون زمينون غير مقامي ماڻهن ۾ ورهائڻ شروع ڪيون ته شهيد فاضل بدين جو واحد سياستدان هو جنهن انهيءَ عمل خلاف هڪ مضبوط ديوار بڻجي ڊڪٽيٽر کي للڪاريو. هن ون يونٽ توڙيو تحريڪ کي سنڌ جي هر گهر تائين پهچايو ۽ ون يونٽ خلاف بدين کان حيدرآباد تائين هڪ تاريخي جلوس جي سرواڻي ڪئي. 4 مارچ 1967ع تي ون يونٽ خلاف احتجاج ڪندڙ شاگرد جڏهن ڄامشورو پل تي پهتا ته ڪمشنر مسرور جي چوڻ تي انهن تي بدترين تشدد ڪري گرفتار ڪيو ويو. شهيد فاضل انهيءَ واقعي خلاف حيدرآباد شهر ۾ مظاهرو ڪرايو ۽ گرفتار شاگردن جي آزاديءَ لاءِ ڪوششون ڪيون. 1969ع ۾ هن ووٽر لسٽن کي سنڌيءَ ۾ ڇپرائڻ لاءِ به ڪامياب جدوجهد ڪئي. 1970ع ۾ عوامي تحريڪ جو بنياد رکيو ويو، جنهن ۾ شهيد فاضل راهوءَ کي انهيءَ تحريڪ جو پهريون صدر ۽ مرحوم رسول بخش پليجي کي مرڪزي جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو. هن رسول بخش پليجي سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي عوامي تحريڪ جي سنڌي سڄاڳ ٻار تحريڪ، سنڌياڻي تحريڪ ۽ سنڌي شاگرد تحريڪ ونگ ٺاهڻ ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪيو سندس ڌيءَ شهناز راهو سنڌياڻي تحريڪ جي پهرين صدر طور ڪم ڪيو. فاضل راهوءَ بدين کي ضلعو بڻائڻ ۽ گولاڙچيءَ کي تعلقو بڻائڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو ايم آر ڊي تحريڪ دوران هن بدين ۾ ماڻهن جا وڏا ميڙ گڏ ڪري فوجي ڊڪٽيٽرشپ خلاف آواز اٿاريو آمريت خلاف جدوجهد ۾ کيس قيد ۽ بند جون صعوبتون برداشت ڪرڻيون پيون ۽ کيس ڪراچي، حيدرآباد، خيرپور، سکر، مڇ ۽ ٻين جيلن ۾ رکيو ويو. لانڍي جيل ۾ قيد دوران کيس زهر ڏئي مارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر هن جي همت کي ڪڏهن به لوڏو نه آيو. سنڌ جي هن باشعور ۽ جرئتمند جوڌي کي هڪ سازش تحت 17 جنوري 1987ع تي بدين ضلعي جي شهر گولاڙچيءَ ۾ شهيد ڪيو ويو.

“CLASSIFIED ADVERTISMENT”

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول اينڊ فيملي جج قاضي احمد
گارڊين شپ اپليڪيشن نمبر.... سال 2025

غريب نواز زرداري...اپليڪينٽ...خلاف: پبلڪ ايٽ لارج...آپونينٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين شپ اپليڪيشن فار اپائنٽ ايز گارڊين آف دي پرسن اينڊ پراپرٽي آف دي مائنر نالي: فقير نواز پٽ غريب نواز زرداري عمر 16 سال لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 17-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سيڪنڊ سول جج اينڊ فيملي جج قاضي احمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج-IV حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر.... سال 2025

ياسمين زال نجم دين ڌيءُ عبدالشڪور شيخ رهندڙ فليٽ نمبر07 ٿرڊ فلور بليو ٽاور، پڪوڙا چوڪ قاسم آباد حيدرآباد...پلينٽف...خلاف: نجم الدين پٽ امام بخش شيخ رهندڙ فليٽ نمبر403 بلاڪ نمبر13 ففٿ فلور رمشا ايونيو گلستان جوهر ڪراچي ايسٽ ۽ هائوس نمبر B-84 شيڊ بنگلوز الواحد ٽائون ڪاظم احمد حيدرآباد. آفيس ايڊريس: ڊپٽي جنرل مئنيجر (DGM) لينڊ روينيو آفيس سيڪنڊ فلور بلاڪاڻي ڪامپليڪس (K.E) ويجهو شاهين ڪامپليڪس-II چندريگر روڊ ڪراچي...ڊفينڊنٽ...معرفت: بيلف آف دس ڪورٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ توهان جي خلاف سوٽ فار مينٽيننس اينڊ ريٽرن آف ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 31-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول/فيملي جج-IV حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج-II ٽنڊوالهيار
فيملي سوٽ نمبر.... سال 2025

مسمات مهناز زال رضوان علي سمون مرحوم فقير محمد سمون بالغ مسلم ذات سمون رهندڙ هائوس نمبر67 محلا منصور ڪالوني ضلعو ٽنڊوالهيار سيل نمبر: 03003381877....پلينٽف...خلاف: رضوان علي سمون پٽ رضا محمد سمون بالغ مسلم ذات سمون رهندڙ ڳوٺ محمد صالح سمون ضلعو ٽنڊوالهيار. سيل نمبر: 0320-3445676 ....0316-3038772...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ رڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 26-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

فيملي جج-II ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

سول اينڊ فيملي جج-IV ٽنڊو محمد خان
فيملي سوٽ نمبر Nil سال 2026

مسمات امينا ڌيءُ تاج محمد زال علي نواز ذات سمون رهندڙ ڳوٺ خير محمد سمون حال رهندڙ ڳوٺ احمد سمون تعلقو بلڙي شاهه ڪريم...پلينٽف...خلاف: علي نواز پٽ حاجي الياس سمون بالغ مسلم ذات سمون رهندڙ ڳوٺ خير محمد سمون تعلقو بلڙي شاهه ڪريم ضلعو ٽنڊو محمد خان...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ رڪوري از پيندنگ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 17-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول اينڊ فيملي جج ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ فيملي IV حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 2664 سال 2025

مسمات سبيلا ڌيءُ عبدالستار زال ظفر علي گنبير رهندڙ هائوس ويجهو فضيلا پڪوان سينٽر وقار ٽائون قاسم آباد حيدرآباد...پلينٽف...خلاف: ظفر علي پٽ محمد اسحاق گنبير رهندڙ وسي ملوڪ شاهه تعلقو بلڙي شاهه ڪريم ضلعو ٽنڊو محمد خان.. ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 27-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول جج / فيملي جج-IV حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 05 سال 2026

مسمات مديحه ڪوڪر...پلينٽف...خلاف: شفيق احمد پاتولي پٽ احمد علي پاتولي مسلم بالغ رهندڙ پڪوڙا اسٽاپ قاسم آباد تعلقو قاسم آباد ضلعو حيدرآباد...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 26-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

فيملي ڪورٽ ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ فيملي III حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1897 سال 2025

مسمات صائمه...پلينٽف...خلاف: محمد يونس ولد ديدار عباسي رهندڙ انعام ڪلهوڙو اوطاق پاڻي شاهه ڳوٺ ميهڙ ضلعو دادو... ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 21-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول جج اينڊ فيملي III حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 555 سال 2025

مسمات نشا عرف روشن ڌيءُ ميان بخش بالو رهندڙ گهر نمبر 1256 محلہ غريب آباد نوابشاهه...پلينٽف...خلاف: عبدالستار ولد نياز علي بلوچ محلا غلام رسول شاهه ڪالوني نوابشاهه سيل نمبر 03032832287. ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 20-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

فيملي جج شهيد بينظير آباد

عام اطلاع

هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته جناب حاجي فهير جرڪيو پٽ قادر بخش جرڪيو آن بيهاف آف هز فوتي پيءُ قادر بخش پٽ حاجي الهه رکيو جرڪيو ريڪنسٽرڪشن رڪارڊ آف رائيٽس بابت درخواست ڏني آهي ته سروي نمبر 397، 401، 403، 409، 598، 704، 374، 791، 792، 793، 400 ايريا ايز پر شيٽر ديهه راڻوڙکي ٿيو ۽ تعلقو ميرپورساڪرو ضلعو ٺٽو مٿي ڄاڻايل سروي ۾ ثبوت پيش ڪيا ويا آهن جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي مٿي ذڪر ڪيل ڄاڻايل زمين تي ڪو اعتراض آهي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 15 ڏينهن اندر دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ ذاتي طور تي يا وڪيل معرفت پيش ڪن مدو گذرڻ ڪانپوءِ ڪوبه اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ درخواستگذار جي حق ۾ فيصلو ڪيو ويندو

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو

ڪاغذن جي گمشدگي

جيئن ته منهنجي سي ڊي سيون ٽي موٽر سائيڪل ماڊل 2025، C D 70225، رنگ ڳاڙهو چيچس نمبر P830820، J F 692084 انجڻ نمبر جواصل ليٽر ڪٿي گم ٿي ويو آهي اگر ڪنهن به شخص کي هٿ اچي ته هيٺين ايڊريس تي ڏياري موڪليندا.

المشتهر گل حسن قمبراڻي ولد جعفر ويٺل ڳوٺ سهو خان لغاري تعلقو جوهي ضلعو دادو شناختي ڪارڊ نمبر 4120224132053، موبائيل نمبر 03362383691

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي مسمات زليخان زال فوتي علي حسن خاصخيلي رهندڙ گلشن مبارڪ ڪوٽڙي تعلقو ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو جي اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس مڙس علي حسن ولد شمن الدين جيڪو Genco-I ڪاني ۾ سرڪاري ملازم هيو جيڪو تاريخ 19-11-2025 تي وفات ڪري ويو آهي جنهن جو وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي ان سلسلي ۾ سر زمين تي وڃي بن معزز ماڻهن هرهڪ نالي (1) غلام مصطفيٰ ولد گل منير ابڙو (2) ماجد حسين ولد سهراب خان رهندڙ غريب آباد ڪالوني تعلقو ڪوٽڙي ضلعو ڪوٽڙي ڪان بيان ورتا ويا جن ساک تي بيان ڏنو ته فوتي نالي علي حسن ولد شمن الدين رهندڙ گلشن مبارڪ ڪوٽڙي تعلقو ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو جا هيليان جائز ۽ حقيقي وارث ظاهر ڪيا آهن: (1) مسمات زليخان فوتي جي زال عمر 52 سال (2) گل حسن خاصخيلي فوتي جو پٽ عمر 36 سال (3) فائزه فوتي جي ڌيءُ عمر 34 سال (4) زوهيب حسن فوتي جو پٽ عمر 30 سال (5) عمير حسن خاصخيلي فوتي جو پٽ عمر 28 سال (6) جنت خاصخيلي فوتي جي ڌيءُ عمر 39 سال. مٿي ڄاڻايل وارثن ڪانسواءِ مرحوم جو ٻيو ڪوبه وارث نه آهي. جنهن جي تصديق اسان جي سامهون بن شاهدن ڪئي آهي. جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پاڻ يا وڪيل معرفت هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجو اعتراض داخل ڪري. مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ وارثي سرٽيفڪيٽ وارثن جي نالي تي جاري ڪيو ويندو.

مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽڙي

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي ذوالفقار علي ولد حيدر لغاري درخواست ڏني آهي ته سندس ڪاتي تي ديهه ڪوٽڙيو ٿيو ڪوٽڙيو ۾ پلاٽ ڪل ايراضي 1350 فوٽ ديهه ڪوٽڙيو تعلقو شهيد فاضل راهو ۾ ڪاتي تي آهي جنهن جو رڪارڊ 27-12-2007 تي محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت جي واقعي ۾ مذڪوره ديهه جو رڪارڊ سڙي ويو آهي جيڪو ٻيهر بحال ڪري ڏنو وڃي. انهيءَ سلسلي ۾ جناب سينئر ميمبر بورڊ آف روينيو سنڌ حيدرآباد جي نوٽيفڪيشن نمبر 08/Misc/2008/Rev-1 2014/12 تاريخ 21-01-2014 موجب حڪم ڪرڻ فرمايو آهي ته نئين ثبوتن جي بنياد تي ٻيهر رڪارڊ جي تصديق ڪئي وڃي حڪم موجب سر زمين تي جلسہ عام ڪرڻ ڪانپوءِ مشيان وارث حقدار/ ڪاتيدار ظاهر ڪيا آهن. هن اشتهار ذريعي سڀني دلچسپي رکندڙن کي آگاهه ٿو ڪجي ته ڪنهن کي ڪوبه اعتراض هجي ته 07 ڏينهن جي اندر جناب اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب جن جي آفيس ۾ پيش ڪن ٻي صورت ۾ ڄاڻايل ڪاتيدار جي نالي ڪاتو بحال ڪيو ويندو ۽ ڪنهن به قسم جو ڪوبه اعتراض نه ٻڌو ويندو.

مختيارڪار (روينيو) شهيد فاضل راهو ضلعو بدين

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي امير حسن ولد لڪاڏنو سومرو درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي لڪاڏنو ولد محمد سومرو جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه ريٺيان تعلقو تلهار ۾ سروي نمبر 451 مان ايراضي 21_9 ايڪڙ مان حصو 012 پئسا ايراضي حصي موجب 06_1 هڪ ايڪڙ ڇهه گهنٽا حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي ڪاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ احمد سومرو ديهه ريٺيان تعلقا تلهار ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري بن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيليان تفصيل فوتي لڪاڏنو ولد محمد سومرو جي جائز وارثن جا نالا وارثن جا 1 امير حسن پٽ فوتي 2 علي حسن پٽ فوتي جو 3 مسمات حڪيمان زال عبدالجبار ڌيءُ فوتي جي 4 مسمات حسينه زال اصغر علي ڌيءُ فوتي جي 5 مسمات سونل زال فوتي جي جو جائز وارث چڙيا آهن تنهنڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي سٽن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

بحڪم: مختيارڪار روينيو تعلقا تلهار

عام اطلاع

هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته جناب احسان الله دراني پٽ زيد الله دراني ريڪنسٽرڪشن رڪارڊ آف رائيٽس بابت درخواست ڏني آهي ته سروي نمبر 284/4 ايريا 01-05 ايڪڙز ديهه راڄ ملڪ ٿيو حاجي گهراڻو تعلقو ميرپور ساڪرو ضلعو ٺٽو مٿي ڄاڻايل سروي ۾ ثبوت پيش ڪيا ويا آهن جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي مٿي ذڪر ڪيل ڄاڻايل زمين تي ڪو اعتراض آهي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 15 ڏينهن اندر دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ ذاتي طور تي يا وڪيل معرفت پيش ڪن مدو گذرڻ ڪانپوءِ ڪوبه اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ درخواستگذار جي حق ۾ فيصلو ڪيو ويندو

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو

عام اطلاع

هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته جناب شرڪت پٽ عبدالحميد جرڪيو آن بيهاف آف هز فوتي پيءُ عبدالحميد پٽ عثمان جرڪيو ريڪنسٽرڪشن رڪارڊ آف رائيٽس بابت درخواست ڏني آهي ته سروي نمبر 372، 388، 368، 371، 387 ٽوٽل ايريا 34-12 ايڪڙ ديهه راڻوڙکي ٿيو اينڊ تعلقو ميرپورساڪرو ضلعو ٺٽو مٿي ڄاڻايل سروي ۾ ثبوت پيش ڪيا ويا آهن جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي مٿي ذڪر ڪيل ڄاڻايل زمين تي ڪو اعتراض آهي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 15 ڏينهن اندر دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ ذاتي طور تي يا وڪيل معرفت پيش ڪن مدو گذرڻ ڪانپوءِ ڪوبه اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ درخواستگذار جي حق ۾ فيصلو ڪيو ويندو

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ڪوٽڙي
(روبرو جناب عمران صاحب)
ايف سي سوٽ نمبر 183 سال 2025

رضا محمد ولد غازي ذات چانڊيو رهندڙ خدا جي بستي نمبر 03 سائيٽ ايريا ڪوٽڙي....پلينٽف...خلاف: (1) چيئرمين نادرا اسلام آباد (2) انچارج/ مينيجر نادرا ڪوٽڙي (3) سيڪريٽري انٽيرئير اسلام آباد (4) عبدالستار ولد خان محمد رهندڙ خدا جي بستي سائيٽ ايريا ڪوٽڙي (5) جنرل پبلڪ...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليريشن مينڊيٽري انجڪشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 23-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

فرسٽ سينئر سول جج ڪوٽڙي

بقايا 1 احتجاجي ڌرڻو

ڪانيو علائقي ۾ ڪو به ترقياتي ڪم نه ڪرايو آهي آئيري قدر جو ڳوٺ جي زبون رستن کي سي سي بلاڪ اسڪيم توڙي روڊ جي تعميرات لاءِ اسڪيمن ڏاهڻ باوجود ان تي ڪو به عمل نه ڪيو ويو آهي. سيري زڳور ٽانگو شاهه جا هزارين رهواسي پيئڻ جي صاف پاڻي کان محروم آهن، علائقي جي اندر زميني پاڻي مڪمل ناڪارا بڻيل آهي ته وري صحت جي سهوليت لاءِ ڪو به مرڪز قائم نه ڪيو ويو آهي اسڪولن جي زبون حالت آهي ، سيري زڳور ڳوٺ محمد علي زڳور ۾ ٽن اسڪولن مان 2 اسڪول بند پيل آهن هڪ زبون اسڪول جي عمارت ۾ شاگرد ۽ شاگرديائيون تعليم حاصل ڪري رهيا آهن جتي استاد اڪثر ڪري ڊيوٽي تان غائب رهي ٿو ، يا اچي ٿو ته صبح جي بجاءِ منجهند جو اچي هڪ ڪلاڪ اسڪول ۾ حاضري پري واپس وڃي ٿو ، جنهن سان اسڪول جو نظام تعليم کان وانجهيل آهي ، علائقي ۾ سولر سسٽم لاءِ پليٽون ڏيڻ جا يوسي چيئرمين اعلان ڪري وري پنهنجي برادري جي مخصوص ماڻهن ڏانئين سولر پليٽون تقسيم ڪري ڇڏيون ۽ پنهنجي برادري ڪان علاوه زڳور، خاصخيلي ، ملاح توڙي ٻين برادرين کي ڪا به سولر پليٽ نه ڏني ، يوسي چيئرمين کي ٻن ڳوٺن کي ملائڻ لاءِ 300 فوٽ جي روڊ رستي جي تعميرات لاءِ گذريل ٽن سالن کان درخواستون ڏيڻ باوجود ان تي ڪو به عمل نه ڪيو آهي جنهن جي ڪري هاڻي مجبور ٿي علائقي جا رهواسي ايڪشن ڪميٽي جي نالي ۾ يوسي چيئرمين مشتاق مگسي کي سنڌس عهدي تان هٽائي ٻيهر چيئرمين شپ جي اليڪشن ڪرائڻ ۽ ڪرپشن جي جانچ ڪرائڻ لاءِ احتجاج جو سلسلو شروع ڪيو آهي فوري طور انصاف نه ڪيو ويو ته علائقي جا رهواسي ايڪشن ڪميٽي طرفان ٽنڊو محمد خان جي ڊپٽي ڪمشنر آفيس آڏو احتجاجي ڌرڻو هڻي حيدرآباد بدين روڊ تي احتجاج ڪندا.

بقايا 2 ڪلهوڙو گرفتار

جاري آهي واضح رهي ته سپاهي قومي ڪارڪن سيد جي ايم سيد جي پروگرام ۾ سن ويندا جن سبب خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي

بقايا 3 :سعيد اعوان

عورتون ۽ ٻار ان کان وڌيڪ متاثر ٿين ٿا. بنا ڪنهن فرق جي ۽ خوف ۽ خطري جي هڪ مڪمل آپريشن جي ضرورت آهي. جيئوٽيڪ قبضا ڪنهن به سياستدان يا بااثر شخص جي ڇتري هيٺ هجڻ قانون سڀني لاءِ برابر هجڻ گهرجي جيڪڏهن قبضا خلاف منصفاڻو ۽ مسلسل ڪارروائي ڪئي وڃي ته نه رڳو شهر خوبصورت ٿيندا، پر ٽرئفڪ جي وهڪري ۾ بهتري ايندي، پيادلن کي سهولت ملندي، ۽ قانون تي عوام جو اعتماد بحال ٿيندو صاف، منظم ۽ خوبصورت شهر هڪ ترقي يافته سماج جي سڃاڻپ آهن ۽ اهو مقصد صرف جرئتمند ۽ غيرجانبدار فيصلن ذريعي حاصل ڪري سگهجي ٿو اچو ته سڀ ضلعي انتظاميه سان تعاون ڪريون ۽ پنهنجي مدد سان مارڪيٽن، روڊن، گهٽين ۽ پاڙن مان غير قانوني قبضا ختم ڪري پاڻ کي ذميوار شهري ثابت ڪريون

بقايا 4 نوٽيس 10 گرفتار

ڪيو ويو ان ڊس ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ارسلان حيدر ڦليوٽو ٻڌايو ته ڊپٽي ڪمشنر الطاف احمد چاچڙ جي هدايت تحت واهن ۾ غير قانوني طور مٽي ڪڍڻ خلاف ڪارروائي ڪئي وئي آهي ۽ قانوني تقاضائن کي پورا ڪيو ويندو ۽ جيڪي ماڻهو ايڪسيويٽر آپريٽ ڪن ٿا انهن کان اسٽامپ پيپر تي لکت ورتي ويندي اي سي خيرپور چيو ته ان سلسلي ۾ ليٽر لکي آبپاشي عملدارن حد جي پوليس کي پابند ڪيو ويندو ته جيڪي به ماڻهو غير قانوني طور مٽي ڪڍن ٿا انهن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ سهولت ڪارن خلاف پڻ ڪارروائي ڪئي وڃي. ڪارروائي دوران گرفتار ڪيلن ۾ قاسم خان گلاب خان شمس خان منور خان مبارڪ خان عالم بنگلاڻي وقار خان فريد الله خداداد، جان محمد خان ۽ ابراهيم خان غلام نبي پڻ شامل آهن اي سي خيرپور چيو ته شهر ۾ روڊ رستا خراب ٿي رهيا آهن عوام کي اچ وڃ ۾ پريشاني ٿي رهي آهي ۽ شهر ۾ مٽي اڏرڻ سان سهڪي جي بيماري پکيڙجڻ جو خطرو پيدا ٿيندو ان سلسلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ جي هدايت تحت ڪارروائي ڪئي وئي آهي جنهن بابت سموري تفصيلي رپورٽ ڊپٽي ڪمشنر الطاف احمد چاچڙ کي پڻ ڏني ويندي ٻي طرف خيرپور شهري اتحاد ۽ خيرپور جي عوام ڊپٽي ڪمشنر کي شڪايت ڪئي هئي ته محڪمي ايرگيشن جا عملدار روهڙي ڪينال ۽ ميرواهه ڪينال مان مٽي ڪڍرائڻ ۾ مصروف آهن جنهن ڪري واهن جا ڪپر ڪمزور ٿيندا ۽ ڪنهن به وقت وڏو ڳهارو پئجي سگهي ٿو تنهن تي ڊپٽي ڪمشنر ڪارروائي ڪري 10 جوابدارن کي گرفتارڪيو آهي جڏهن ته ڊپٽي ڪمشنر جي ان سلي قدم تي شهرين پاران تعريف ڪئي وئي آهي

بقايا 5 مقابلي ڪامياب

اميدوارن کي بنا مقابلي ڪامياب قرار ڏنو ويو چونڊيل عهديدارن ۾ غلام مصطفيٰ مهر صدر، رحيم بخش ميراڻي سينيئر نائب صدر سويرا اسد نائب صدر حسين بخش سومرو جنرل سيڪريٽري، مشتاق احمد سمون ڊپٽي جنرل سيڪريٽري، انور خاتون جوائنٽ سيڪريٽري، شاهنواز پنهور ماليات سيڪريٽري، وسيم اڪرم انفارميشن سيڪريٽري ۽ مهيش ڪمار آفيس سيڪريٽري شامل آهن موقعي تي استادن نئين پينل کي مبارڪون ڏنيون نئين چونڊيل صدر غلام مصطفيٰ مهر چيو ته استاد برادري جي حقن جو تحفظ، تعليمي معيار جي بهتري ۽ تنظيم کي مضبوط بڻائڻ سندس اولين ترجيح هوندي

بقايا 6 راهوڪي

روشني وڌي مقررين چيو ته فاضل راهو جو فڪر اڄ به سنڌ جي شعور ۾ زنده آهي. ڪانفرنس ۾ شاعرن شهيد کي شاندار لفظن ۾ منظوم پيتا پيش ڪئي خاص طور تي شاعر الله ڏنو جوڻيجو پنهنجي شاعري ذريعي ماحول کي گرمائي ڇڏيو جڏهن هن اهو بند پڙهيو ته: "جيستائين چنڊ ستارا رهندا، فاضل تنهنجا نعرا رهندا" ته پنڊال ۾ موجود شرڪين زوردار نعرا هڻي شهيد کي زبردست خراج عقيدت پيش ڪيو ڪانفرنس ۾ اديبن شاعرن سياسي سماجي ڪارڪنن ۽ علائقي جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 7 احتجاج

ذاتي ملڪيت آهي جيڪو سون ڪي اسڪول ۾ نوڪريون ڏيڻ جي وعدي تي اسڪول لاءِ ڏنو ته ڳوٺ جي ٻارڙن جي تعليم متاثر نه ٿئي جنهن کي 20 سال گذري چڪا آهن پر اڄ ڏانين منهنجو ڪو به تدارڪ نه ڪيو ويو آهي اسڪول جي تعمير وقت علائقي جي معزز شخصيت سردار الطاف حسين ٽونيو پاران لکت ۾ واعدو ڪيو ويو هو ته سون کي به نوڪريون ڏنيون وينديون:(1) پٽيوالي (1) چوڪيداري ۾ گذريل ڪيترن ئي سالن کان سون کي رڳو دلاسا ۽ آسرا ڏنا پيا وڃن. جڏهن ته هاڻي وري من پسند ماڻهن کي نوڪريون ڏنيون ويون آهن ۽ سون سان ناانصافي ڪئي پئي وڃي هن وڌيڪ تڪ جي ايم پي اي نوابزاده برهان خان چانڊيو ۽ ڊي سي قمبر شهدادڪوٽ امداد حسين ابڙو کي اپيل ڪئي نوٽيس وٺي وعدي موجب ڪيس نوڪريون ڏنيون وڃن

بقايا 8 وروتل

طور ضابطو نه آندو ويو ته وڌيڪ معصوم زندگيون ان ويا جي ور چڙهي سگهن ٿيون. سخت افسوس جوڳي ڳالهه اها آهي ته ايتري وڏي انساني نقصان باوجود صحت کاتي طرفان هن وقت تائين ڪو به ايمرجنسي قدم ويڪسينيشن مهم يا علائقي جو دورو نه ڪيو ويو آهي. جنهن سبب علائقي واسين ۾ سخت ڳڻتي ۽ ڪاوڙ پکڙيل آهي ڳوٺاڻن اعليٰ اختيارين، ڊي سي خيرپور ۽ صحت کاتي جي اعليٰ عملدارن کان فوري نوٽيس وٺڻ، طبي ٽيمون موڪلڻ، ويڪسينيشن مهم شروع ڪرڻ ۽ متاثر خاندانن سان امداد ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي جيئن وڌيڪ جاني نقصان کان بچي سگهجي.ٻي طرف ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر مسرور ضياءُ شاهه رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته ڊاڪٽرن جو ٽيمون متاثر علائقي ۾ موجود آهن جتي ارڙيءُ جي بيماريءُ جو علاج جاري آهي

بقايا 9 وارو ماسرو

لاشاري، احسان علي لاشاري ۽ ٻين سان گڏجي ميڊيا آڏو ڳالهائيندي الزام لڳايو ته گذريل 12 ڊسمبر جي ڏينهن لاڙڪاڻو پوليس ڊي ايس پي باقراڻي امداد ڏالير ۽ ايس ايڇ او باقراڻي گلزار برڙو جي اڳواڻيءَ ۾ اسان جي ڳوٺ تي چڙهائي ڪري جهيڙي جي ڪيس ۾ منهنجي 25 سالن جي نوجوان ڀاءُ زبيدالله عرف زبير لاشاري کي گرفتار ڪري ڪٺي وئي، جنهن بعد ڄاڻايل پوليس عملدارن پٽ کي آزاد ڪرڻ لاءِ ٻه لک رپيا رشوت طلب ڪئي، جيڪا رقم غربت سبب ڏيڻ جي سگهه نه هئي هن الزام لڳايو ته باقراڻي پوليس رشوت نه ڏيڻ جي ڪري ڀاءُ معان ڪارڻ تشدد ڪري ڪيس قتل ڪرڻ کان پوءِ سندس لاش لاڪپ ۾ ٽنگي ڪوڙو خودڪشي جو ڊرامو رچائي ڀاءُ جي لاش جو پوسٽ مارٽم به نه ڪرايو ۽ خاموش رهڻ جون ڌمڪيون ڏنيون. بعد ۾ باقراڻي پوليس اهڙي واقعي جو ڪيس پوليس داخل ڪرائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو جنهن ڪري اسان لاڙڪاڻي جي عدالت ۾ 22 اي جي درخواست داخل ڪرائي جنهن تي عدالت ڀاءُ جي قبر ڪشائي جو حڪم ڏنو اهڙو ليٽر ڊي جي هيلٿ طرفان 15 ڏينهن اڳ جاري ڪيو ويو پر هن وقت تائين قبرڪشائي ناهي ٿي نه ئي ايس ايس پي لاڙڪاڻو طرفان ڊي ايس پي باقراڻي امداد ڏالير ۽ ايس ايڇ او گلزار برڙو کي هٽايو آهي جيڪي پنهنجي وردي جو ناجائز فائدو وٺي اسان کي ڌمڪيون ڏئي مختلف طريقن سان حراسان ڪري رهيا آهن جيڪا وڏي ناجائزي آهي اسان جي وس وارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي ڀاءُ جي قتل ڪيس ۾ ملوث پوليس آفيسرن ۽ اهلڪار کي گرفتار ڪري سنڌن معان واقعي جو ڪيس داخل ڪري ڀاءُ جي خون سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 10 خلاف احتجاج

ايڊووڪيٽ ممتاز جمالي ضياءُ الدين حافظ روشن، گلفام فقير عبدالرزاق منگي نديم خان جمالي ۽ ٻين چيو ته هفتو اڳ دادو شهر ۾ ايس ايڇ او اي سيڪشن قربان قمبراڻي ايس ايڇ او بي سيڪشن خليل الرحمان مسڻ ۽ انچارج سي آءِ اي بينظير جمالي شهر جي سماجي شخصيت نادر علي جمالي کي بيگناهه گوليون هڻي بيدردي سان قتل ڪري واقعي کي پوليس مقابلي جو ڪوڙو رنگ ڏئي ڊرامو رچايو جنهن کان پوءِ آءِ جي سنڌ نوٽيس وٺندي ٽنهي ايس ايڇ اوز کي هٽائي ايس ايس پي حيدرآباد عديل چانڊيو کي جاچ آفيسر مقرر ڪيو هو ۽ گهرو وزير جوڊيشل لاءِ خط به لکيو هو پر هن وقت تائين نادر جمالي واري واقعي ۾ ڪا به اڳڀرائي نه ٿي سگهي آهي جنهن ڪري مقتول جا وارث انصاف جي آسيتڙي ۾ آهن هنن چيو ته جيڪڏهن نادر جمالي جا قاتل گرفتار نه ٿيا ته پوري پاڪستان سان جمالي برادري جا هزارين نه پر لکين ماڻهو 18 جنوري تي تاريخي ڌرڻو هڻندا. هنن چيو ته نادر جمالي دادو جو سماجي اڳواڻ هو جنهن کي بيدردي سان قتل ڪرڻ واري واقعي جي اسين سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي صدر پاڪستان آصف علي زرداري، چيف آف آرمي اسٽاف حافظ سيد منير چيف جسٽس سپريم ڪورٽ سميت ٻين اعليٰ اختيارين کي اپيل ٿا ڪيون ته نادر جمالي واري واقعي جو نوٽيس وٺي مقتول جي قتل ۾ ملوث ايس ايس پي دادو ٽنهي ايس ايڇ اوز ۽ ملوث اهلڪارن خلاف ڪارروائي ڪري مقتول جي خون سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 11 احتجاجي مظاهرو

شرڪت کان روڪڻ لاءِ ڪين ڪنهي گهر ڪيو ويو آهي هوڏانهن جسقم اڳواڻن مصطفيٰ ژئونر ، قربان بنب ، برڪت جلباڻي ۽ مورڙو ميربحر جي اڳواڻيءَ ۾ اسٽيشن روڊ تي جي ايم سيد چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي هنن ميڊيا سان ڳالهائيندي گرفتارين جي سخت مذمت ڪئي آهي هنن چيو ته سائين جي ايم سيد جي سالگرهه ۾ هر حوالي سان شرڪت ڪنداسين هنن اهو پڻ چيو ته جيڪڏهن بنهين اڳواڻن کي فورن آزاد نه ڪيو ويو ته پوري ضلعي ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو ؛

بقايا 12 ۾ وٺي ڇڏيو

صدر ڪامريڊ محمد خان پنهور سٽي صدر سڪندر علي ملوڪاڻي امداد چانڊيو کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڪنهن اڻڄاتل هنڌ منتقل ڪري ڇڏيو واضح رهي ته سنڌ يونائيٽيڊ پارٽيءَ جي مرڪزي قيادت جي حڪم تي پوري ضلعي مان جي ايم سيد جي سالگرهه جي سلسلي ۾ قافلا سن شهر طرف روانا ٿيڻا هئا پوليس مبينہ طور ويندڙ مسافر وين کي پڻ تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي رابطي ڪرڻ تي ايس ايڇ او سٽي محمد حنيف مهر ٻڌايو ته اسان ڪنهن کي به پنهنجي تحويل ۾ نه ورتو آهي ۽ نه ئي ڪا رستا روڪ ڪئي آهي

بقايا 13 لاڏاڻو ڪري ويو

۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي (آمين سما آمين). ٻئي طرف، سول اسپتال سکر ۾ او پي ڊي بنگلو 6 جي ويجهو سنڌس رهائشگاهه تي ڊاڪٽر شاهد اقبال ۽ ٻين سان تعزيت ڪئي پئي وڃي

بقايا 14 حيدرآباد

وجهي زبردستي حراست ۾ وٺي عملي سميت ٿاڻي تي کڻي وڃڻ ڪين غيرقانوني طور 6 ڪلاڪ ٿاڻي تي ويهارڻ جي درخواست ڏني هئي جنهن تان سيشن ڪورٽ سڪرنڊ اها ساڳي درخواست ايڊيشنل سيشن جج هالا ڏي موڪلي هئي جنهن تان ايڊيشنل سيشن جج اڳوڻي ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ او معان ايف آءِ آر جو حڪم ڏنو هو جنهن تان اڳوڻي ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ او سرڪٽ بينچ حيدرآباد مان اسٽي آرڊر وٺي آيا هئا بعد ۾ درخواست داخل ڪرڻ تي سرڪٽ بينچ اهڙو حڪم نامو جاري ڪيو عدالت ايڪسائيز پوليس سڪرنڊ جي انسپيڪٽر جاويد ميمڻ جي درخواست تي نيو سعيدآباد جي اڳوڻي ڊي ايس پي منظور لکي، ايس ايڇ او شاهه زمان چانڊيو خلاف نيوسعيدآباد پوليس کي ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو آهي.پٽيشنر جاويد ميمڻ عدالت ۾ موقف اختيار ڪيو آهي ته ڪجهه مهينا اڳ ۾ مهراڻ هاءِ وي تي ايڪسائيز پوليس جي عملي سميت هو مختلف مسافر گاڏين جي چيڪنگ ڪري رهيو هو ته ڊي ايس پي منظور لکي ۽ ايس ايڇ او شاهه زمان چانڊيو سنڌن ڊيوٽي ۾ رخنو وجهي زبردستي حراست ۾ وٺي عملي سميت ٿاڻي تي کڻي ويا هٿا جتي کين غيرقانوني طور 6 ڪلاڪ ٿاڻي تي ويهاريو ويو هو پٽيشنر جاويد ميمڻ اهڙي درخواست سيشن جج سڪرنڊ کي ڏني جنهن بعد اها درخواست ايڊيشنل سيشن جج هالا ڏانهن موڪلي وئي ايڊيشنل سيشن جج هالا پاران ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو جنهن بعد اڳوڻي ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ او سرڪٽ بينچ حيدرآباد مان اسٽي آرڊر وٺي آيا. جڏهن ته درخواست جي استدعا ڪئي جنهن تي عدالت اهڙو حڪم نامون جاري ڪيو آهي

بقايا 15 احترام سان ملهايو ويو

گهرين شب معراج جي پلاري رات جي موقعي تي پوليس طرفان سيڪورٽي جاانتظام ڪيا ويا

بقايا 16 جي فعاليت تصديق

سلسلي ۾ سيپا جي ريجنل انچارج ۽ آفيسرن گڏوگڏ سنڌ اي پي اي ضلعي آفيس خيرپور ميرس جي ضلعي انچارج مير مريد علي ڏالير سان گڏ، راڻي پور شگر مل ضلعي خيرپور جو معائنو ڪيو ويو هي معائنو سيپا کان منظور ٿيل ٿرڊ پارٽي ماحولياتي ليبارٽري جي موجودگي ۾ انجام ڏنو ويو. معائني دوران مختلف ماحولياتي سرگرميون سرانجام ڏنيون ويون جن ۾ هوا جي معيار، شور جي سطح، بوائلرز مان خارج ٿيندڙ اخراج ايفلوئنٽ ٽريٽمينٽ پلانٽ (ETP)جي جاچ ۽ فضلاءِ واري پاڻي جا نمونا گڏ ڪرڻ شامل هئا، ته جيئن سنڌ ماحولياتي معيار (SEQS) ۽ سنڌ ماحولياتي تحفظ ايڪٽ 2014 تحت تعميل جو جائزو وٺي سگهجي ان تي سائيٽرنگ ٽيم مشاهدو ڪيو ته معائني وقت ايفلوئنٽ ٽريٽمينٽ پلانٽ (ETP)فعال حالت ۾ هو ۽ فضلاءِ واري پاڻي جا نمونا گڏ ڪيا ويا. ان موقعي تي مل انتظاميه کي هدايت جاري ڪئي وئي ته مل مان نڪرندڙ پاڻي کي صاف ڪرڻ واري نظام (ETP)جي آن ليٽ ۽ آئوٽ ليٽ تي فلو ميٽرز ۽ پي ايڇ ميٽرز نصب ڪيا وڃن سيپا ٽيم چار ڦٽو ڪرڻ واري هنڌ جو به دورو ڪيو جتي مل انتظاميه ٻڌايو ته سيپا قانونن موجب آس پاس جي ماحول ۾ چار جي ڦهلاءَ کي روڪڻ لاءِ مناسب مٽي پرائي ڪئي ويندي. سيپا سکر جي ريجنل انچارج جناب عمران عباسي ميڊيا کي آگاهه ڪيو ته سيپا ريجنل آفيس سکر ماحولياتي تحفظ لاءِ هر وقت متحرڪ آهي جنهن ڪري سڄي ريجن ۾ صنعتن جي باقاعده نگراني ڪئي پئي وڃي هن وڌيڪ چيو ته سيپا جي هدايتن تي سڀني شگر ملن مل مان نڪرندڙ پاڻي کي مؤثر نموني صاف ڪرڻ لاءِ ايفلوئنٽ ٽريٽمينٽ پلانٽس (ETPs) لڳايا آهن

بقايا 17 ڪارروائي 7 ڄڻا گرفتار

اويس احمد گوپانگ سميت 7 ڄڻن کي گرفتار ڪري سنڌس قبضي مان 14 عدد شراب جون بوتلون 24 عدد حقہ شيشو سميت 70 فليور هٿ ڪيا ويا پوليس گرفتار ڪيل نوجوانن کي حد جي ٿاڻي تي لاڪ اپ ڪري معان ڪيس داخل ڪري ڇڏيو

بقايا 18 جو احتجاجي مظاهرو

وانگر گمبٽ، راڻيپور رادڻو، ٻهارو ديرو ستابو مجهد، ڪمال ديرو دلاور کهڙو فقير نانڪ يوسف روڙي پير عيسيٰ کهڙا، مهرو واهڻ جادو واهڻ ۾ روزمرهه جي استعمال جون شيون جنهن ۾ اٽو گيهه کنڊ چانهه پتي، کنڊ ڪاڄرو تيل ڳڙ ٽلِ مٺائي آنا بسڪيٽ، چانور بيسڻ جي قيمتن ۾ تيزي سان اضافو ٿي رهيو آهي خاص طور تي اٽو جيڪو غريب عوام جي بنيادي ضرورت بڻجي ويو آهي هاڻي آهستي آهستي سنڌس پهچ کان ٻاهر ٿيندو پيو وڃي.حڪومت فلور مل مالڪن کي ڪڻڪ 80 رپيا في ڪلو فراهم ڪري ٿي، پر عوام کي مارڪيٽ ۾ اٽو 130 رپيا في ڪلو جي اگهه سان ملي رهيو آهي. هن فرق تي عوام سخت سوال اٿاري رهيو آهي ۽ ذميوارادارن جي ڪارڪردگي تي خدشا ظاهر ڪري رهيا آهن.مهانگائي سبب مزدور ۽ ڏهاڙي دار طبقو به وقت جي ماني لاءِ پريشان آهي. گمبٽ جي عوام سنڌ حڪومت ڊي سي خيرپور ميرس اي سي گمبٽ مختيارڪار گمبٽ کان ڀرزور مطالبو ڪيو آهي ته اٽي جي قيمتن تي ڪنٽرول ڪيو وڃي ۽ غريب عوام کي فوري طور تي رليف فراهم ڪري ڏيڻ جي ذميوار آهي

بقايا 19 گرفتار

واقعي جي جاچ شروع ڪري ڏني جاچ دوران پوليس ساڳئي ڳوٺ جي رهواسڻ سنڌس رشتيدار عورت مسمات مريم بروهي کي گرفتار ڪري سنڌس قبضي مان 11 عدد سون جون واليون هٿ ڪري ورتيون آهن جڏهن ته ساڳئي ڪيس ۾ ملوث جوابدار عورت مسمات مريم جي ڀاءُ رمضان پٽ عزيز الله پٺاڻ کي پوليس جيڪب آباد جي دلمراد ٿاڻي جي حد مان مقابلي دوران زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعوي ڪئي آهي پوليس زخمي ٿيل جوابدار کي گرفتار ڪري سول اسپتال ڪنڌڪوٽ آڻي جتي ڊاڪٽرن پاران زخمي کي طبي امداد ڏني وئي. ان سلسلي ۾ پوليس پاران جاري ڪيل بيان ۾ چاليو ويو ته جوابدار عورت مريم ۽ سنڌس ڀاءُ رمضان پٺاڻ پنهنجي ئي رشتيدار عورت مسمات سارا بروهي کي زخمي ڪرڻ بعد ڪانئس ڪنن مان سون جون واليون لاٿيون جوابدار عورت کي گرفتار ڪيو پر رمضان پٺاڻ فرار هو جنهن بعد ان کي به ڳجهي اطلاع تي دلمراد ٿاڻي جي حد مان مقابلي دوران زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو آهي. گرفتار جوابدار سان گڏ ٻه ساٿي پڻ هئا جيڪي موقعي تان فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. هوڏانهن حد جي ٿاڻي تي گرفتار جوابدار معان مقابلي جو پڻ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

بقايا 20 شهري پريشان

ڀرڻ تي مجبور ٿي ويا آهن تفصيل موجب، سکر بئراج ۽ ان مان نڪرندڙ ست وڏين ڪينالن جن ۾ روهڙي ڪينال نارا ڪينال خيرپور ايسٽ ڪينال خيرپور ويسٽ ڪينال دادو ڪينال رائيس ڪينال ۽ ڪيرٿر ڪينال شامل آهن جي صفائي ۽ بيراج جي سڀني درن جي مرمت جو ڪم جاري آهي. انهن ڪمن دوران سنڌو درياهه ۾ پاڻي جي آمد ۾ گهٽتائي سبب، درياهه جي سطح مسلسل گهٽجي رهي آهي. جنهن جي نتيجي ۾ ڪجهه هنڌن تي درياهه جا ڪنارا سڪل نظر اچڻ لڳا آهن هن پاڻي جي کوٽ سبب، سکر شهر جي ڪيترن ئي علائقن ۾ پاڻي جي فراهمي متاثر ٿي آهي شهرين جو چوڻ آهي ته گهريلو استعمال لاءِ پاڻي موجود ناهي جنهن جي ڪري روزاني زندگي سخت متاثر ٿي رهي آهي عورتون ۽ ٻار ڏورانهن علائقن ۾ واقع هينڊ پمپن تان پاڻي ڀرڻ تي مجبور آهن. جڏهن ته ڪيترن ئي پاڙن ۾ انهن کي ٽينڪرن ذريعي مهانگي اگهه تي پاڻي خريد ڪرڻو پوندو آهي سماجي شهري ۽ ڪاروباري حلقن صورتحال تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي ۽ مطالبو ڪيو آهي ته لاڳاپيل اختيارين فوري طور تي نوٽيس وٺن ۽ شهر ۾ پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ هنگامي قدم کنيا وڃن انهن حلقن جو چوڻ آهي ته صفائي ۽ مرمت جي ڪم دوران متبادل انتظام نه هجڻ سبب عوام کي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. جنهن جو فوري حل گهربل آهي شهرين اعليٰ اختيارين کان اپيل ڪئي آهي ته نه رڳو سکر شهر ۾ پر هيٺين علائقن ۾ به پاڻي جي منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻايو وڃي ۽ پاڻي جي فراهمي جي اسڪيمن کي مڪمل طور تي فعال رکيو وڃي، ته جيئن عوام کي هن سنگين صورتحال مان نجات ملي سگهي

بقايا 21 جو ڪيڪ ڪاٽيو

جيل ۾ سائين جي ايم سيد جي 122هين سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو، ان موقعي تي مهراڻ ميراڻي ۽ ٻين چيو ته سنڌ جي سمورن مسئلن جو حل جديد قومپرستيءَ جي باني سائين جي ايم سيد جي فڪر ۾ آهي تقريب دوران شرڪت ڪندڙن سائين جي ايم سيد جي فڪر جدوجهد ۽ سنڌ سان بي مثال محبت کي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ ان عزم کي ورجايو ته هو سيد جي عدم تشدد، حق ۽ آزاديءَ واري فلسفي تي ثابت قدم رهندا هنن چيو ته اسين سيد جا پرامن سياسي ڪارڪن آهيون هن وقت سنڌ خاطر جيلن ۾ قيد آهيون پر اهو سيد جي فڪر جي چمڪ آهي جو اسين قيد هجون يا ڪال ڪوٺڙي سيل ۾، اسين ڪڏهن به مايوس ناهيون ٿيا

بقايا 22 ٻڌڻي

فريادي پرويز چانڊيو ۽ وڪيل صلاح الدين پنهور سان گڏ دادو عدالت پهتي جڏهن ته ڪيس ۾ جوابدار طور نامزد ڊي پ ايم پي اي پائر سردار خان چانڊيو ۽ برهان خان چانڊيو ۽ ان وقت جو ايس ايڇ او ڪريم بخش چانڊيو عدالت ۾ پيش ٿيا، جڏهن ته ڪيس ۾ گرفتار ٿيل سمورن جوابدارن کي سخت پهري هيٺ حيدرآباد جيل کان دادو عدالت ۾ آندو ويو ڪيس جي ٻڌڻي شروع ٿيندي فريادي ڌر جي وڪيل صلاح الدين پنهور ڪيس ۾ پنهنجا دليل شروع ڪيا، ڪيس جي ٻڌڻي 5 ڪلاڪ جاري رهي ڪورٽ جو وقت ختم ٿيڻ تي عدالت پاران ڪيس جي ايندڙ ٻڌڻي 23 جنوري تائين ملتوي ڪئي وئي عدالتي احاطي ٻاهران امر رباب چانڊيو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سڄي سنڌ کي خبر آهي ته منهنجو سڱوٽ روڊ ايڪسيڊنٽ ۾ فوت ٿي ويو آهي. اسين ڏڍي تي ويٺا آهيون سردارن جا پالتو ماڻهو اتان هٿيارن سان گذرن ٿا اسان کي ڊيڄارڻ ٿا چاهين پر اسان انهن کان ڊڄڻ وارا نه آهيون. 8 سالن کان انهن ڌمڪين کي منهن ڏئي رهيا آهيون پنهنجي سرتي ڪفن ٻڌي نڪتي آهيان. هڪ سوال جي جواب ۾ چيو ته ڪير ڪيترو به ڏوهي هجي ان کي عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي پر هتي جنهن جي هٿ ۾ لٺ آهي اهو پاڻ کي ڏاڍو سمجهي ٿو نادر جمالي جو قتل عدالت جي معاملن قتل آهي وارثن سان انصاف ٿيڻ گهرجي اسان پر اميد آهيون سردارن ۽ انهن ماڻهن کي سزائون اينديون عدالت مان انصاف جي اميد آهي ٻئي طرف سردار خان چانڊيو چيو ته جنهن جي ڪيس ۾ اڄون ٿا اهو 2005 جي 6 سڱ چرس جي ڪيس سپريم ڪورٽ ۾ آهي اسان پنهنجي شاهدين تي مطمئن آهيون جيڪا حقيقت آهي اها لڪيل نه آهي، باقي فيصلو عدالت ڪندي نه امر رباب چانڊيو ڪندي.

بقايا 23 لاڏاڻو ڪري ويو

علائقي هوسڙي پرسان ڳوٺ جان محمد رند ۾ ادا ڪئي وئي . جنهن ۾ صحافين سياسي سماجي اڳواڻن علائقي جي معززين ۽ مٽن مائٽن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مرحوم جو مڙهه ڪنڊومحمد روڊ لڳ درگاهه سيد حسين شاهه جي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو مرحوم جو تڏو هوسڙي لڳ ڳوٺ جان محمد رند ۾ وڇايو ويو آهي. جتي تعزيت جو سلسلو هلندڙ آهي حيدرآباد جي سينئرصحافي لالارحمان سمون علي حسن پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي مرڪزي اڳواڻ خالد کوکر حيدرآباد پريس ڪلب جي صدر جنيد خانزادو نائب صدرڄڻ پرڪاش سورٺي سيڪريٽري اشوڪ شرما جوائنٽ سيڪريٽري فهيم ٻبر خزانچي اڪرم شاهد سميت حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي اڳواڻ جاني خاصخيلي براڊڪاسٽر صحافي غلام حسين خاصخيلي سميت حيدرآباد جي سينئرصحافي امتياز چانڊيو سميت سوڳ وارن پونيئرن سان ڏک جواظهارڪندي دلي تعزيت جواظهارڪيو آهي

بقايا 24 4ڪلاڪ ڌرڻو

خير محمد چنڙ ، عبدالمالڪ نوناري ، شهري اتحاد جي صدر سانول ڪيريو، سرپرست نياز لاشاري ، عبدالصمد گبول ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو آهي ته سڪرنڊ ۾ مسلسل ٻارڙن جا گهر ڦرڻ بعد لاش ملي رهيا آهن خدا نخواسته اسان فدا حسين جو لاش نه ٿا چاهيون پوليس فوري طور تي تحرڪ وٺي ڪٿي دير نه ٿي وڃي.هنن چتاءُ ڏنو ته 24 ڪلاڪن اندر فدا کي بازياب نه ڪرايو ويو ته سڪرنڊ بائي پاس کي مڪمل طور تي بند ڪيو ويندو ڌرڻي دوران اي ايس پي در تابش پهچي جيجل ماءُ کي گلي لڳائي ڪيس يقين ڏياريو ته تنهنجي ٻچي کي مان پنهنجو ٻچو سمجهان ٿي ڪوشش ڪري تنهنجو ٻچو بازياب ڪرائينداسين ان يقين دهاني بعد ڌرڻو ختم ڪيو ويو سڪرنڊ ٿاڻي تي صدف نوناري جي فرياد تي نامعلوم ماڻهن تي اغوا جو ڪيس داخل ڪيو ويو جنهن ۾ هن ڄاڻايو ته منهنجو پٽ فدا حسين ڳوٺ چوڙون ميل کان سنڌس والد اسڪول ۾ ڇڏي ويو موڪل بعد هو گهر واپس نه ٿيو آهي

بقايا 25 احتجاج

مظاهرو ڪيو جتي هنن نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي ملازمن صدام حسين جروار علي مراد پڇافي زبير احمد گوپانگ، محمد سليمان جوڻيجو فريد حسين ڪلهوڙو فريد علي ڪلهوڙو ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته اسين گذريل 13 سالن کان پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ جي ماتحت هلندڙ آر او پلانٽ، ڊرينيج سپلائي جي اسڪيمن ۾ آپريٽر چوڪيدار ۽ پٽيوالي طور ڊيوٽي ويجز تي لاڙڪاڻي ضلعي جي مختلف هنڌن تي ايمانداري سان ڊيوٽيون ڪري رهيا آهيون پر ان جي باوجود اسان کي 6 مهينن کان پگهارون جاري نه ٿيون ڪيون وڃن هنن الزام لڳايو ته ايڪسين اين راشد علي رند آفيس ۾ ويهڻ بجاءِ پنهنجي بنگلي تي ويهي رهنوار هلائي رهيو آهي جنهن ڪلارڪ رياض احمد سيال سان ملي پگهت ڪري اسان جي 37 هزار روپين جي پگهار مان 4 هزار روپيا ڪٽوتي ڪري ڪرپشن ڪري رهيا آهن. پگهارون نه ملڻ جي ڪري اسان جا گهر پاڻي بکون ڪاٽڻ تي مجبور آهن. شڪايت ڪرڻ تي ڪلارڪ رياض احمد سيال ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي جنهن ڪري اسين سخت پريشاني ۾ مبتلا آهيون هنن سنڌ جي وڏي وزير پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ کاتي بابت وزيراعليٰ سنڌ جي صوبائي صلاحڪار محمد سليم بلوچ سيڪريٽري سميت ٻين وس وارن کي اپيل آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي جلد کان جلد پگهارون جاري ڪري ڏنيون وڃن

بقايا 26 احتجاج

ماءُ استو جنداهوڙي شاعر مهر دپائي ، شهري اتحاد جي صدر سانول ڪيريو ، نياز لاشاري ، ايس يو پي جي فلڪ شير اوڏ ، ايوب کوسو ،شمائل ڪيريو ، ايس ٽي پي شاهنواز ڪيريو ، سليم مگسي ، جسقم جي مصطفيٰ ژئونر ، جي يو آئي جي عبدالقيوم چنڙ ۽ جسقم جي منور عمراڻي ، انيس جي مجيد عباسي ،ڊاڪٽر پريم ، ڊاڪٽر صدورو ناز ڪيريو ، هندو پوڃ پنچائت جي راجيش ڪمار ، گوبند پيو سونارو ، ڊاڪٽر پريم سميت سوين عورتن ۽ مردن وڏي انگ ۾ احتجاجي ڌرڻي ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي معين اڳواڻن چيو ته 23 ڏينهن گذرڻ باجود راهول جنداهوڙو جا قاتل سڪرنڊ پوليس گرفتار نه ڪري سگهي آهي پوليس جي لاپرواهي سبب گهر ڦرڻ بعد نوجوان جو لاش مليو هو اڃا تائين پوليس صرف جاچ ڪري رهي آهي جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيا آهن هنن چيو ته حڪمران ڌر ۽ چونڊيل نمائنده خاموش تماشائي بنيل آهن نه ڌرڻي ۾ شرڪت ڪئي اٿن نه ئي ڪا ڪوشش ڪئي اٿن ته ڪو اسان جي ٻارڙي جا قاتل گرفتار ٿين هنن چيو ته جوابدارن کي گرفتار نه ڪيو ويو ته جمع 23 جنوري تي سڪرنڊ کان پيادل مارچ ڪري ڊي آءِ جي آفيس شهيد بينظيرآباد آڏو ڌرڻو هنيو ويندو ٻئي طرف اي ايس پي در تابش مظاهرين سان ڳالهيون ڪيون ۽ کين يقين ڏياريو ته هڪ هفتي اندر قاتل گرفتار ڪيا ويندا جنهن بعد ڌرڻو ختم ڪيو ويو

بقايا 27 سبب فوت

اطلاع وارثن کي ڏنو ويو جن اسپتال پهچي فوتي جو لاش وصول ڪيو ان حوالي سان علي گوهر آباد ٿاڻي جي پوليس رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته فوتي همراهه سبزي منڊي ۾ سبزي وٺڻ لاءِ آيو جتي هو اوچتي دل بيهڻ سبب فوت ٿي ويو جنهن جي سڃاڻپ مراد واهڻ پاڙي واسي محمد حسين شيخ طور ٿي آهي هوڏانهن فوتي جو لاش گهر نيو ويو جتي لاش گهر پهچڻ تي روڄ راڙو پئجي ويو

بقايا 28 قادر چانڊيو

مسئلا نازڪ آهن پوليس جي ڪا به ڪوتاهي برداشت نه ٿي ڪري سگهجي سڪرنڊ ۾ مسلسل گهر ڦرڻ بعد تشدد ٿيل لاش ملي رهيا آهن پوليس جي به ڪوتاهي آهي جو مالڪن سان نه ملي آهي پوليس سرهم رکڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي آهي. پوليس کي جديد ٽيڪنالاجي ذريعي شاگرد فدا حسين جلد بازياب ڪرائڻ گهرجي ۽ راهول جنداهوڙو جا قاتل گرفتار ڪري کين قانون مطابق سزا ڏني وڃي

بقايا 29 ڊرائيور گرفتار

ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو

بقايا 30 جو سلسلو جاري

وفات تي تعزيت جو سلسلو جاري آهي. مرحوم جي لاڏاڻي تي صحافتي، ادبي، سياسي ۽ سماجي حلقن گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو پيو وڃي ڪوٽڙي بيهار ڪالوني ۾ مرحوم جي وارثن سان پهچي سنڌ جو قومي شاعر مقبول حسين سنڌي، سنڌ جو قومي راڳي سرمد اياز ناميارو سياسي ۽ سماجي ورڪر فاروق احمد نائيچ صحافي نويد ملڪ صحافي سڪندرعلي بليدي ، ڄامشورو مان بشير احمد کوسو سميت ٻين معزز شخصيتن تعزيت ڪئي

بقايا 31 زور

مشاورتي اجلاس منعقد ڪيو ويو اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون پريم چند ميگهواڙ ۽ ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر زبير احمد ميمڻ پڻ شرڪت ڪئي اجلاس کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالهيار چيو ته هن اجلاس جو مقصد ميڊيا سان باهمي اعتماد، صلاح مشوري ۽ ذميوار ڪردار کي هٿي ڏيڻ آهي هن چيو ته انتهاپسندي جو مقابلو صرف انتظامي قدمن سان ممڪن ناهي پر صحيح معلومات جي فراهمي مثبت بيانئي جي واڌاري ۽ سماجي شعور جي بيداري ذريعي ئي ان ناسور جو مؤثر تدارڪ ڪري سگهجي ٿو اجلاس دوران ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته عوامي راءِ سازي ۾ ميڊيا جو ڪردار انتهائي اهم آهي جڏهن ته غير تصديق ٿيل ڄاڻ افواهن ۽ سنسني خيزي کان پاسو ڪرڻ معاشرتي امن ۽ هم آهنگي لاءِ لازمي آهي اجلاس دوران ميڊيا نمائندن طرفان ڪيترين ئي مفيد تجويزون پيش ڪيون ويون جن کي ضلعي انتظاميا سارااهيندي خاطري ڪرائي ته انهن تجويزن جي روشني ۾ ايندڙ وقت ۾ آگاهي ۽ تربيت وارين سرگرمين وڌيڪ اثرائتي بڻايون وينديون اجلاس ۾ اهو پڻ واضح ڪيو ويو ته اظهار راءِ جي آزادي هڪ بنيادي حق آهي پر ان سان گڏ ذميواري، توازن ۽ سماجي اثرن کي نظر ۾ رکڻ پڻ انتهائي ضروري آهي آخر ۾ ضلعي انتظاميا ميڊيا کي امن برداشت ۽ سماجي استحڪام جي واڌاري ۾ اهم ساٿي قرار ڏيندي مستقبل ۾ به اهڙن مشاورتي اجلاسن جي انعقاد جو عزم ظاهر ڪيو ۽ سڀني ميڊيا نمائندن جي شرڪت ۽ سهڪار تي ٿورا ادا ڪيا

بقايا 32 کان ڦر

چانڊيو ۽ شمن سولنگي کان ڦر احتجاج متاثر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان کي ٽي هٿيارٻند ڳرن هٿيارن سان ڪيترائي ڪلاڪ يرغمال بڻائي اٺ هزار رپيا ۽ موبائل فون ۽ هڪ موٽرسائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا آهن ته اسان کي هڪ ڪلاڪ تائين روڊ پرسان ويهاري ڇڏيو جڏهن ته هٿيارٻند بيخوف ٿي بي گاڏي ۾ سوار ٿي فرار ٿي ويا جڏهن ته ٺٽون ڳوٺ پوليس سڏ پنڌ آيل ايس بجاءِ بند ٿاڻي تي موجود هئي واقعي بعد ڳوٺ چار زرداري واسي رئيس سرائي طالب علي زرداري چيو ته علائقي ۾ بدامني روز جو معمول بڻجي وئي آهي اسان ايم اين اي ۽ ايم پي اي کي اپيل ٿا ڪريون ته ڦر جو نوٽيس وٺي ڦر ٿيل سامان واپس ڪرايو وڃي

بقايا 33 ڊي آءِ جي سکر

جي سکر رينج پاران جاري ڪيل هدايتن موجب مسجدن امام بارگاهن درگاهن مزارن ۽ ٻين کليل عبادتگاهن جي چوڌاري موثر سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويندا جڏهن ته داخلا ۽ خارجي رستن تي گاڏين ۽ ماڻهن جي سخت اسڪريننگ ۽ جامع چيڪنگ کي يقيني بڻايو ويندو موٽرسائيڪل ۽ موبائل پيٽرولنگ ۾ نمايان اضافو ڪري حساس هنڌن تي خاص ڌيان ڏنو ويندو سيڪيورٽي کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ لاءِ سادا ڪپڙا پاتل پوليس اهلڪار مقرر ڪيا ويندا جيڪي شڪي سرگرمين تي نظر رکندا جڏهن ته ڊيوٽي تي موجود پوليس اهلڪارن کي ايس او پيز تحت مڪمل حفاظتي سامان فراهم ڪيو ويندو عوامي هنڌن تي هٿيارن جي نمائش ۽ کڻي وڃڻ تي مڪمل پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي ۽ ان تي سختي سان عمل ڪرائڻ جون هدايتون ڏنيون ويون آهن ڊي آءِ جي سکر رينج عالمن مشائخن مذهبي شخصيتن مقامي معززين سان ويجهڙائي ۽ هم آهنگي برقرار رکڻ تي زور ڏنو آهي. جڏهن ته مسجدن امام بارگاهن مزارن ۽ قبرستانن ۾ ايندڙ زائرين جي سهولت لاءِ ضلعي انتظاميا سان اثرائتي رابطي کي يقيني بڻائڻ جون هدايتون پڻ ڏنيون ويون آهن بم ڊسپوزل اسڪواڊ کي هاءِ الرٽ رکيو ويندو ته جيئن ڪنهن به هنگامي صورتحال کي فوري طور تي منهن ڏئي سگهجي ٽرئفڪ جي وهڪري کي برقرار رکڻ لاءِ اضافي ٽرئفڪ پوليس اهلڪار مقرر ڪيا ويندا، مسجدن امام بارگاهن ۽ مزارن جي چوڌاري پارڪنگ جا موثر انتظام ڪيا ويندا جڏهن ته متبادل رستن جي منصوبابندي ۽ بروقت عملدرآمد ذريعي شهرين کي سهولت فراهم ڪئي ويندي ان کان علاوه لائوڊ اسپيڪر ايڪٽ تي سختي سان عمل ڪرڻ ۽ خلاف ورزي جي صورت ۾ قانوني ڪارروائي ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون ويون آهن ڊي آءِ جي سکر رينج واضح ڪيو آهي ته سڀني موجود افرادي قوت، رسد ۽ وسيلن کي مڪمل طور تي استعمال ڪيو ويندو ۽ رينج ۽ ضلعي سطح تي ڪنٽرول روم کي مڪمل طور تي فعال رکيو ويندو ته جيئن صورتحال جي مسلسل نگراني ڪري سگهجي هر لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي وئي ته شب معراج جي موقعي تي امن امان برقرار رکڻ لاءِ الرٽ رهن ۽ پنهنجا فرض پيشيوراڻي انداز ۾ ادا ڪن ته جيئن ماڻهو بنا ڪنهن خوف ۽ خطري جي پنهنجي نماز ادا ڪري سگهن

بقايا 34

مريد احمد حاجي راڄپر مان غلام علي راڄپر جون پلوڙ نسل جون 3 ٻڪريون ۽ هڪ سولر پليٽ نامعلوم چور رات دير سان چوري ڪري ويا آهن جڏهن ته سيٺارجا شهر مان منصور حسين لنڊ جي گهر ٻاهران بيٺل ٽئين سي ڊي موٽر سائيڪل نامعلوم چور چوري ڪري فرار ٿي ويا سيٺارجا پوليس ڏوهه واپس ڪرائڻ ۾ مڪمل ناڪام بڻجي وئي آهي متاثرن پاران جلد ڏوهه واپس ڪرائي ڏيڻ جي گهر ڪئي آهي ٻئي طرف سيٺارجا پوليس رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته سيٺارجا پوليس پاران مختلف ڏوهن جي رپورٽ داخل ڪئي وئي ۽ جلد ڏوهارين کي گرفتار ڪري ڦريل ڏوهه واپس ڪرايا ويندا

بقايا 35 ٺيڪيدار گرفتار

تعلقي ميونسپل ڪميٽي ڳوٺي ياسين ۾ مختلف ترقياتي ٺيڪن ذريعي ڪروڙين رپيا غبن ڪيا نيب ذريعن موجب، ملزم تي سرڪاري فنڊن جي غلط استعمال جعلي بلنگ ۽ رڪارڊ ۾ تبديلي جهڙا سنگين الزام لڳايا ويا آهن نيب سکر موجب ڪارروائي انٽيليجنس معلومات جي بنياد تي ڪئي وئي جنهن دوران ملزم کي گرفتار ڪري حراست ۾ ورتو ويو نيب عملدارن جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدار کي جلد ئي جسماني ريمانڊ لاءِ احتساب عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو ته جيئن وڌيڪ جاچ دوران مبينا ڪرپشن ۽ ٻين جوابدارن تائين رسائي سان لاڳاپيل ثبوت حاصل ڪري سگهجن ذريعن جو چوڻ آهي ته هن ڪيس ۾ وڌيڪ انڪشاف ۽ ممڪن گرفتارين به متوقع آهن ڇاڪاڻ ته جاچ جو دائرو وڌايو پيو وڃي سول ۽ سماجي حلقن نيب جي هن ڪارروائي جي آجيان ڪئي آهي ۽ مطالبو ڪيو آهي ته ڪرپشن ۾ ملوث سڀني عنصرن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ته جيئن عوامي وسيلن جي تحفظ کي يقيني بڻائي سگهجي

بقايا 36 جا واقعا

موڪلي وڃي ٿي ۽ پوءِ ايمرجنسي ضرورتن يا سفر دوران تڪليفن جا جذباتي بهانا بڻائي پئسا گهريا وڃن ٿا. تازو ئي ڏگهڙي پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري توفيق سردار راڄپوت جي عمرہ لاءِ روانگي کان فورا پوءِ سندس نالي سان به جعلي آءِ ڊي ٺاهي ساٿين کان رقم طلب ڪئي وئي جڏهن ته ڪيترائي سياسي ۽ معزز شخصيتون به هن منظم فراڊ جو شڪار ٿي چڪيون آهن شهرين جو چوڻ آهي ته هي منظم نيٽ ورڪ جو ڪم آهي جنهن وٽ سفر بابت تازي معلومات موجود هوندي آهي جيڪا هو سڌي ريت استعمال ڪن ٿا افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته درجنين متاثرن باوجود اڃا تائين ڪا به ٺوس قانوني ڪارروائي يا گرفتاري سامهون نه آئي آهي جنهن سبب شهرين ۾ شديد بيچيني ۽ عدم تحفظ پيدا ٿي ويو آهي متاثرن ۽ مقامي ماڻهن لاڳاپيل اختيارين ۽ سائبر ڪرائم يونٽ کان مطالبو ڪيو آهي ته هن وڌندڙ خطري خلاف فوري، مؤثر ۽ سخت ڪارروائي ڪري هن منظم ٽولي جو خاتمو آندو وڃي ته جيئن معصوم ماڻهن کي وڌيڪ نقصان کان بچائي سگهجي

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپني
HESCO

تصحيح نمبر-01

RFB No:	PK-HESCO-RECOND. HTLS -T/L-NCB/09
Description	Design, Supply & Installation of Reconductoring with HTLS at 132kV Transmission Line from Jamshoro - Qasimabad - Hala Road and Jamshoro-Rajputana-Hala Road.

اها تصحيح تاريخ 15-01-2026 تي جاري ڪئي پئي وڃي ته جيئن مٿي ڄاڻايل ٽينڊر جي لاءِ درخواست براءِ واڪن (RFB) ۾ ترميم ڪري سگهجي. هي تصحيح واڪ دستاويزات جو لازمي حصو تصور ڪئي ويندي ۽ سمورا واڪ ڏيندڙ هن جا پابند هوندا.

RFB Ref	Previous clause	Revised clause
ITB 23.1	For Bid submission purposes only, the Employer's address is: Attention: Chief Engineer (Development) PMU HESCO Address: Chief Engineer (Development) PMU HESCO Office, Bungalow # A-1 HESCO Power Colony Hussainabad, Hyderabad. City: Hyderabad Country: Pakistan Telephone: +92-22-9260070 The deadline for Bid submission is: Date: 20.01.2026 Time: 11:00 a.m. Bidders shall not have the option of submitting their Bids electronically.	For Bid submission purposes only, the Employer's address is: Attention: Chief Engineer (Development) PMU HESCO Address: Chief Engineer (Development) PMU HESCO Office, Bungalow # A-1 HESCO Power Colony Hussainabad, Hyderabad. City: Hyderabad Country: Pakistan Telephone: +92-22-9260070 The deadline for Bid submission is: Date: 03.02.2026 Time: 11:00 a.m. Bidders shall not have the option of submitting their Bids electronically.
ITB 26.1	The Bid opening shall take place at: Hyderabad Electric Supply Company (HESCO) Address: Chief Engineer (Development) PMU HESCO Office, Bungalow # A-1 HESCO Power Colony Hussainabad, Hyderabad. City: Hyderabad Country: Pakistan Telephone: +92-22-9260070 Date: 20.01.2026 Time: 11:00 a.m.	The Bid opening shall take place at: Hyderabad Electric Supply Company (HESCO) Address: Chief Engineer (Development) PMU HESCO Office, Bungalow # A-1 HESCO Power Colony Hussainabad, Hyderabad. City: Hyderabad Country: Pakistan Telephone: +92-22-9260070 Date: 03.02.2026 Time: 11:00 a.m.

نوٽ: معياري خريداري دستاويزات ۽ مخصوص خريداري نوٽيس جا ٻيا سمورا شرط ۽ ضابطا جيئن جو تيئن برقرار رهندا.

چيف انجنيئر (ڊولپمينٽ) پي ايم يو، حيسڪو، حيدرآباد

PID(H) 275/2025

ٽنڊو محمد خان ۾ ڳوٺاڻن جو يوسي چيئرمين خلاف پيادل مارچ، احتجاجي ڌرڻو

ڳوٺ محمد علي زئور جي سوين ڳوٺاڻن پيادل مارچ ڪري سيري زئور نانگو شاهه روڊ تي ڌرڻو هنيو

يوسي چيئرمين مشتاق مڱسي چيئرمين شپ جي عهدي وٺڻ بعد ڪو به ترقياتي ڪم ناهي ڪرايو:مظاهرين

ڳوٺ جي زبون رستن ڪي سي سي بلاڪ اسڪيم ٽرڙي روڊ جي تعميرات لاءِ اسڪيمن ناهڻ باوجود ان تي ڪو به عمل نه ڪيو ويو آهي

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي يوسي نانگو شاهه ۾ سيري زئور جي ڳوٺ محمد علي زئور جي ڳوٺاڻن جو يوسي چيئرمين جي خلاف پيادل مارچ، احتجاج، ڌرڻو ، خبر موجب ٽنڊو محمد خان جي يوسي نانگو شاهه ۾ سيري زئور جي ڳوٺ محمد علي زئور جي سوين ڳوٺاڻن يوسي چيئرمين مشتاق مڱسي جي خلاف احتجاجي جلوس ڪڍي پيادل مارچ ڪري سيري زئور نانگو شاهه روڊ تي احتجاجي مظاهري ڪانپوءِ ڌرڻو هنيو ، احتجاج دوران ڳوٺاڻن جي ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻ محمد رفيق زئور ، محبوب زئور ، صدام حسين زئور ، ذوالفقار زئور ، زيد زئور ، محمد ايوب زئور ، عبدالغني زئور ۽ ٻين چيو ته يوسي چيئرمين مشتاق مڱسي پنهنجي چيئرمين شپ جي عهدي وٺڻ
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: يوسي نانگو شاهه جي ڳوٺ محمد علي زئور جا ڳوٺاڻا يوسي چيئرمين خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

شهدادپور پوليس جي سن ويندڙ قومي اڳواڻن خلاف وٺ پڪڙ شروع، جسقم اڳواڻ شريف ۽ وزير ڪلهوڙو گرفتار

شهدادپور (ن ع) شهدادپور پوليس جي سن ويندڙ قومي اڳواڻن خلاف وٺ پڪڙ شروع پوليس پاران سوائي روڊ تان جسقم اڳواڻ شريف ڪلهوڙو ۽ وزير ڪلهوڙو کي گرفتار ڪري حراست ۾ وٺي ڇڏيو هوڏانهن پوليس پارانٻين ڪارڪنن اڳواڻ خلاف وٺ پڪڙ
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

دادو: امر رباب چانڊيو عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

ب ٽ الف تعلقي خانگڙهه جون چونڊون، جيٺي لطيف پينل جا سمورا اميدوار بنا مقابلي ڪامياب

خانپورمهر(ن ع) پرائمري ٽيچرز ايسوسيئيشن (ب ٽ الف) تعلقي خانگڙهه جون چونڊون مڪمل ٿي ويون جن ۾ مقرر وقت تائين صرف جيٺي لطيف پينل جا فارم وصول ٿيا. فارم جانچ بعد سمورن
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

غير قانوني قبضا شهرن جي بدصورتي، ٽريفڪ رڪاوٽن جو وڏو سبب آهن: سعيد اعوان

بدقسمتي سان اهي قبضا اڪثر سياستدانن يا بااثر ماڻهن جي سرپرستي ۾ رهندا آهن

جنهن ڪري عوام کي پنهنجي روزاني زندگي ۾ سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوندو

سکر(بيورو رپورٽ) تنظيم پاڪستاني جي سربراهه ڊاڪٽر سعيد اعوان چيو آهي ته غير قانوني قبضا شهرن جي بدصورتي، ٽريفڪ جي مسئلن ۽ عوامي زندگي ۾ رڪاوٽن جو هڪ وڏو سبب آهن بدقسمتي سان اهي قبضا اڪثر سياستدانن يا بااثر ماڻهن جي سرپرستي ۾ رهندا آهن جنهن جي ڪري عوام کي پنهنجي روزاني زندگي ۾ سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوندو آهي
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ واهن مان غير قانوني مٽي ڪڍڻ خلاف ڊي سي جو نوٽيس، 10 گرفتار

ڊي سي الطاف احمد چاچڙ جي هدايت تي اي سي ۽ مختيار ڪار پاران ڪارروائي ڪئي وئي

ڪارروائي ۾ 10 ماڻهن کي غير قانوني طور واهن مان مٽي ڪڍڻ تحت گرفتار ڪيو ويو

خيرپور(ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ جي هدايت موجب غير قانوني طور واهن مان مٽي ڪڍڻ بابت نوٽس، اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ مختيار ڪار جي ڪارروائي، 10 ماڻهو گرفتار تفصيل موجب اسسٽنٽ ڪمشنر ارسلان حيدر ڦليپوٽو ۽ مختيار ڪار شيراز ڦليپوٽو روينيو پوليس ۽ ٻين عملدارن سان گڏجي گجو ڦليپوٽي سجاد هوٽل (روهڙي ڪئنال)، ڪينال ڪالوني پرسان ڪارروائي ڪندي 10 ماڻهن کي غير قانوني طور واهن ۾ مٽي ڪڍڻ تحت گرفتار
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

راهوڪي ۾ هڪ عظيم الشان "شهيد عوام محمد فاضل راهو ادبي ڪانفرنس" منعقد

ڊاڪٽر فتح محمد مري، شير مهراڻي، ميان مير خان چانڊيو، اسماعيل ڪنير ۽ ٻين جي شرڪت

فاضل راهو جو فڪر اڄ به سنڌ جي شعور ۾ زنده آهي، سنڌس ڪيل خدمتون هميشه ياد رهنديون: مقرر

ڪانفرنس ۾ شاعرن شهيد کي شاندار لفظن ۾ ڀيٽا پيش ڪئي الله ڏنو جوڻيجو پنهنجي شاعري ذريعي ماحول کي گرمائي ڇڏيو

گولاڙچي (ت ر) شهيد عوام محمد فاضل راهو جي 39هين ورسي جي موقعي تي راهوڪي ۾ هڪ عظيم الشان "شهيد عوام محمد فاضل راهو ادبي ڪانفرنس" منعقد ڪئي وئي ڪانفرنس جي صدارت نامور اديب ۽ دانشور احمد سولنگي ڪئي جڏهن ته سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح محمد مري خاص مهمان طور شريڪ ٿيو.ادبي ڪانفرنس جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ٿي جنهن بعد قومي گيت پيش ڪيو ويو تقريب ۾ نامور مقررين ڊاڪٽر شير مهراڻي (چيئرمين سنڌي لئنگئيج اٿارٽي)، ميان مير خان چانڊيو، ڊاڪٽر اسماعيل ڪنير علي زاهد ، ڊاڪٽر مخمور بخاري، ۽ ٻين خطاب ڪندي شهيد فاضل راهو جي سنڌ جي حقن هارين ۽ مزدورن لاءِ ڪيل جدوجهد تي
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي: شهيد فاضل راهو جي ورسي جي سلسلي ۾ ادبي ڪانفرنس ۾ اديب ويٺل آهن

راڌڻ ۾ ڳوٺاڻي جو تعليم کاتي جي ڏيادتين ۽ نوڪرين ۾ نظر انداز ڪرڻ خلاف احتجاج

راڌڻ (ن ع) راڌڻ جو ڳوٺ قبول تيوڙا جو رهواسي فقير گلاب تيوڙي پاران تعليم کاتي جي ڏيادتين ۽ نوڪرين ۾ نظر انداز ڪرڻ خلاف معصوم ٻارڙن سميت اسڪول جي گيٽ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي فقير گلاب تيوڙو چيو ته ڳوٺ قبول تيوڙا جي بوائز پرائمري اسڪول قبول تيوڙا جو جيڪو پلاٽ آهي، اهو منهنجي
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

چونڊڪو پرسان هڪ ئي گهر جا 3 ٻارڙا ارڙي سبب فوت، ڪيترائي مرض ۾ ورتل

ڳوٺ ڪمبير شاهه بخاري ۾ ارڙي وڳهي محمد حسن، نبي بخش، علي بخش بوزدار حياتي وڃائي

زينب ڏيءِ الاهي بخش، عائشا ۽ رابعا سميت چار معصوم ٻارڙا خيرپور اسپتال ۾ داخل ٿيل

جيڪڏهن ارڙي تي ضابطو نه آندو ويو ته وڌيڪ معصوم زندگيون ان وبا جي ور چڙهي سگهن ٿيون: ڳوٺاڻا

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) خيرپور ضلعي جي چونڊڪو پرسان ڳوٺ ڪمبير شاهه بخاري ۾ گذريل 48 ڪلاڪن دوران بوزدار برادري جي هڪ ئي گهر جا ٽي معصوم ٻار ارڙي جي سٽ نه سهي فوت ٿي ويا.فوت ٿيل ٻارن ۾ محمد حسن پٽ ممتاز بوزدار جڏهن ته نبي بخش ۽ علي بخش بوزدار پٽ الاهي بخش شامل آهن جن جي ارچتي وفات ڳوٺ ۾ سوڳ جي فضا پيدا ڪري ڇڏي آهي ٻئي پاسي ساڳي وبا ۾ وڪوڙيل زينب ڏيءِ الاهي بخش، عائشا ۽ رابعا سميت چار معصوم ٻارڙا خيرپور جي سرڪاري اسپتال ۾ داخل آهن جتي سندن حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ خوف ۽ هراس ڦهليل آهي جڏهن ته ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن هن وبا تي فوري
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: ڪوٽڙي جي رهواسڻ ايس ايس پي آفيس آڏو احتجاج دوران ميڊيا سان

باقراڻي ٿاڻي جي لاڪپ مان نوجوان جو لاش هٿ اچڻ وارو مامرو

زبيدالله جي مبينا قتل جي ايف آءِ آر داخل نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

رشوت نه ڏيڻ سبب تشدد ڪري سندس موت، بعد ۾ خودڪشي جو ڊرامو ڪيو ويو:ورثا

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) باقراڻي ٿاڻي جي لاڪپ مان مهينو اڳ باقراڻي تعلقي جي ڳوٺ عبدالله لاشاري واسي نوجوان جو لاش هٿ اچڻ واري واقعي جي ايف آءِ آر داخل نه ٿيڻ تي پوليس جي مبينا ناانصافين خلاف نوجوان جي وارثن پاران پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي هنن ڊي ايس پي باقراڻي ۽ ايس ايڇ او باقراڻي خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي نوجوان جي پيءُ عبيدالله لاشاري پنهنجي سئوٽ هادي بخش ماڪن واجد علي
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ نادر علي جمالي جي خون سان انصاف نه ٿيڻ خلاف احتجاج

جمالي تنظيم پاران پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي

دادو پوليس نادر علي جمالي کي بيگناهه گولين هڻي قتل ڪيو آهي: مظاهرين

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ جمالي تنظيم پاڪستان ضلعي طرفان هفتو اڳ دادو پوليس هٿان مبينا مقابلي ۾ مارجي ويل سماجي اڳواڻ نادر علي جمالي جي خون سان انصاف نه ٿيڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو جتي هنن هٿن ۾ بئنر کڻي دادو پوليس خلاف نعريبازي پڻ ڪئي جنهن ۾ سياسي سماجي اڳواڻن ٽوڙي ڪارڪنن پڻ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي اڳواڻن اختيار علي جمالي،
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ڏڪڙي ۾ ڊجيٽل فراڊ جو خطرو وڌي ويو، شهرين کان رقم هڙپ ڪرڻ جا واقعا

صحافي توفيق راجپوت عمره لاءِ روانگي کان فورا بعد سندس نالي سان به جعلي آءِ ڊي ٺاهي ساٿين کان رقم طلب

معتبر شخصيتن ۽ سياسي اڳواڻ به متاثر ٿيا، فراڊ جا شڪار شهرين جو سائبر ڪرائم ڪان ڪارروائي جو مطالبو

ڏڪڙي (ن ع) ڏڪڙي شهر ۾ ڊجيٽل فراڊ جو خطرناڪ رجحان تيزيءَ سان پکڙجي رهيو آهي جتي پڙهيل ويندڙ شهرين جي نالن تي جعلي فيس بڪ اڪائونٽ ٺاهي انهن جي دوستن ۽ مٽن مائٽن کان رقم هڙپ ڪرڻ جي واقعن ۾ ڳڻتي جوڳي واڌ ڏسڻ ۾ اچي رهي آهي تفصيل موجب، جيئن ئي ڪو شهري عمره، حج يا ڪنهن ٻئي سفر لاءِ روانو ٿئي ٿو ته ٻئي ئي ڏينهن سندس تصوير ۽ نالي سان جعلي اڪائونٽ ٺاهي ويجهن دوستن کي فرينڊ رڪويسٽ
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ ۾ جسقم اڳواڻن کي کڻڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

آصف رضا مگسي ۽ مسعود شاهه کي پوليس کڻي گم ڪري ڇڏيو

پنهنجي اڳواڻن کي فوري آزاد نه ڪيو ويو ته پوري ضلعي ۾ احتجاج ڪيو ويندو:مظاهرين

سڪرنڊ (س ر) قانون لاڳو ڪندڙ ادارن پاران جسقم هائوس سڪرنڊ تي چڙهائي ڪري جيئي سنڌ قومي محاذ جي مرڪزي ترجمان آصف رضا مگسي کي کڻي گم ڪري ڇڏيو ٻئي پاسي خانزاده محلي سڪرنڊ ۾ ڪير جي ڏيري تي ڇاپو هڻي جسقم جي ضلعي جنرل سيڪريٽري مسعود شاهه کي پڻ کڻي گم ڪيو ويو آهي جنهن جو ڪارڻ ڪوبه نه ٻڌايو ويو آهي جڏهن ته شهر ۾ اهي چٽيول آهن ته سياڻي (اڄ) 17 جنوري سائين جي ايم سيد جي سالگرهه ۾
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم سنڌ يونائيٽيڊ پارٽيءَ اڳواڻن کي پوليس تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

ڪامريڊ محمد خان پنهور، سڪندر علي ملوڪاڻي ۽ امداد چانڊيو کي اڻڄاتل هنڌ منتقل

اسان ڪنهن کي به پنهنجي تحويل ۾ نه ورتو آهي ۽ نه ئي ڪا رستا روڪ ڪئي آهي:پوليس

ٽنڊو آدم (ن ع) ايس يو پي اڳواڻن کي پوليس تحويل ۾ وٺي ڇڏيو ڪارڪنن جي گرفتاريءَ لاءِ مختلف هنڌن تي چڙهايون رپورٽ موجب سٽي ٿاڻي جي پوليس سنڌ يونائيٽيڊ پارٽيءَ جي اڳواڻن اڳوڻي ضلعي
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد عدالت جو نيوسعيدآباد پوليس جي اڳوڻي ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ او خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم

نيوسعيدآباد(ت ر) هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بئنچ حيدرآباد پاران نيوسعيدآباد پوليس جي اڳوڻي ڊي ايس پي ۽ اڳوڻي ايس ايڇ او تي ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيوڪجهه وقت اڳ درخواست گذار ايڪسائيز پوليس مٽياري جي انسپيڪٽر جاويد ميمڻ سيشن ڪورٽ مٽياري ۾ اڳوڻي ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ او نيو سعيدآباد خلف پوليس ڊيوٽي ۾ رخنو
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: شهري پاڻي جي کوٽ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

پنوعاقل پرسان قتل ٿيل واجد عالماڻي جو چهڻ تي ڪيس داخل

پنوعاقل (ن ع) پنوعاقل پرسان ٻه ڏينهن اڳ هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ قتل ٿي ويل نوجوان واجد عالماڻي جي قتل جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي مقتول جي سئوٽ علي حسن عالماڻي جي فرياد تي ڪچي جي رضا ڳوٺ ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. ڳوٺ بکو مهر واسي ڪيس ۾ جنگا مهر پاڙي جي شريف ولد محمد خان جنگي عيدن عرف واجد ولد سوڍو جنگو مهر سميت ٻه نامعلوم ماڻهن معان داخل ڪيو ويو آهي

سکر جي مشهور ڊاڪٽر شاهد اقبال جو ننڍو ڀاءُ واثق اقبال لاڏاڻو ڪري ويو

سکر (بيورو رپورٽ) ڊاڪٽر شاهد اقبال کي صدمو پهتو آهي سندس نوجوان ڀاءُ فوت ٿي ويو آهي، سکر جي سياسي سماجي ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن جنازي نماز ۾ شرڪت ڪئي سوڳوارن سان تعزيت ڪئي، تفصيل موجب، سکر جي مشهور ڊاڪٽر شاهد اقبال جو نوجوان ننڍو ڀاءُ واثق اقبال خدا جي مرضي سان فوت ٿي ويو مرحوم جي جنازي نماز سول اسپتال ويجهو مسجد عثمان غني ٽي اينڊ ٽي ڪالوني ۾ ادا ڪئي وئي سکر جي سياسي سماجي، مذهبي ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن جن ۾ ڊاڪٽر پيرا ميڊيڪل اسٽاف ۽ معزز شهري شامل هئا وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ۽ سوڳوار ڊاڪٽر شاهد اقبال شاڪر اقبال ذيشان شاهد ۽ ٻين سان تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ مرحوم جي بلند درجن لاءِ دعا ڪئي الله مرحوم کي جنت الفردوس
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: هڪ هوٽل تي ڪاريگر چانهه ڪاڙهي رهيو آهي

پنوعاقل لڳ نامعلوم چور گهر مان موٽرسائيڪل ڪاهي ويا

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل لڳ سلطانپور ڪينٽ ٿاڻي جي حد ڳوٺ آدم خان گوپانگ مان نامعلوم چور ڳوٺاڻي محمد حسن گوپانگ جي گهر جي ڪاٽ هڻي 2023 ماڊل CDموٽرسائيڪل چوري ڪري ڪاهي ويا

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان نيشنل پيغام امن ڪميٽي جا اڳواڻ گڏ بيٺل آهن

حيدرآباد جي صحافي امتياز علي چانڊيو جو والد سرهو خان چانڊيو لاڏاڻو ڪري ويو

مرحوم جي جنازي نماز ۾ صحافين، سياسي سماجي اڳواڻن ۽ مٽن مائٽن جي شرڪت

لالارحمان سمون، خالد ڪوڪر، جنيد خانزادو، جڻ پرڪاش مورائي، اشرف شرما ۽ ٻين ڏک جو اظهار ڪيو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي سينيئر صحافي ۽ عوامي آواز حيدرآباد جي چيف رپورٽر امتياز علي چانڊيو ۽ صحافي اعجاز چانڊيو جو والد سرهو خان چانڊيو گذريل رات دل جو دورو پوڻ ڪري 90 سالن جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم جي جنازي نماز حيدرآباد جي
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

دادو عدالت ۾ امر رباب چانڊيو جي گهرياتين جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي

فريادي ڌر جي وڪيل پنهنجا دليل پيش ڪيا، ٻڌڻي 23 جنوري تائين ملتوي

8سالن کان ڌمڪين کي منهن ڏيان پئي، پنهنجي سر تي ڪفن ٻڌي نڪتي آهيان:امر رباب

اسان پنهنجي شاهدين تي مطمئن آهيون، باقي فيصلو عدالت ڪندي: سردار چانڊيو

دادو (ڊ ر) سنڌ جي نياڻي امر رباب چانڊيو جي ٽن گهرياتين ڏاڏي چاچي ۽ والد جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي دادو جي ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ ۾ ٿي گذري، ڪيس جي ٻڌڻي دوران امر رباب چانڊيو ڪيس جي
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ جسقم آريسر جي قيدين جي ايم سيد جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو

جسقم آريسر جي قيدين جيل اندر ڪيڪ ڪاٽي سائين جي ايم سيد جي فڪر کي ڀيٽا پيش ڪئي

سنڌ جي سمورن مسئلن جو حل جي ايم سيد جي جديد قومپرستي فڪر ۾ آهي: مهراڻ ميراڻي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) جسقم آريسر جي قيدين حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ سائين جي ايم سيد جي 122هين سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ان ۾ سهيل ميراڻي، مهراڻ ميراڻي، عدنان بلي جاويد منگريو دلبر ڏيري شعبان چانگ سميت ٻين قومي ڪارڪنن شرڪت ڪئي جسقم جي اسيرن حيدرآباد سينٽرل
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: پ پ سنڌ جو صدر نثار کهڙو مقامي اڳواڻ اظهر سيال جي رهائشگاهه تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽي رهيو آهي

سکر بئراج ۽ ڪينالن جي مرمت سبب پاڻي جي کوٽ، شهري پريشان

روهڙي، نارا، خيرپور، دادو ۽ کيرٿر ڪينالن جي صفائي ۽ بئراج دروازن جي مرمت جو ڪم جاري

درياءَ جي گهٽ پاڻي سبب شهر جي گهريلو پاڻي جي فراهمي متاثر ٿيڻ لڳي

اختيارين فوري قدم کڻي پاڻي جي منصفاڻي ورڇ ۽ متبادل انتظام يقيني بڻائين: شهري

سکر (بيورو رپورٽ) سکر بئراج ۽ ان سان نڪرندڙ ڪينالن جي صفائي ۽ مرمت جي ڪم دوران سنڌو درياءَ ۾ پاڻي جي سطح تمام گهٽجي وئي آهي. جنهن ڪري درياهه جي سڪي وڃڻ جو خدشو پيدا ٿي ويو آهي پاڻي جي کوٽ جا اثر سکر شهر جي مختلف علائقن ۾ به ظاهر ٿيڻ شروع ٿي ويا آهن جتي شهري پاڻي جي سخت کوٽ کي منهن ڏئي رهيا آهن ۽ ڪيترن ئي علائقن جا رهواسي هينڊ پمپ استعمال ڪندي ڏورانهن هنڌن تان پاڻي
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ عورت کي زخمي ڪري سون جون واليون ڦر ڪندڙ جوابدار گرفتار

صدر ٿاڻي جي حد ۾ ٿيل ڦر واقعي بعد پوليس جاچ دوران رشتيدار عورت کي پڪڙي ورتو

مقابلي دوران جوابدار عورت جو ڀاءُ زخمي حالت ۾ گرفتار، 11 سون جون واليون هٿ

جيڪب آباد (ڊ ر) عورت کي زخمي ڪرڻ بعد ڪائنس سون جون واليون ڦر ڪرڻ وارو معاملو، پوليس هڪ عورت سميت جوابدار کي مقابلي دوران زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتي سندن قبضي مان 11 عدد سون جون واليون هٿ، ڪيس داخل خبر موجب: ڪجهه ڏينهن اڳ جيڪب آباد جي صدر ٿاڻي جي حد ڳوٺ حاجي لکمير خان بروهي جي رهواسي مسمات سارا بروهي کان واڙ سيلاءِ اسڪيم پرسان سون جون واليون ڦر ٿيڻ ڪانپوءِ پوليس اهڙو ڪيس داخل ڪري
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: عورت کان واليون ڦرڻ جي الزام ۾ گرفتار ٿيل جوابدار عورت مريم ۽ رمضان پٺاڻ

راضيديرو ۽ پرياسي هٿراڌو مهانگائي خلاف شهرين جو احتجاجي مظاهرو

ڪاڏي ٻيڪي جي شين، گوشت، ڀاڄين ۽ ڦروٽن جي اگهن ۾ اضافو ڪيو ويو آهي:مظاهرين

اي سي ڪميٽي ۽ ضلعي انتظاميا انهن جي قيمتن تي ڪنٽرول ڪري رليف فراهم ڪري

راضيديرو(ن ع) راضيديرو ۽ پرياسي جي شهرن ۾ سعادتمين رجب واري عيد جي موقعي تي واپارين دڪاندارن پاران هٿراڌو مهانگائي ڪرڻ جا جن بوتلن سان نڪري آيا ڪاڏي ٻيڪي جي شين سميت ننڍن وڏن گوشتن سيڌي سامان جي ڀاڄين فروٽن سڀين جا اڳهه چوٽ چڙهيل مسڪين ماڻهو ٻٽي عذاب ۾ ورتل انتظاميه اکيون ٻوٽي ۾ ستل هجڻ سان گڏ اوڳاڙيءَ ۾ مصروف واپارين جا جاوا ضلعي خيرپور ۽ تعلقي گمبٽ جي ٻين علائقن
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ ڪني پاڻي جي تلاءَ مان عورت جو تشدد ٿيل لاش هٿ

هٿ آيل لاش کي پوليس ڪٽائي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو، جاچ شروع

حيدرآباد(ڪرائيم رپورٽر) حيدرآباد هٽڙي ٿاڻي جي حد ۾ ڪني پاڻي جي تلاءَ مان عورت جو تشدد ٿيل لاش هٿ آيو آهي جيڪو اطلاع تي پوليس ڪٽائي سول اسپتال مان پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد مرده خاني ۾ رکرايو آهي هٽڙي ٿاڻ جي پوليس موجب لاش تي وضع نموني تشدد جا نشان آهن نه شڪ آهي ته عورت کي ڪنهن قتل ڪرڻ بعد لاش اڇلايو آهي واقعي بابت جاچ ڪئي پئي وڃي

جيڪب آباد پوليس ۽ حساس ادارن جي گڏيل ڪارروائي، 7 ڇتا گرفتار

ڪوئيٽه روڊ تي ڪارروائي ڪندي سماجي برائي واري اڏي تي اوچتو ڇاپو هنيو ويو

ڇاپي ۾ خاور، عمير، غلام شبير، محمد سليمان، هزار خان مري سميت 7 ڇتن کي گرفتار ڪيو ويو

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي سٽي ٿاڻي جي پوليس ۽ حساس ادارن جي گڏيل ڪارروائي سماجي برائي واري اڏي تي ڪارروائي 7 ڇتا گرفتار شراب حقه شيشه هٿ، ڪيس داخل خبر موجب: جيڪب آباد جي سٽي ٿاڻي جي پوليس ۽ حساس ادارن جيڪب آباد جي ڪوئيٽه روڊ تي گڏيل ڪارروائي ڪندي سماجي برائي واري اڏي تي اوچتو ڇاپو هنيو جنهن دوران پوليس نوجوانن خاور پٽي عمير پٺاڻ غلام شبير شيخ، محمد سليمان بروهي هزار خان مري،
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: وفاقي راڄڌاني تي ڪڪرن جي ڪارونڀار جو هڪ خوبصورت منظر

ملڪ سميت حيدرآباد ۾ شب معراج عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

مسجدن گهرن ۾ عبادت ڪندي نفل نماز پڙهي الله سائين جي در دعائون گهريون ويون

شهرين قبرستانن ۾ وڃي پيارن جي قبرن تي گلن جي ورکا ڪري دعائون گهريون

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) شب معراج جي ڀلاري رات ۾ پوري دنيا سان گڏ سڄي ملڪ ۾ شب معراج عقيدت احترام سان ملهائيندي مسجدن گهرن ۾ عبادت ڪندي نفل نماز پڙهي الله سائين جي در دعائون گهريون ويون حيدرآباد ۾ به شب معراج جي ڀلاري رات عقيدت احترام سان ملهائيندي عبادتون ڪري دعا گهري وئي حيدرآباد ۾ سوين شهرين قبرستانن ۾ پهچي پنهنجن پيارن جي قبرن تي گلن جي ورڪا ڪندي الله سائين جي در دعائون
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ شڪر ملز جي ماحولياتي معائني دوران ايفلوئنٽ ٽريٽمينٽ پلانٽس جي فعاليت تصديق

مانيٽرنگ ٽيم عمران عباسي جي نگراني هيٺ شڪر ملز ۾ ماحولياتي قانونن ۽ معيارن تي عملدرآمد جو جائزو ورتو

معائني دوران فضلاڻي پاڻي جا نمونا گڏ ڪيا ويا، انتظاميه کي فلو ميٽر ۽ پي ايڇ ميٽر لڳائڻ جون هدايتون

سکر(بيورو رپورٽ) ماحوليات، موسمياتي تبديلي ۽ ساحلي ترقي کاتي جي سيڪريٽري جناب زبير احمد چنا ۽ ڊائريڪٽر جنرل سنڌ ماحولياتي تحفظ ايجنسي (سيپا) جناب وقار حسين ڦلپوٽو جي هدايتن تي سيپا سکر جي مانيٽرنگ ٽيم سکر انچارج عمران عباسي جي نگراني هيٺ سکر ريجن ۾ قائم شڪر ملز جي ماحولياتي جانچ پڙتال جو معائنو ڪيو هن معائني جو مقصد ماحولياتي قانونن ۽ معيارن تي عملدرآمد جو جائزو وٺڻ هو ان
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ ۾ ڀهرين ڪلاس جو شاگرد فدا حسين نوناري جي مبينه اغوا خلاف 4 ڪلاڪ ڌرڻو

شاگرد جي امڙ، والد، ڳوٺاڻن سڪرنڊ ٿاڻي اڳيان 4 ڪلاڪ ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي ڪئي

مان مسڪين آهيان مون کي اڪيلي پٽ جو اولاد آهي مون کي ٻچو واپس ڪرائي ڏيو: امڙ

اي ايس پي در تابش جي يقين ڏهاني بعد ڌرڻو ختم، صدف نوناري جي فرياد تي نامعلوم ماڻهن تي ڪيس داخل

سڪرنڊ (س ر) سڪرنڊ ۾ هڪ ڏينهن اڳ ڀهرين ڪلاس جو شاگرد فدا حسين نوناري جي مبينه اغوا خلاف سنڌس جيجل ماءُ صدف نوناري ۽ والد نور محمد ڳوٺاڻن شهرين سان گڏ سڪرنڊ ٿاڻي جي مين گيٽ آڏو 4 ڪلاڪ ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي فدا حسين جي جيجل امڙ صدف نوناري ٻارن ٻچي جي واپسي لاءِ اپ ڏارينڊڙ دانهون ڪري زارو قطار روئندي انتظاميه کي هٿ ٻڌي اپيل ڪندي چيو ۽ آهي ته خدارا مون کي پنهنجو ٻچو واپس ڪرائي ڏيو مان مسڪين آهيان مون کي اڪيلي پٽ جو اولاد آهي مون کي ٻچو واپس ڪرائي ڏيو سان ٻچي کي هاڻ تعليم کون ڊيارينڊس بس مون کي صحيح سلامت ٻچو واپس ڪرائي ڏيو ان موقعي تي احتجاج ۾ شريڪ اڳواڻ زمان نوناري ،
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ: عورتون احتجاجي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ويٺل آهن

لاڙڪاڻي ۾ پبلڪ هيلٿ جي ڪچي ملازمن جو پڳهارون نه ملڻ خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ کاتي جي ڊيلي ويجز ملازمن 6 مهينن جون رهيل پڳهارون جاري نه ٿيڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

پشاور: ڳڙ منڊي ۾ واپاري ڳڙ جون ڀوريون ڀري رهيا آهن

سڪرنڊ ۾ راهول جنڊاهوڙو جي قتل جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف وارثن جو احتجاج

جنڊاهوڙا برادري، سياسي، سماجي ڌرين قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي 3 ڪلاڪ ڌرڻو هنيو

23ڏينهن گذرڻ باوجود راهول جنڊاهوڙو جا قاتل سڪرنڊ پوليس گرفتار نه ڪري سگهي آهي:مظاهرين

سڪرنڊ (س ر) سڪرنڊ ۾ 23 ڏينهن اڳ نوجوان شاگرد راهول جنڊاهوڙو جو مبينه گم ٿيڻ بعد لاش هٿ اچڻ واري واقعي ۽ پوليس پاران قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف جنڊاهوڙا برادري جي سوين عورتن مردن ۽ سياسي سماجي ڌرين پاران قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ ۽ سڪرنڊ ٿاڻي آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري 3 ڪلاڪ ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي ڌرڻي ۾ راهول جنڊاهوڙا جو پيءُ بيجل جنڊاهوڙو ۽ سنڌس
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

شاگرد فدا حسين نوناري کي فوري طور تي بازياب ڪرايو وڃي: غلام قادر چانڊيو

قتل ٿيل راهول جنڊاهوڙو جي قاتلن کي جلد گرفتار ڪري وارثن سان انصاف ڪيو وڃي

ٻئي مسئلا نازڪ آهن، پوليس جي ڪا به ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي

سڪرنڊ (س ر) ايم پي اي غلام قادر چانڊيو سڪرنڊ ۾ شاگرد فدا حسين نوناري ۽ راهول جنڊاهوڙو جي احتجاجن بعد سڪرنڊ ٿاڻي تي پهچي پوليس جي اي ايس پي در تابش ۽ ايس ايڇ او امان الله سومرو کان واقعن بابت تفصيل ورتا. جنهن بعد ڪين هدايتون جاري ڪندي چيو ته شاگرد فدا حسين نوناري کي فوري طور تي بازياب ڪرايو ۽ قتل ٿيل راهول جنڊاهوڙو جي قاتلن کي جلد گرفتار ڪيو وڃي جنهن بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته ٻئي
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ سبزي خريد ڪرڻ آيل اڌڙوٽ شخص دل بيهڻ سبب فوت

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي علي گوهر آباد ٿاڻي جي حد سبزي منڊي واري علائقي ۾ سبزي خريد ڪرڻ لاءِ آيل اڌڙوٽ همراهه دل بيهڻ سبب فوت ٿي ويو اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٽائي چانڊڪا اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو جتي فوتي جي سڃاڻپ مراد واهڻ ڀاڙي واسي محمد حسن شيخ طور ٿي بعد ۾ اهڙو
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

خيرپور پرسان ڪوچ جي ٽڪر ۾ نوجوان فوت ٿي ويو، ڊرائيور گرفتار

قومي شاهراهه جي ڊرب ميهرشاهه تي ڪوچ جي ٽڪر ۾ شاهد علي اڄڻ فوت ٿي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٽائي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو، ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي

جوان روڊ ڪراس ڪري رهيو هو حادثو پيش آيو، ڪوچ ڊرائيور کي گرفتار ڪيو آهي:پوليس

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پرسان قومي شاهراهه تي ڪوچ جي ٽڪر ۾ نوجوان فوت لاش ڪمس اسپتال منتقل تفصيل موجب خيرپور پرسان قومي شاهراهه جي ڊرب ميهرشاهه تي ڳوٺ صابل اڄڻ واسي نوجوان شاهد علي اڄڻ مسافر ڪوچ جي ٽڪر ۾ فوت ٿي ويو آهي اطلاع تي پوليس پهچي فوتي نوجوان جي لاش کي ڪمس اسپتال گمبٽ منتقل ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته پوليس ڪوچ ۽ ڊرائيورکي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي ٻڌايو پيو وڃي ته فوتي نوجوان روڊ ڪراس ڪري رهيو هو ته ڪيس تيز رفتار مسافر ڪوچ ٽڪر هنيو نوجوان ٿڏي تي فوت ٿي ويو آهي جڏهن ته ضروري
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ ميڊيا سان مشاورتي اجلاس، انتهاپسندي خلاف تعاون تي زور

اجلاس جو مقصد ميڊيا سان باهمي اعتماد، صلاح مشوري ۽ تعميري ڪردار کي همٿي ڏيڻ آهي:ڊي سي

انتهاپسندي جو مقابلو صحيح معلومات، مثبت بيانئي ۽ شعور جي بيداري ذريعي ئي سگهجي ٿو

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي ڊپٽي ڪمشنر نور مصطفيٰ لغاري جي صدارت هيٺ ڊپٽي ڪمشنر آفيس ٽنڊوالهيار جي ڪانفرنس هال ۾ نيشنل پاليسي براءِ انسداد انتهاپسندي 2024 تحت ميڊيا نمائندن ، پريس ڪلبن جي نمائنده ۽ سوشل ميڊيا سان لاڳاپيل بااثر شخصيتن سان هڪ
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ صحافي ڪليم الله مگريو جي والد جي وفات تي تعزيت جو سلسلو جاري

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي ۾ صحافي ڪليم الله مگريو جي والد ۽ سنڌ پريس ڪلب جامشورو جي سينيئر نائب صدر محمد عيسيٰ مگريو جي چاچي جي
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

نئون ڳوٺ لڳ هٿيارن جي زور تي ٽن جڻن کان ڦر

نئون ڳوٺ (ن ع) نئون ڳوٺ پرسان رات قائم شاهه اڳرو آچي مسجد وٽ نامعلوم هٿيارٻند ڳڀرو هٿيارن جي زور تي روڊ بلاڪ ڪري راڌڻ واسي پوليس سپاهي امتياز زرداري، مشهور فنڪار شاهنواز
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

شب معراج موقعي تي ٽنهي ضلعن ۾ فول پروف سيڪيورٽي انتظام ڪيا وڃن:ڊي آءِ جي سکر

ڪنهن به ناخوشگوار واقعي کي منهن ڏيڻ لاءِ سمورا دستياب وسيلا استعمال ڪيا وڃن

مسجدن، امام بارگاهن، درگاهن، مزارن ۽ ٻين عبادتگاهن جوڙاري سيڪيورٽي انتظام ڪيا وڃن

سکر (بيورو رپورٽ) ڊي آءِ جي سکر رينج هدايتون جاري ڪيون آهن ته شب معراج جي مبارڪ موقعي تي سکر رينج جي ٽنهي ضلعن ۾ جامع انتظامي ۽ فول پروف سيڪيورٽي انتظام يقيني بڻايا وڃن ان حوالي سان هن پوليس آفيسرن کي خاص هدايتون ڏنيون آهن ۽ چيو آهي ته عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت کي هر قيمت تي يقيني بڻايو وڃي ۽ ڪنهن به ناخوشگوار واقعي کي منهن ڏيڻ لاءِ سمورا دستياب وسيلا استعمال ڪيا وڃن ڊي آءِ
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

سکر: پوليس پاران منشيات فلائڻ جي الزام ۾ گرفتار ڪيل نوجوان حراست ۾ بيٺل آهي

سيتارجا ۾ بدامني چوٽ چڙهيل، هڪ ڏينهن ۾ چوري جا 3 واقعا پيش

سيتارجا (ن ع) سيتارجا ٿاڻي جي حد ۾ چور بي لغام بڻجي ويا آهن هڪ ڏينهن اندر چوري جون مختلف هنڌن تان 3 وارداتون ٿي ويون آهن سيتارجا ٿاڻي جي حد ڳوٺ محمد دين باجوا مان محمد يعقوب باجوا جي گهر مان پلوڙ قسم جون چار بڪريون ،هڪ مينهن نامعلوم چور چوري ڪري فرار ٿي ويا جڏهن ته ڳوٺ
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ ميونسپل ڪميٽي ڳڙهي ياسين ۾ ڪرپشن اسڪينڊل، ٺيڪيدار گرفتار

2018واري ريفرنس ۾ نامزد ملزم محمد ابراهيم پنهور کي نيب سکر ڇاپي ۾ گرفتار ڪيو

ملزم تي سرڪاري فنڊن جي غلط استعمال، جعلي بلنگ ۽ رڪارڊ ۾ تبديلي جا الزام آهن

سکر (بيورو رپورٽ) تعلقي ميونسپل ڪميٽي ڳڙهي ياسين ۾ مبينا ڪرپشن اسڪينڊل هڪ ڀيرو ٻيهر سامهون آيو آهي قومي احتساب بيورو (نيب) سکر مديجي ۾ ڇاپي دوران ٺيڪيدار محمد ابراهيم پنهور کي گرفتار ڪري ورتو آهي تفصيل موجب گرفتار ٺيڪيدار محمد ابراهيم پنهور 2018 ۾ داخل ڪرايل ڪرپشن ريفرنس ۾ نامزد ملزم آهي جنهن خلاف الزام آهي ته هن
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

Oil & Gas Development Company Limited
ogdc the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP-ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-SYS-60-3485-308080869-2026	SAP ERP OPERATION SUPPORT SERVICES	02.02.2026 AT 1030 HRS
2.	OGDC-SCM-LH-PT-PNP-UCH 309595755-2026	SUPPLY OF BEARINGS	02.02.2026 AT 1130 HRS
3.	OGDC-SCM-LH-PT-SYSTEM-I9-309587071-2026	RAM AND STORAGE OF SAP SERVERS	03.02.2026 AT 1130 HRS
4.	OGDC-SCM-FC-PROJ-KPD-PWDS-309306831-2026	HIRING OF SERVICES OF ENGINEERING PROCUREMENT CONSTRUCTION & COMMISSIONING (EPCC) CONTRACTOR FOR PRODUCED WATER DISPOSAL SYSTEM AT TAY AND SONO/LASHARI FIELDS, SINDH PROVINCE	10.03.2026 AT 1100 HRS

EXTENSION IN BID
CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice published in newspaper(s) on **10.12.2025** and **01.01.2026,** it is notified that the bid submission/opening date of the following case (s) has been extended as follows:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-FB-CB-PROD-305531602-2025	SMART COMPLETIONS WITH ACCESSORIES AND SERVICES	26.01.2026 AT 1100 HRS
2.	OGDC-SCM-SERVICES-PNP-60-3476-308021648-2025	ATA-2026 JOBS AT UCH-II PLANT, BALOCHISTAN PROVINCE	26.01.2026 AT 1100 HRS

3. Bidders who have already submitted/ sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or discovery.ariba.com/profile/AN01562899621 for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
7. OGDC reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Jinnah Avenue, Blue Area, Islamabad, Pakistan.

ogdcl.com
No. 02/46

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.